ستارن پویان بوڑندڑ شخص

(پردیھي کھاڻیون)



پوَن سنڌي

نئوں نیاپو

ستارن پويان دو ٿند ٽ شخص

(پر ڏيهي کهاڻيون)

سنڌيڪار ۽ چونڊ

پوَن سنڌي

نئون نيا پو اڪيڊمي

سچل ڳوٺ، ڪراچي، سنڌ

ڪتاب جو نالو: ستارن پويان ڊوڙندڙ شخص
موضوع: پرڏيهي ڪهاڻيون
سنڌيڪار: پون سنڌي
تعداد: هڪ هزار
ڇاپو ڦهريون: نومبر 2015
پاران: نئون نياپو اڪيڈمي،
سچل گوٺ، گلشن اقبال ٽائون، ڪراچي سنڌ C-4
Ph#021-32624153, 34690389
Cell#0333-2311581

مُلهه اڇي ڪاپي =/200
سادي ڪاپي =/150

ارپنا

آئيندي جي
انسان جي نانءِ!
جنهن جي هٿ ۾
نه هٿيار هوندو
۽ نه دل ۾ نفرت.
فقط محبت ئي
سندس مقصد،
منزل ۽ سجاٽپ هوندي

- يوَن سنڈي

ستاءُ

- پبلشر جو نوٽ: سنڌي انعام/ 5
- مهاڳ: حفيظ ڪنير/ 7
- سنڌيڪار پاران: پوَن سنڌي/ 11

ڪهاڻي	هولي	ليکڪ
1. جنين ڪاڻ جياس	آرمينيا	سيروخانزادئين/ 15
2. مئي جو تهوار	فلپائني	نڪ جوڪئين/ 23
3. ابابيل هيٺ اُڏرن ٿا	آرميني	گيگم سيون/ 38
4. تتل شيشي جو عڪس	ترڪي	سلام بن رزاق/ 55
5. ستارن پويان ڊوڙندڙ شخص	آرميني	ڊيرينڪ ڊيمرشين/ 62
6. لگ منهنجا لوهه	مرائي	يانڪيش ماڊوڪر/ 91
7. نئين نسل جي واپسي	عبراني	اموس موسينس/ 97
8. تنهنجي دنيا سپ رنگ	برمي	زواگئي / 107
9. اباڻا ڪک	آمريڪي	سمرسيٽ ماهام/ 115
10. للي جي نندڙي دنيا	ملائي	هوانگ هئي/ 122

پبلشر جو جونوٽ

ڪهاڻيون اصلوڪيون هجن يا اُلٿو ڪيل. ٻنهي جو مزو ساڳيو ئي من ۾ پاوڪ هوندو آهي. ها پر، ليڪڪ ۽ مترجم: لکت، ٻولي ۽ گرامر جا واڌوڄاڻو هجن تہ پوءِ ٻنهي ۾ ڪا وڏي وٿي باقي نٿي رهي...

جڏهن تہ اهو ٻہ اسان آڏو آهي تہ، ڪوڙ سارا سنڌي ليڪڪ اڻ گهڙيا ليک لکي پيا گد گد ٿين تا ۽ بلڪل انهن جيان ئي مترجم پڻ انڊو ڪاڻو ترجمو ڪري واهہ واهہ لئہ پيا واجهائن...

پر هت ايئن ناهي! هي ڪتاب جيڪو اوهان جي هٿن منجهہ اچي ويو آهي سو بلڪل ٻہ هڪ ڌار پاسو پَسائي ٿو...

هن ڪتاب جون ڪهاڻيون پڙهندي اوهان کي بلڪل ٻہ ايئن نہ لڳندو تہ ڪو اوهان کن ڌارين ٻولين جون ڪهاڻيون پيا پڙهو...

هر ڪهاڻي اوهان کي پنهنجي ڀر پاسي چر پر ڪندي ڪنڪندي ۽ ان جو سنڌي جڙاءُ اهڙو جو اوهان ان کي ترجمو چوڻ کان پيا ڪيبهائيندا...

۽ اهو ئي پون سنڌيءَ جو ڪمال آهي جو پهريان تہ هو ڪهاڻيون ئي اهڙيون چونڊي ٿو جو جهڙيون پنهنجي ڏيهہ جون ۽ مٽان وري اهڙو تہ دل جي لڳاءَ وارو ترجمو ٿو ڪري جو پڙهندي اصل

من موهي ٿو وجهي...

هن ڪتاب: "ستارن پويان ڊوڙن شخص" سان گڏ نئون نياپو پاران سندس هڪ ٻيو ڪهاڻي ڪتاب: "درد بڻيو دلربا" پڻ پڌرو ڪيو ويو آهي...

ڀ هاڻي اهڙي پڪ جاڻو ته نئون نياپو ڀ يون سنڌي ب گڏ گڏ هوندا، اهڙي اسان جي سوچ آهي... ڀ ڪوشش پڻ آهي...

ڪتاب پڙهي پنهنجي راءِ کان آگاهه ڪرڻ نه وساريندا.

اوهان جو

سنڌي انعام

چيئرمين

نئون نياپو اڪيڈمي

پون سنڌي
دنيا جي طرف دري کولي ٿو

ازرا پائونڊ چيو هو ته اعليٰ ادب جو دور اصل ۾ ترجمن جو دور ئي هجي ٿو. شايد اها ڳالهه هُن ان حوالي سان ڪئي هجي ته ٻين ٻولين جو سنو ادب ترجمي ذريعي ڪنهن نئين ٻولي جو ويس ڏڪي سرحدون ڇڏي ملڪ اُڪري ويندو آهي ڇو ادبي شاهڪارن جي نه صرف مقامي حيثيت ٻه ختم ٿي ويندي آهي ته انهن تان ڪنهن هڪ ٻوليءَ جي پابندي ٻه ختم ٿي وڃي ٿي. مقامي حيثيت ختم ٿيڻ مان مراد آهي ٻين الاقوامي حيثيت اختيار ڪرڻ لڳن ٿا. ترجمي بابت ڏگها بحث آهن ترجمي ۾ "تخليق" جو عنصر ڪيترو شامل هجي ٿو؟ ترجمون ٻئي ادب جو پڙاڏو هوندو آهي يا ترجمو ڪرڻ ٻه لکڻي آهي؟ سروانتي چيو هو ته Translation is the other side of tapestry.

ايمرسن جنهن چيو هو ته مون کي ترجمو پڙهڻ ۾ ڪابه هڪ نه ٽيندي آهي ڇو آءٌ سڀ سڻن ڪتابن جا ترجما ئي پڙهندو آهيان. ڪنهن ٻه ڪتاب ۾ جيڪو ٻه سنو لکيل هجي ٿو اهو ترجمي جوڳو هوندو آهي.

پلي ترجمي ڇو تخليق ۾ زمين آسمان جو فرق هجي، پر ترجمي جي اهميت ڇو ان حساس ڪم کان انڪار ڪرڻ ناممڪن آهي. ترجمي جو ڪم دنيا ۾ تحريڪن جو محرڪ بنيو آهي. مثال طور يورپ ۾ جڏهن

بائيبل جو ترجمو ٿيو ته ان تان مذهبي طبقن جي اجاره داري ختم ٿي ۽ مقامي ٻولين/انگريزي ۾ ترجمي سبب بائيبل عام ماڻهن جي پهچ ۾ سنڌون سڌو اچي ويو جنهن ڪري ماڻهو ان جو مطالعو ڪري سماج جي گردن تي سوار اتان جي مذهبي طبقن کان سوال ڪرڻ/پڇڻ جي لائق بنيا. عيسائيت پروٽيسٽنٽزم ۽ ڪٿولڪزم ۾ ورهائجي وئي ۽ سماج عقليت جي راهه اختيار ڪرڻ طرف وڌيو.

ڪنهن دور ۾ مذهبي طبقن ۾ ترجمي جهڙي فن سبب خوف طاري هوندو هو ۽ مذهبي طبقا مقدس ڪتابن جي ترجمن جي خلاف ڪفر جون فتوائون ڏيندا هئا. ڇو ته ترجما ئي علم کي عوام طرف وٺي ويندا آهن.

ترجمي جو فن ساڳئي وقت ٻولي جي رکاوٽ سبب حساس ۽ ڏکيو به هجي ٿو. هڪ ٻولي جا اکر کهرا، اکاڙا، لفظ ٻي زبان ۾ منا، سهٽا، پوشاڪ پاتل ٿي سگهن ٿا. هڪڙي جاگرافيائي خطي جي آرٽ کي ٻي جاگرافيائي خطي ۾ اگهائڻ ڏکيو ڪم آهي. ان لاءِ لغوي ترجمي کان وڌيڪ تشريحي ترجمي کان به ڪم ونٽو پوي ٿو ۽ اهو مڃيل سچ يا تسليم شده حقيقت آهي ته شاعري جو ترجمو هڪ اڻ ٿيٽي ڳالهه آهي. انهي ڳالهه کي مدِنظر رکندي سيموئل جانسن چيو هو ته "شاعري جون خوبصورتيون ۽ حسناڪيون اسان ٻي زبان ۾ محفوظ نٿا رکي سگهون، سواءِ ان زبان يا ٻولي جي جنهن مراها تخليق ڪئي وئي آهي.

ان ڳالهه کي ذهن ۾ رکي اسان چئي سگهون ٿا ته شاعري ئي آهي جيڪا ترجمي ۾ ضايع ٿي سگهي ٿي، پر اهو رسڪ فِڪشن يا نثر ۾ نٿو رهي.

هندستان ۾ جديد لٽريچر جي نشونما پويان ترجمي نگارن جي وڏي محنت هئي ۽ اهو جديد يورپي لٽريچر ترڪي مان هندستان پهتو. انهي ڪانپوءِ روسي انقلاب ۽ ڪميونسٽ پارٽي آف انڊيا جي قيام ڪانپوءِ، انهي پس منظر ۾ لکيل لٽريچر هندستان ۾ متعارف ٿيو. اوهان سنڌي لٽريچر جي تاريخ کي ڪٽندؤ ته جديد لٽريچر تي ترجمن ذريعي پوندڙ اثر، انهن ترجمن ذريعي متعارف ٿيندڙ نيون صنفن وغيره بابت اوهان کي جاڻ ملندي.

يوَن سنڌي، سنڌي ادب- شاعري ۾ هڪ سينئر نالو آهي. اسان کان سينئر هن دوست کي اسان سنڌي ٻارڙن جي رسالي ۾ تڏهن پڙهندا هئاسون، جڏهن اسان خود ٻار هئاسون هن جي شاعري کانسواءِ سندس ترجمون ٽيل پرڏيهي کهاڻين جو مجموعو "گوري گهاگهر ۽ گوندر" جي نالي سان ٻيو پيرو تازو ڇپجي چڪو آهي. اوهان جي هٿن ۾ سندس محنت جو هي ثمر ڪتابي شڪل ۾ آهي. کهاڻين جو هي مجموعو ڏهن کهاڻين تي مشتمل آهي. جنهن ۾ امريڪي، فلپيني، ترڪي، آرميني، ملئي... کهاڻيون شامل آهن. پون سنڌي جيئن ته سنڌ جي لاڙ خطي سان تعلق رکي ٿو جتي سنڌي ٻولي وٽ لفظن جو ذخيرو گهٽو آهي. پون جيئن ته لکڻ پڙهڻ جي سفر جو پراڻو مسافر آهي ان ڪري هن جي کهاڻين جي چونڊ تي اکيون پوري اعتبار ڪري سگهجي ٿو. هن مجموعي ۾ به هن جي بهترين سليڪشن نظر اچي ٿي.

توڙي جو هي کهاڻيون مختلف رسالن ۾ اڳ ۾ ڇپجي چڪيون آهن، پر نڙ پکڙ کهاڻين توڙي ڪنهن به ٻي مواد کي، ڪتابي صورت جي هر وقت ضرورت ان ڪري هجي ٿي، جو هڪ پڙهندڙ جي پهچ ليکڪ يا ڪتاب تائين آساني سان ٿي وڃي ٿي ۽ هن ڪتاب ذريعي پون سنڌي پرڏيهي فڪشن تائين پنهنجي پڙهندڙن جي پهچ آسان بنائي آهي.

هنن کهاڻين پڙهڻ وقت يقيناً اوهان تي مختلف قومن، انهن جي ڪلچر، وهمن وسونن، اظهارڻ جي طريقن جي دري به ڪلندي، ته دنيا جي گولي جي ٻين حصن تي رهندڙ ماڻهن، ڪردارن سان اوهان جي ملاقات به ٿيندي. اهڙن جذبن دردن، ڏکن، خوشين، خواهشن جا عڪس اولڙا به نظر ايندا، جن جي ڪا سرحد ناهي. جيڪي انسان ذات جو گڏيل اثاثو به آهن ته گڏيل الميا به آهن. جيئن آرميني کهاڻي جي پوڙهي نوسراد جو پنهنجي پٽ لاءِ ورهين جي ڪيل انتظار يا سالن جي اوسيئڙي کي سندس پُٽ هڪ رات لاءِ اچي پٽ ڏئي، نوسراد سان ملڻ ڪانسواءِ هليو ٿو وڃي. ائين پون سنڌي "للي جي ننڍڙي دنيا" نالي ملئي کهاڻي جي ترجمي ۾ اسان کي اهڙي ڇوڪريءَ ۽ مزدور جي ڪردارن طرف سنڌي ٻولي جي ميڊيم ذريعي ٻڌائي ٿو. جنهن ۾ للي جي ڪمٽمنٽ هڪ معذور مزدور سان

آهي ۽ هن جي سڃي دنيا اهوئي معذور شخص اهي جيڪو صنعتڪار جا سرمائيدار جي بي حسي جو شڪار آهي.

فوڪ لور Folk lore دنيا جي قومن جو گڏيل اثاثو. انهن قومن جي فوڪ لور ۾ عجب هڪ جهڙايون آهن. هنن ڪهاڻين ۾ اوهان کي فلپيني ڪهاڻي ۾ آرسي متعلق عجب سنوڻ ساڻ، يا وهم بيان ڪيل ملندا ۽ اوهان آرسي بابت سنڌ جي ڳوٺن شهرن ۾ ملندڙ جلندڙ سنوڻ ساڻ، وهم گمان اڪثر ٻڌا هوندا.

آڻ اهو چوندو آهيان ته سطحي ۽ رجعتي تخليق کان اهي ترجما هزار ڀيرا بهتر آهن جيڪي اسان کي ثقافتي ڪوهيڙي کي توڙي ڪنهن روشني طرف وٺي وڃن.

ڀون سنڌي- اسانجو پيارو، جنهن محنت مستقل مزاجي سان انهي ڪم کي سرانجام ڏئي رهيو آهي. ان لاءِ يقيناً هو جس لهڻي . سندس هي سالن جو پورهيو هڪ ڪتاب جي صورت ۾ يقيناً اسان جي انهن پڙهندڙ نوجوانن جي ذهني اڇ لاهيندو، جيڪي دنيا جي فڪشن کي پڙهڻ چاهين ٿا ۽ ڪنهن ٻولي مان ٿيل ترجمو ماڻهن/پڙهندڙن کي تقابلي مطالعي جو موقعو ٻه ڏئي ٿو.

ڀون سنڌي جو هي ترجمو ٿيل ڪم يقيناً اسان کي ان تقابلي مطالعي ۽ تجزئي جو موقعو ڏيندو ته هن وقت اسان جو سنڌي فِڪشن شارٽ اسٽوري ڪٿي بينل آهي؟

- حفيظ ڪنير

حيدرآباد
15 سيپٽمبر 2015ع

پرڏيهه ۾ بهسا ڳيو پرين

هر قوم جو پنهنجو مزاج ۽ ماحول آهي. اُنهن جون پنهنجيون ريتون رسمون ۽ رهڻي ڪهڻي جو انداز آهي. پيار، نفرت، جذبا ۽ رويا جيتوڻيڪ ڏرتي جي سمورن انسانن سان ڳانڍاپيل آهن، پر پوءِ بہ هر قوم جو اُنهن جي اظهار ڪرڻ جو انداز ۽ طريقو الڳ آهي. ادب مجموعي طور تي هر قوم جي انهن سڀني حقيقتن ۽ لاڙن جي اظهار جو نالو آهي ۽ اُن جو ذريعو ان قوم جي ٻولي سان واڳيل آهي.

اسانجي سنڌي ادب جي ڪيتر ۾ جيتوڻيڪ ڪهاڻي جي عمر ايڏي وڏي ڪونهي، پر اُنجو پنهنجو هڪ الڳ مقام ضرور آهي. اسانجو ڪهاڻيڪار انسان جي لطيف جذبن، احساسن، مزاج، ماحول ۽ ڏرتي جي دردن ۽ انسان جي ابدي خوشين کي ڪلا جو روپ ڏئي پاڻ پتوڙي رهيو آهي.

پر ڳالهہ صرف اتي ختم نٿي ٿئي. ڪنهن ادب جي شاهوڪار هئڻ جو اندازو رڳو ان مان نٿو ڪري سگهجي تہ اسان وٽ ڪيترو ادب تخليق ٿئي ٿو. پر اُن لاءِ اهو بہ لازمي آهي تہ اسانجي ادبي ڪيتر ۾ پرڏيهي ادب ڪيترو ترجمو ٿيو آهي؟ ۽ پرڏيهي ادب جي پيٽ ۾ اسان ڪٿي بيٺا آهيون؟ پنهنجي ٻولي جي ڪهاڻين کي ادبي ۽ بين الاقوامي معيار تي ڪٽڻ لاءِ پرڏيهي ادب جي ڄاڻ تمام ضروري آهي.

مون اهو ڏهن ۾ رکي پر ڏيهي ادب مان چونڊ ڪهاڻيون ترجمو ڪيون آهن، جيڪي اوهان وٽ ڪتاب جي شڪل ۾ موجود آهن. منهنجي ترجمي ڪرڻ جو مقصد ادبي پورهيو ته پنهنجي جاءِ تي آهي ئي پر ان جو اصل مقصد اهو آهي ته، هڪ ته اسانکي خبر پوي ته دنيا ۾ ڇا لکجي رهيو آهي ۽ ٻيو ته، اسانکي اها خبر پوي ته پر ڏيهي ڪهاڻي جي ڪيتر ۾ اسانجي ڪهاڻي ڪيترو پاڻ موکيو آهي ۽ ان ۾ فني توڙي ستاءُ جي لحاظ سان ڪهڙين تبديلن جي ضرورت آهي.

منهنجي هي ننڍڙي ڪاوش جيڪڏهن انسان جي اندر جي ياونائن کي سمجهڻ ۽ سموري انسان ذات جي دردن ۽ خوشين جو احساس اوهان جي من ۾ جاڳائي، اوهان جي راهه ۾ ڏيئا روشن ڪري ٿي ته آئون سمجهندس ته منهنجي پورهيئي سڦلتا ماڻي.

ترجمو ڇا آهي؟ اُهو ڪيتريقدر تخليقي پورهيئي جي ياڳي ۾ اچي ٿو؟ ترجمي جو فن، ٽيڪنڪ، هولي، ڏاڻءِ ۽ اُن جي افاديت ۽ اهميت هڪ الڳ موضوع آهي، جنهن تي هڪ جدا ڪتاب لکي سگهجي ٿو.

منهنجي هن قلمي پورهيئي کي پڙهندڙ ۽ نقاد ڪيئن ٿو سمجهي؟ آءٌ ان لاءِ بالزڪ جي هن مشهور قول سان متفق آهيان ته مان پاڻ تي ٻي جي ڪيل تنقيد (راءِ) جي حق جو احترام ڪريان ٿو.

يُونءِ جو بندو

يوَن سنڈي

20 سيپٽمبر 2015ع حيدرآباد

Email: bhawansindhi1@gmail.com

ستارن پویان دو ژند ژ شخص

(پرڈیھي کھاٹیون)

جنين کان جياس

سيرو خانزادئين

پوڑھو نوسراد چاڑھيون لهي اکروٽ جي وڙ هينان ٽڪ پيڙ لاءِ اچي وينو. هن پگهر سڪائي پرسان وهندڙ چشمي مان منهن کي پاڻي جا چنڀا ئي مس هنيا جو هن پنهنجي اڳواڙ جو آواز ٻڌو. جيڪو هن کي سڏي رهيو هو. "اونو سراد! تنهنجو پٽ ارشڪ واپس موٽي آيو آهي."

"چا چيئي!؟" پوڙهي حيرت ۾ خوشي محسوس ڪندي چيو ۽ پوءِ چيلهه کي هٿ ڏيئي سڌو بيهڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو. هو سڌو اُن طرف ڏوڙيو جتي سندس اڳواڙ بينو هو. جنهن فقط هڪ جملو ڳالهائي سندس سالن جي وڇوڙي کي کن پل ۾ مٽائي ڇڏيو هو. "چا واقعي؟ هو ڪيڏي مهل پهتو آهي؟؟ هو ڪٿي آهي؟؟؟" هن يڪ ساهي سيڻ سوال ڪري ڇڏيا.

هو ڳوٺ ۾ اچي چڪو آهي. مون پاڻ هن کي اکين سان ڏٺو آهي. نوسردار تون ڏاڍو خوش نصيب آهين جو خدا توکي سلڇڻي ۽ سندر پٽ سان نوازيو آهي!".

نوسراد کي لڳو ته سج اڳي کان ڏهه ڀيرا وڌيڪ چمڪي رهيو هو. هن پاڻ کي هوا جي پرن تي اُڏامندو محسوس ڪيو. هن جي دل خوشي ۾ نٽي ماپي.

نوسراد جيئن ئي ڳوٺ ڏانهن نهاريو ته خوشي مان ٻهڪي اُٺيو ۽ پوءِ هو انگورن جي وڙ ڏانهن مڙيو.

هن ارشڪ کي گذريل ڏهن سالن کان ڪونه ڏٺو هو. هو هر سال روڍ تي آسوندي اکين سان نهاريندو هو. هن سندس وڇوڙو ڪيڏي نه وڏي گجي سان برداشت ڪيو هو ۽ هاڻ.... هنجي انتظار جا ڏينهن ختم ٿي

چڪا هئا. "ارشڪ ڏاڍي سڻي وقت تي موٽيو هو. باغ ۾ ميوو به پڇي چڪو هو ۽ هو؟ هيل به هميشہ جيان پيارو ۽ وٽندڙ لڳندو هوندو." هن من ئي من ۾ سوچيو.

نوسراد جو ڳوٺ ۾ ڪو به مائٽ باقي نہ رهيو هو. هن جي زندگي ڪا سڪي ڪو نہ گذري رهي هئي. هن ڪي پنهنجو ڪو به پٽ ڪو نہ هو ۽ هن جي زال ڪي گذاري ڪافي سال ٿي چڪا هئا. هن جا ياءُ ۽ ياڄائي جنگ سبب پيدا ٿيل ڏڪار ۾ مري ڪپي پويان ارشڪ ڪي اڪيلو ڇڏي ويا هئا.

پوڙهي نوسراد پرسان پيل ڪوڏر ڪنڌي ۽ زمين کوٽڻ شروع ڪئي. ڏرتي ڳنل هئي ۽ اُن مان شراب جي ٻيني ٻيني خوشبوءِ اُٽي رهي هئي. هن متڪو کوٽي ٻاهر ڪڍيو جيڪو هن ڏهہ سال اڳ پوريو هو ۽ هن ڪي اُنجي ٽڏي ڇهاءُ ڏاڍو سرور پهچايو. ٻيني ٻيني خوشبوءِ اندر ۾ اوتيندي هن مرڪي ڏنو ۽ پنهنجو پاڻ ڪي چوڻ لڳو: "هاڻ تہ اهو شينهن جي ڪير ۾ تبديل ٿي چڪو آهي"، هن ڪي ياد آيو تہ ندي ڪناري چانهيون هاڻ پڇي چڪيون هيون. هن واڙي مان چانهي پتي ۽ اُن تان چاندي جهڙي مٽي هٽائي صدري جي پلئہ سان صاف ڪري پنهنجي منهن اُن جي تعريف ڪرڻ لڳو: "منهنجي ارشڪ ڪي چانهي تمام گهڻي وٽندي آهي" ۽ پوءِ هن چانهي ڪي چتي هڻي اُنجي مٿي هئڻ جي پڪ ڪئي. اُن کان پوءِ هو انجير جي وڻ ڏانهن ويو ۽ سور کائي ٻہ اُنتي چڙهي انجير پٽيا ۽ منا انجير چونڊي ٿيلهي ۾ وڌا.

تنهن کان پوءِ نوسراد ندي جي ڪناري ڏانهن ويو جتي هن جو ننڍڙو گهيٽو پئي ڪڏيو جنهن کي هن هڙي موقعي لاءِ بچائي رکيو هو ۽ لاڏ ڪوڏ مان پاليو هو.

"ارشڪ گهر پهچي چڪو هوندو! آءٌ شايد هن ئي ڏينهن لاءِ زندهہ هئس"، نوسراد پنهنجو پاڻ کي چيو ۽ اهو چوندي هن گهيٽي کي چميو جيڪو پي پي ڪري رهيو هو.

"مون کي هاڻ هلڻ گهرجي"، نوسراد من ئي من ۾ خوشي محسوس ڪندي پاڻ سان ٻالهائڻ لڳو: "ارشڪ هاڻي گهر ۾ ئي هوندو."

هن ڳوٺ کي ويجهو پوندڙ پيچرو ورتو. ڳرو ٽيلهو هن جي کلهن ۾ لٽڪي رهيو هو. شراب مٽڪي ۾ لڏي رهيو هو ۽ جڏهن ته ڪچڙو ۽ پيارو گهيٽو ڪيڏي مهل هن جي پويان ته ڪيڏي مهل اڳيان ڪڏندو هليو پي.

"ايترو صبح سوير ڪيڏانهن وڃي رهيو آهين؟" رستي لنگهندڙ ماڻهن کائنس پڇيو ٿي.

"ارشڪ ڳوٺ آيل آهي" پوڙهي فخر مان جواب ڏنو ٿي. رستي ۾ پوندڙ هر وڻ، ٻوٽي، پهاڙ ۽ چشمي هن کي ارشڪ جو ننڍپڻ ياد ڏياريو ٿي. هن کي اُهي ڏينهن ياد پيا جڏهن هو ننڍڙي ارشڪ کي کلهن تي ويهاري پهاڙن تي چڙهندو هو. هو هن پٿر تي گهڙي پل ساهي پٺڻ لاءِ ويهندو هو ۽ پنهنجن هٿن سان هن کي پنير جو پيالو پيارندو هو ۽ سندس نڪ مان وهندڙ سنگهه کي پنهنجي صدري جي پلئه سان اُگهندو هو. هي چشمو ارشڪ کي ڏاڍو وڻندو هو. هو ارشڪ کي آڳر کان جهلي چشمي ڪناري وٺي ويندو هو ۽ ارشڪ جو جهڪي چشمي مان پاڻي پيئڻ اڄ به هن کي چڱي پر ياد هو. پوڙهي نوسراد جي اکين آڏو چشمي جي پرسان اُن باغ جو نظارو گهمڻ لڳو جيڪو سدائين ميوي سان پريو پيو هوندو هو ۽ پت- جهڙ ۾ به سرسبز رهندو هو. اُن وقت ارشڪ لڳ ڀڳ ستن سالن جو هو ۽ شرارت مان چيري جي وڻ تي چڙهندي ڪري پيو هو ۽ سندس ٽنگ ڀڄي پيئي هئي ۽ هو ڪيئن نه ڊوڙندو جلدي هن کي ڪٽي ڊاڪٽر وٽ علاج لاءِ وٺي ويو هو.

اُن کان پوءِ هن جي ذهن تي اُهو سڀ سامان تري آيو جيڪو هن ارشڪ جي شهر ۾ پڙهائي جو انتظام ڪرڻ لاءِ وڪيو هو. ڪيڏا نه سور سهي هن ارشڪ کي يونيورسٽي مان گريجوئيشن ڪرائي هئي ۽ وڌيڪ تعليم لاءِ سندس ماسڪو جو خرچ برداشت ڪيو هو.

پوڙهو نوسراد پنهنجن ڳوناڻن کي اڪثر ارشڪ جي ذهانت، قابليت ۽ نوڪري جي نٽ بابت ٻڌائيندو هو. هو کين ارشڪ جي وڏي ڪار ۽ ڪشادي ۽ عاليشان بنگلي بابت ٻڌائيندي خوشي ۾ نه ماپندو هو.

پوڙهو نوسراد جلدي ڳوٺ پهچڻ لاءِ اُتاولو هو. شراب مٽڪي ۾

ڇلڪي رهيو هو ۽ پيارو ۽ معصوم گهيٽو سندس پيرن جا نشان وٺي هلي رهيو هو.

۽ نيٺ هن جي انتظار جي گهڙي ختم ٿي. هاڻ هو پنهنجي ڳوٺ پهچي ويو هو. گهر جي اڳيان ارشڪ جي ڪار بيٺل نہ ڏسي هو ڪجهہ دير لاءِ پريشان ٿي پيو ۽ حيرت مان سوچڻ لڳو: "هو سڏو هيڏانهن ڇو ڪو نہ آيو؟" پر وري پنهنجو پاڻ من ئي من ۾ ان جو رد ڪندي چوڻ لڳو: "آڻ بہ الائجي ڇا سوچي رهيو آهيان! رستي تي هيڏا سارا پٿر آهن. جي هيڏانهن گاڏي وٺي اچي ها تہ ٽائر پنچر ٿي پون ها. چڱو ٿيو جو گهر تائين ڪار ۾ نہ آيو."

هن جي ڪچي متي مان ٺهيل گهر ۾ پڪي سرن جو ٽلهو جبل جي لاهي تي سرڻ جي آکيري جيان لڳو ٿي. هن اڳڻ ۾ داخل ٿي متڪو ۽ ٽيلهو ٽلهي تي رکيو ۽ پوءِ گهيٽي جي اڳيان مٽ ڪن گاهہ جو رکي ارشڪ جو انتظار ڪرڻ لڳو. هن کي پنهنجي پوري زندگي ۾ پهريون پيرو پنهنجو گهر ڏٺل، پراٽو ۽ قابل رحم لڳو.

"ٺيڪ آهي! هي ارشڪ جو بہ گهر آهي، هي اُهوئي گهر آهي جتي هو وڌيو ويجهيو هو. هن کي پنهنجي گهر کي ڏسي پلا ڇو شرم محسوس ٿيندو؟" هو ائين خيال ڪري پنهنجو پاڻ کي مطمئن ڪرڻ لڳو ۽ اڳڻ ۾ واقع ننڍڙي باغ کي صاف ڪرڻ لڳو.

"نوسراد! ارشڪ جي موٽي اچڻ جون ڪيرون هنجئي." پاڙي جي پوڙهي عورت پوڙهي نوسراد ڏانهن نهاريندي چيو.

نوسراد خوشي مان ٻهڪي اُٺيو. "مهرباني شل تنهنجو نائي بہ جلدي پرديس مان موٽي اچي".

"مون ارشڪ کي ڏٺو اهي"

"ڇا هو هتي آيو هو؟"

"نہ. آڻ شهر ۾ سين جي پڙي وٽ ويئي هئيس جو مون هن کي فارم جي آفيس جي ٻاهران بيٺل ڏٺو هو. ڪيڏو نہ وڏو ٿي ويو آهي. شڪل ۾ تہ شهزادن کي بہ ماري. آڻ تہ هن مان اکيون ئي نہ پيئي ڪيي سگهان! خدا توکي بخش ڏي!".

"مهرباني" پوڙهي نوسراد جذبات ۾ ٻڏل ڳري آواز ۾ چيو. هن اُتساهه ۾ ايا به باغ کي وڏيڪ تيزي سان صاف ڪرڻ شروع ڪيو.

هن پهرين ڀهاري سان متي هٿائي. "آءُ نٿو چاهيان ته منهنجي پٽ جا جوتا خراب ٿين" ان کان پوءِ هن هٿوڙي سان اُپين پٽرن کي ڇڄڻ شروع ڪيو جيئن سندس پٽ متان اُنهن تان آڻڙي پوي ۽ سندس جيڪٽ ڦاٽي پوي.

نوسراد دروازو کوليو. ديوار جي پرسان کٽ پيل هئي. "آءُ چوندوسانس "ارشڪ پٽ! ياد ڪر اُهي ڏينهن جڏهن تون هن کٽ تي سمهندو هوئين ۽ آءُ تنهنجي پرسان پٽ تي." هن ايئن چوندي بورچيخاني ڏانهن نظر ڦيرائي. "هي تنهنجو پراٽو پيالو آهي جنهن ۾ تون کائيندو هوئين. ارشڪ! هي ڏس تنهنجو پراٽو چمچو آهي. ياد ڪر اُهي ڏينهن جڏهن اهو چمچو وادي کان ڦرائي آيو هوس ته تون ڏاڍو ڪاوڙيو هونئين چاڪاڻ جو ان تي چٽ چٽيل ڪونه هئا ۽ مون کان تنهنجو رئٽهارڪو منهن ڏٺو نه ٿيو ۽ آءُ اُنتي گل چٽرائي آيو هئس".

ارشڪ بابت سوچيندي هو چشمي ڏانهن ويو ۽ پاٽي پري آيو ۽ باغ ۾ چٽڪارڻ لڳو. اُن کان پوءِ هن باغ مان وري ڀهارو ڪيو.

هڪ دفعو وري پوڙهي عورت لوڙهي مان منهن ڪيي ڳالهايو.

"نوسراد! توکي خبر آهي ته ارشڪ چيئرمين جي گهر ويو آهي؟"

"نه هو ڪيڏي مهل ويو آهي؟"

"تنهنجي اچڻ کان ٿورو اڳ ۾"

"هن ڏٺو هوندو ته گهر ۾ ڪير به ڪونهي. انهي ڪري آرام ڪرڻ اوڏانهن ويو هوندو!"

"بيشڪ."

نوسراد ڪاٽيون وڍي آيو ۽ بورچيخاني ۾ چلهه جي پرسان رکيون. اُن کان پوءِ هن چري کنئي ۽ گهيٽي ڏانهن وڌيو. پر آخري پل ۾ هن ارادو بدلائي ڇڏيو. "جيسين ارشڪ اچي تيسين انتظار ڪرڻ گهرجي." هن من ئي من ۾ فيصلو ڪري ورتو ۽ سامهون چيئرمين جي به ماڙ خوبصورت بنگلي ڏانهن نهارڻ لڳو.

”هو ايڏي دير ڇو ترسي پيو هو؟ جلد ئي اوندهه ڇائنجي ويندي، مڪئي پنهنجو ذائقو ڇڏي ويندي. انجير مزو ڇڏي ويندا.“

هن فروٽ جو ٽيلهو ڪنيو ۽ دري تي رکي ڇڏيو. اُن کان پوءِ هو پاڙيسرڙ کان ٽيبل پوش اُڌارو ونڻي آيو. صوفه کي صاف ڪري مٿس ٽيڪ لاءِ گاديون رکيون.

”هاڻ سڀ ڪم تيار هو. ڪهڙو سبب ٿي سگهيو ٿي جو ايڏا ارشڪ گهر ڪونه موٽيو آهي؟ هن کي چيئرمين جي گهر ۾ ايڏي دير ڇو لڳي آهي؟؟“ نوسراد حيرت ۽ عذاب محسوس ڪري رهيو هو. اوسيئڙي جي عذاب کي مانو ڪرڻ لاءِ هن هٿن جون تريون مهٽڻ شروع ڪيون. هن رکي رکي پاڻ کي اهو سوچي تسلي ڏني ٿي ته، ”ارشڪ وڏو صاحب ٿي ويو آهي. شايد هو چيئرمين کان ڇوٽ جي مسئلن بابت پڇندو هوندو! ۽ آخر تڪڙ به ڪهڙي آهي؟ هو مون سان ته ڳچ ڏينهن گڏ رهندو. آڏ هن کي پنهنجي نظرن کان پري رکي نٿو سگهان، آڏ هن کي ٻڌائيندس.“

سج لهي رهيو هو. پر ارشڪ ايڏا تائين گهر واپس ڪونه آيو هو. پوڙهي نوسراد جي بيچيني وڌي ويئي هئي ۽ هڪڙي پل ته هن کيس ڏسڻ لاءِ چيئرمين جي گهر وڃڻ جو فيصلو ڪري ورتو. پر پوءِ هن جلد ئي پنهنجو خيال بدلائي ڇڏيو. هو باغ ۾ ويو ۽ پنهنجي پاڙيسرڙ جي ڏوهٽي کي سڏ ڪيائين.

”جلدي ڊوڙي وڃ ۽ ڏسي اڇ ته ارشڪ چا پيو ڪري؟“ پوڙهي نوسراد اُتاولو ٿيندي چيو ”ارشڪ کي منهنجي گهر تي موجودگي جو به ٻڌاءِ“. ٻارڙو ڊوڙي ويو ۽ جلدي موٽي آيو.

”تون ارشڪ کي ڏسي آئين؟“

”ها“

”هو چا پيو ڪري؟“

”شراب پيو پيئي“

”هن چا چيو؟“

هن چيو ”ٺيڪ آهي“

”ٺيڪ آهي“ نوسراد ٻارڙي واتان ارشڪ جا چيل لفظ پنهنجو پاڻ

دھرائيندي چيو "ان جو مطلب تہ هو جلد ئي گهر موٽي ايندو تنهن ڪري هاڻ مون کي تانبو ٻاري تياري وٺڻ گهرجي".

هن جلدي اُٽي باهہ ٻاري، اُن کان پوءِ هن ڪباب جون شيخون صاف ڪرڻ شروع ڪيون. هن بتي تان متي لاهي اُن کي ٻاريو ۽ هن جو انتظار ڪرڻ لڳو.

وقت گذرڻ لڳو. ڪوٺ ۾ بتيون ٻرڻ لڳيون ۽ ڪوٺ جا سيئي گهر روشني جي ٽٻڪن ۾ منتقل ٿي سوڙها ۽ ويجها ٽيڙ لڳا. گهٽين جو گوڙ ۽ شور ننڊ سمهڻ لڳو. فقط گهٽي ۾ رکي رکي ڪتن جي ڀونڪڻ جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو ٿي.

ارشڪ اجا تائين واپس ڪونہ موٽيو هو. باهہ اُجهامي چڪي هئي. چلهہ ۾ هاڻ باقي وڃي رک بچي هئي. گهيٽو گاهہ تي ليٽيو اوڳاري رهيو هو. نوسراد اوندهہ ۾ پنهنجا ڪن ڪپائي هنجو اوسيئڙو ڪري رهيو هو. هنجيون اکيون ڪليل هيون ۽ هاڻ اُنهن مان لڙڪ لڙي رهيا هئا. هن کي پنهنجو مٿو ڳرو محسوس ٿي رهيو هو. هو اُٽيو پر هن جي پيرن هلڻ کان نابري واري. "آءٌ ڇاجي لاءِ هن وٽ منٽائو ٿي ويان؟ آءٌ هن کان وڏو آهيان." ۽ پوءِ پنهنجو پاڻ کي اهو چوندي تسلي ڏنائين تہ "نيڪ آهي هو وڏو آفيسر بڻجي چڪو آهي. ٿي سگهي ٿو تہ هن کي چيئرمين سان ڪنهن اهم مسئلي تي ڳالهہ ٻولهہ سبب دير ٿيندي هجي. هو صبح تائين پڪ موٽي ايندو."

هو اجا بہ انتظار ڪري رهيو هو. هن جو اوسيئڙو اجا ختم نہ ٿيو هو. خزان جي رات پنهنجي پڇاڻي تي پهچي رهي هئي. پوڙهي جون اکيون هاڻي اُجهامڻ لڳيون هيون. آهستي آهستي هن تي ننڊ غالب ٿيڻ لڳي ۽ اوسيئڙو ڪندي نہ جاڻ ڪيڏي مهل هن کي ننڊ وٺي ويئي.

هن کي اها ڪل ئي نہ پيئي تہ ڪيڏي مهل ٽيبل مٿي ڪيس ننڊ وٺي ويئي هئي. هو پاڙيسري عورت جي آواز تي جاڳي پيو جيڪا ڪيس باغ مان آواز ڏيئي رهي هئي. هو اکيون مهٽي اُٽيو ۽ هن کي اهو ڏسي حيرت ٿي تہ سج مٿي چڙهي آيو هو ۽ ڪرٽا دري مان اندر ليئو پائي رهيا هئا.

"نوسراد! اڙي او نوسراد! پاڙيسري عورت هن ڏي نهاريندي سڏ

ڪيو. "تون اڃا ستو پيو آهين؟"

"ڇو خير ته آهي؟ ڇا ارشڪ آيو هو ڇا!؟"

"نہ." هن پنهنجو ڪنڌ ناڪار ۾ لوڏيندي ڇيو "روڊ ڏي ڏس. هو ڏس تنهنجو ارشڪ واپس وڃي رهيو آهي".

نوسراد کي لڳو ته جڙ ڪا ڇپ مٿس ڪري پيئي هجي. هو بدحواسي مان ڊوڙندو چت مٿي چڙهي ويو. ارشڪ جي ڪار تيزي سان روڊ تي ڊوڙي رهي هئي ۽ سج جي روشني ۾ چمڪي. جلد ئي ننڍڙي ٽيندي اکين کان اوجهل ٿي ويئي.

هاڻ هو ٽڙندو ٽاپڙندو باغ ڏي وڃي رهيو هو ۽ بنهہ جهور پوڙهي جيان ڏيکائي ڏيئي رهيو هو. هنجيون اکيون زمين ۾ ڪتل هيون ۽ هن کان اڳ ڪڏهن به ائين نہ جهڪيون هيون. هن کي پني ۾ اڳ ڪڏهن به ايڏو ڪب محسوس نہ ٿيو هو. گهيٽو ڪيڏي مهل هن جي اڳيان ته وري ڪيڏي مهل پويان ٽينگ ٽپا ڏيندو هلي رهيو هو.

* * *

مَئي جو تھوار

نڪ جوڪئين

پوڙھن جو حڪم ھو تہ ڏانس ھر حالت ۾ ڏھين وڳي تائين ختم ٿيڻ گھرجي. نوڪر مھمانن کي رواني ڪرڻ لاءِ ھيڏانھن ھوڏانھن تارچون ھاري گاڏين کي رستو ڏيڪارڻ لڳا. ڇوڪريون جيڪي بيڊ رومن کان وٺي ڏاڪڻ تائين پکڙيل ھيون، نوجوان اُنھن جي ڇوگرد مڙي ويا، جيئن ھو کين خدا حافظ چئي سگھن ۽ پنھنجن جذبن جو ٽڏا شوڪارا پري اظھار ڪري سگھن. پاڻ کي بي چين ظاھر ڪرڻ لاءِ جيتوڻيڪ ھنن کافي پيتو ھو، پر پنھنجي خوشي، خودداري ۽ فخر جتائڻ لاءِ ھو ايان بہ شراب پي رھيا ھئا. ھي نوجوان پھريون پيرو يورپ مان آيا ھئا ۽ دعوت اُنھن جي مان ۾ رکيل ھئي. اُھي ھرٽن مثل ھئا ۽ سڄي رات نچيا ڪڏيا ۽ ٽپيا ھئا ۽ سمھڻ جو اُنھن جو ڪو بہ مود ڪو نہ ھو. ”مئي جي ڏھاڙي تي، جڏھن رات گھميل ھجي، جڏھن رات جوان ھجي ۽ من کي ھر ڪائينڊڻ ھجي، تہ اھا ڪھڙي عقل مندي ٽيندي جو باھر نہ نڪرجي ۽ پاڙيسرين کي سانت ۾ رھڻ ڏجي!“ ڪنھن رڙ ڪئي. ”ھلو تہ پئنگ ۾ ترون.“ ٻي پنھنجي پوري زور سان چيو. ”ھلو تہ ھلي ڪڙڪبيتا جھليون.“ ٽي رڙ ڪئي. ايان پل ئي نہ گذريو جو آواره گھٽين ۾ لٽڪيل شمعدانن جي جھڪي روشني ۾ نوجوانن جا ڪوٽ ۽ ٽوپلا ظاھر ٿيا. آخري گاڏي ھارون وڃايو ۽ ڪارن گھرن ھش ھش ڪئي ۽ اُنھن جون سرن واريون ڇتون جوارين جي شطرنج جي بوردن جيان اونداھي آسمان ۾ ڪرن جيان ڏيڪائي ڏيڻ لڳيون، جتي شيطان چنڊ شڪارجي تاڙ ۾ ڪنڊ جھليو وينو ھو، جتي قاتل طوفاني ھوا زوردار شور برپا ڪري رھي ھئي ۽ پاڻ سان گھلي ايندڙ سمنڊ جي بوءِ ۽ اونھاري جي موسم ۾ باغ جي پڪل زيتونن جي خوشبوءِ نوجوانن ڏي

تحفي طور ڪٽي اچي رهي هئي، جيڪي هيٺ گهٽين مرهل هنگامو برپا ڪري رهيا هئا. ڇوڪريون جيڪي ڏاڪڻ مٿي ٽهيل ڪمري ۾ ڪپڙا تبديل ڪري رهيون هيون، اُنهن جي آوازن تي درين ڏانهن وڏيون. هو درين وٽ بيهي نوجوانن تي ٿهڪ ڏيئي کلڻ لڳيون، جيڪي هيٺ گهٽين مر گهمي رهيا هئا ۽ جلد ئي انهن نوجوان عاشقن جي حال تي ٽڏا شوڪارا پرڻ لڳيون. اُنهن ظالم نوجوانن جي پوشاڪن، غرور ۽ چمڪ سان پريل اکين ۽ اُنهن جي ناهوڪين ڪارين مڇن تي، جيڪي چند جي روشني ۾ ائين چمڪي رهيون هيون ۽ ايڏيون خوبصورت لڳي رهيون هيون جو ڇوڪريون اُنهن تي موهت ٿي پيون ۽ هڪ ٻئي کي رڙيون ڪري چوڻ لڳيون، مرد ڪيترو نه بي پرواهه آهي ۽ ڇوڪري هڻڻ ڪيترو نه هيبت ناڪ ۽ جڏهن ته هي دنيا کيڏي نه خطرناڪ ۽ خوفناڪ هئي. اُهي ايستائين اُتي بينيون رهيون جيستائين پوڙهي انا ستشيا اُنهن کي ڪنن ۽ چوٽن کان گهلي پلنگ ڏانهن وٺي نه ويئي. گهٽي مان چوڪيدار جي بوٽن جي کڙکڙ ۽ هٿ ۾ جهليل شمعدان جي گوڏن سان ٽڪرائڻ جي آواز سان هن جو آواز ملي هوا ۾ گونجي رهيو هو.

"جاڳندا رهو- - هوشيار!"

۽ هاڻ وري مئي جو تهوار اچي ويو هو. "اڄ مئي جي پهرين رات هئي ۽ ڏائڻون بنهه ڏور هليون ويون هيون" پوڙهي انا ستشيا ڳالهه کي جاري رکندي چيو "اڄوڪي رات اڪڪٽين، آشائن ۽ خواهشن جي رات هئي. عاشقن جي رات هئي ۽ اُنهن جي، جن يقين ڪيو ٿي ته اڄوڪي رات آرسي ۾ ڏسڻ سان اُنهن کي جيڪو به چهرو نظر آيو، اُنهن سان قسمت هنن جي شادي لکي ڇڏي هئي." پوڙهي انا ستشيا اهو چوندي ڇوڪرين مٿان اوڍڻ لاڻا ۽ ڪمري جي ڪنڊ ۾ اُڇلڻ لڳي ۽ ڇوڪريون جيڪي اوڍڻ کسجڻ کان پوءِ خوف ۾ ويڙهجي سوڙهيون ٿي ويون هيون، تن پوڙهي عورت کي منٽ ڪئي ته هوءَ مهرباني ڪري کين ڊيڄاري پريشان نه ڪري.

"هاڻ گهٽو ڪجهه ٿيو انا ستشيا! اسين سمهڻ چاهيون ٿيون."

"ڏائڻ! اسان جي بدران وڃي ڇوڪرن کي ڊيڄار."

"چري هوءَ ڏائڻ ناهي هوءَ سياڻي آهي. هوءَ ڪرسمس جي ڏهاڙي

تي ڇائي هئي.“

”مقدس اناستشيا، ڪنواري ۽ پاڪ روح“

”هون! ناممڪن. هوءَ ستن مڙسن کي فتح ڪري چڪي آهي. ڇا تون ڪنواري آهين اناستشيا!؟“

”نہ پر اوهان ڇوڪرين جي ڪري مون ست ڀيرا مقدس مقام ماٹيو آهي.“

”هن کي ٻلي اڳڪٿي ڪرڻ ڏيو. ٻلا منهنجي ڪنهن سان شادي ٿيندي؟ ڇا پوڙهي جپسي سان؟“

”جيڪڏهن تون ڊڄي نہ وين تہ تون پنهنجي مڙس کي آرسي ۾ ڏسي سگهندينءِ“.

” مون کي ڇا لاءِ ڊپ ٿيندو؟ آڳ ضرور آرسي ۾ ڏسندیس“، اگوڊا بستري مان رڙڪندي چيو.

”ڇوڪريون او ڇوڪريون! پاڻ تمام گهٽو گوڙ ڪري رهيون آهيون. جي منهنجي ماءُ ٻڌي ورتو تہ هوءِ اچي ويندي ۽ اسان جي ڪن مهٽ ڪندي. اگوڊا آڳ چوان تي سمهي پئو ۽ تون پوڙهي اناستشيا! آڳ توکي چوان تي تہ پنهنجو وات بند ڪر ۽ ماڻ ڪري ٻاهر هلي وڃ.“

”تنهنجي ماءُ مون کي تاکيد ڪندي چيو هو تہ سڄي رات هتي رهجانءِ ڇا سمجهيئي معتبر نينگري!“

”۽ مون کي ننڊ نٿي اچي.“ سرڪش اگوڊا پٺ تي ٽنگون ڦهلائيندي چيو. پوڙهي عورت مون کي ٻڌاءِ تہ مون کي ڇا ڪرڻ گهرجي؟“

”هن کي ٻڌاءِ! پوڙهي هن کي ٻڌاءِ!“ ڇوڪرين گڏجي سريلي آواز ۾ چيو.

پوڙهي عورت جيڪي ڪپڙا گڏ ڪيا هئا اُهي پٺ تي رکيا ۽ ڇوڪري تي اکيون ڪپائي ڇڏيون. ”توکي ميڙ بٹي ضرور ڪٹڻ گهرجي“ هن کيس هدايت ڪندي چيو ”۽ ڪمري جي وچ واري اونداهي حصي ۾ جتي آرسي تنگيل آهي، اکيلي وچ ۽ آرسي جي سامهون اکيون بند ڪري پنهنجي منهن ڇئو:

آرسي او آرسي!

مون کي ٻڌاءِ
ڪنهن جي ونې
بٽبيس آڻڻ

ڇا جيڪڏهن تنهنجي نيت صاف ۽ پختو ارادو هوندو ته تنهنجي ڪاپي ڪلهي پرسان هڪ ماڻهو جو چهرو ظاهر ٿيندو ۽ تنهنجي اُن ماڻهو سان شادي ٿيندي.“

پوڙهي جي ڳالهه ٻڌي گهڙي پل لاءِ ڇوڪريون بنهه خاموش ٿي ويون ”ڇا جيڪڏهن ائين نه ٿيو ته؟“ اگوڊا خاموشي کي توڙيندي پڇيو.

”اوه! ته پوءِ توتي خدا ئي رحم ڪري سگهي ٿو!“

”ڇو؟“

”ڇاڪاڻ جو پوءِ توکي شيطان نظر اچي سگهي ٿو“

ڇوڪريون رڙيون ڪري هڪ ٻئي کي چنبڙي ويون ۽ ڏڪڻ لڳيون.

”پر اها ڪهڙي نالائقي آهي.“ اگوڊا رڙ ڪئي ”هي جديد دور آهي. هاڻ شيطان ڪٿي رهيا آهن.“ پر وقتي طور شيطان جو سوچيندي هوءِ هيڊي ٿي ويئي. ”پر آڻڻ ڇا ڪريان؟ ها مون کي خبر آهي. مون کي سالا ۾ هيٺ وڃڻ گهرجي. اُتي هڪ وڏي آرسي آهي ۽ هن وقت اُتي ڪوبہ ڪو نہ هوندو.“

”نہ اگوڊا! اها تنهنجي موتمار غلطي ٿيندي. توکي پڪ اُتي شيطان نظر ايندو.“

”مون کي اُنجي پرواهہ ناهي ۽ نہ ئي ڊپ. آڻڻ ضرور ويندیس!“

”اوه پاڳل ڇوڪري!“

”اوه ظالم ڇوڪري!“

”جيڪڏهن تون واپس بستري ۾ نہ ايندیئين ته ٻڌي ڇڏ اگوڊا آڻڻ امان کي سڏ ڪندیس.“

”ڇا جيڪڏهن تون ايئن ڪندیئين ته آڻڻ هن کي ٻڌائيندیس ته توسان گڏريل مارچ ۾ خانقاهہ ۾ ڪير ملڻ ايندو هو.“

”پوڙهي عورت مون کي اها ميڙ بتي ڏي. آڻڻ ضرور ويندیس.“

”چوڪريون - اچوءِ هن کي روڪيو! هن کي روڪڻ لاءِ ڪمري جي مهاڙي وٽ ٽي ٻيهو.“

پر اُن کان اڳ جو هو سندس رستو روڪين. هوءِ ڪائنڪسڪي ٻاهر نڪري ويئي ۽ هاڻ هوءِ هال ۾ پيرن اُگهاڙي هلي رهي هئي. هن جا گهرا وار ڪلهن کان هيٺ ڪري رهيا هئا. جيئن ئي هوءِ ڏاڪڻ کان هيٺ لٿي تہ وار هوا جي زور تي اُڏامڻ لڳا. هن جي هڪڙي هٿ ۾ برنڊ ميڻ بتي هئي ۽ ٻئي هٿ سان هن چولي کي جهلي رکيو هو. جيڪو هن جي پير جي مرين تائين پهچي رهيو هو.

هوءَ جڏهن سالا جي دروازي وٽ پهتي تہ هن جو ساهہ رڪجي ويو ۽ هن جي دل هن کي جواب ڏيئي ڇڏيو. هن شعوري طور تصور ۾ آڻڻ جي ڪوشش ڪئي تہ ڪمرو هڪ پيرو وري روشني سان جڳمڳائي اُٿيو. نوجوان جوڙن جي ڊانس ۽ ٿهڪن ۽ دل کي ڀائيندڙ سارنگي جي آواز هڪ پيرو وري ماحول کي پنهنجي مستي جي عالم ۾ گهيري ڇڏيو هو. پر هتي تہ غار جهڙي اوندهہ هئي. هڪ جادوئي غار جهڙو ڪمرو جنهن جون سڀ دريون بند هيون ۽ فرنيچر ديوارن وٽ ڊيرہ ٿيو پيو هو. هوءِ اُتان گذري ڪمري ۾ داخل ٿي.

آرسي ديوار تي هن جي سامهون ٽنگهيل هئي. هڪ پراچين دور جي آرسي جنهن جو فريم سون جو ٺهيل هو ۽ جيڪو پتن ۽ گلن ۾ جهنجهيل هو ۽ جنهن تي عجيب طلسمي قسم جي گل ڪاري ٿيل هئي. هن پاڻ کي ڊپ ۽ حيرت مان اُن جي ويجهو ٽيندي ڏٺو. هڪ سفيد پاڇو جيڪو اوندهہ ۾ هن ڏانهن وڌي رهيو هو. اهو پاڇو هن کي ڏنڊلوءِ نامڪمل نظر آيو. ڇاڪاڻ جو هن جي اکين ۽ وارن جي چوطرف ايتري اوندهہ ڇانيل هئي جو جيڪو چهرو آئيني مان هن ڏي وڌي رهيو هو اُهو هڪ نقاب ۾ لڪل چهري جيترو مس ڏيکائي ڏيڻ لڳو. هڪ روشن نقاب جنهن ۾ ٽورڙي وٽي تي ٻہ سوراخ ٿيل هئا. هن جي سفيد چولي ڏانهن وڌڻ لڳو ۽ جڏهن هن آئيني جي بنهہ ويجهو پهچي ميڻ بتي کي پنهنجي کاڏي تائين آندو تہ اُهو مرده نقاب هن جي زندهہ چهري ۾ ڀهڪڻ لڳو.

هن پنهنجون اکيون بند ڪيون ۽ منتر پڙهڻ شروع ڪيو ۽

جڏهن هن پڙهي اُن کي ختم ڪيو تہ هڪ اچاڻ خوف هن کي ورائي ويو ۽ هن محسوس ڪيو تہ هاڻ هن ۾ ڇُرڙ۽ اکين کولڻ جي سگهہ ڪا نہ رهي هئي ۽ هن کي گهڙي پل لاءِ محسوس ٿيو تہ، هو جادو ٿيڻ سبب سڄي عمر لاءِ هتي پنڌ پهڻ ٿي ويني هوندي. پر جلد ئي هن کي پنهنجي پويان قدمن جو آواز محسوس ٿيو ۽ ٿهڪن کي روڪڻ جو آواز هن جي ڪنن تائين پهتو. هن جلدي مان پنهنجون اکيون کوليون.

"۽ امان تو چا ڏٺو؟ ۽ هو ڪير هو!؟"

پر ڏونا اگوڏا پنهنجي هنج ۾ ننڍڙي ڇوڪري کي وساري ڇڏيو هو. هوءِ ماضي ۾ گهوري رهي هئي. ننڍڙي ڇوڪري هن جي ڇاتي سان چهٽيل هئي ۽ هوءِ پنهنجو پاڻ کي وڏي آرسي ۾ ڏسي رهي هئي. جيڪا ڪمري جي ديوار تي لڳل هئي. هي اُهو ساڳيو ڪمرو هو ۽ ساڳي آرسي هئي پر چهرو جيڪو هن هاڻ اُن ۾ ڏٺو اُهو هڪ پوڙهو چهرو هو. هڪ کهرو، چيڙاڪ ۽ انتقام جي جذبي سان پريل چهرو، جنهن کي پورا وار هئا ۽ نهايت پيڙا مان گذري تبديل ٿي چڪو هو اُن چهري کان جيڪو اڇي نقاب ۾ نظر آيو هو. اهو چهرو ڪيڏو نہ تازو توانو ۽ اصلي چهري جيان جوان هو جيڪو هن هڪ مئي جي وحشي آڏي رات جو تمام گهڻا سال اڳي آرسي ۾ پسيو هو.

"پر امان اهو ڪهڙو هو؟" مهرباني ڪري مون کي ٻڌائي تہ تو چا ڏٺو؟"

ڏونا اگوڏا پنهنجي ڏي ڏي نهاريو. جيتوڻيڪ هن جي اکين ۾ لڙڪ پرجي آيا هئا پر اُهي هن جي چهري تي نہ ڳڙيا ۽ اکين منجهہ ئي جذب ٿي ويا "مون شيطان کي ڏٺو هو". هن تلخي مان چيو.

"ها منهنجي پياري جڏهن مون اکيون کوليون تہ مون ڏٺو تہ شيطان منهنجي ڪاپي ڪلهي کان بينو هو ۽ مون تي ڪلي رهيو هو."

"ڪهڙي ماءُ جا لفظ ورجائيندي چيو "شيطان؟"

"اوهہ منهنجي غريب ننڍڙي امان! چا توکي گهٽو ڊپ ٿيو هو؟"

"تون خود سوچي سگهين ٿي ۽ اهو ئي سبب آهي جو سنيون ننڍڙيون چوڪريون خصوصن جڏهن سندن مائرون منع ڪن، آرسي کان

پري پڇنديون آهن. توکي بہ اها شرارت پري عادت پاڻ مان ڪيڏ گهرجي. پياري! هر آرسي ۾ پاڻ کي وٺائڻ کان پاسو ڪرڻ گهرجي. نت توکي بہ هڪ ڏينهن ڪو پوائتو چهرو نظر اچي سگهي ٿو."

"ها پر امان! شيطان ڪيئن ڏسڻ ۾ آيو ٿي؟"

"ٺيڪ آهي توکي ٻڌايان ٿي..... هن جا وار گهنڊيدار هئا ۽ ڳل تي گهرو زخم جو نشان"

"جيئن بابا کي آهي؟!"

"ها، ٺيڪ آهي، پر شيطان جي چهري تي اهو زخم جو نشان سندس خطا جي ڪري هو ۽ جڏهن ته تنهنجي بابا جي چهري تي نشان سندس شان کي ظاهر ڪري ٿويا شايد اُن جو ڪارڻ اُهو ٿي سگهي ٿو جيڪو تنهنجو بابا ٻڌائي."

"امان شيطان بابت ايجا وڌيڪ ٻڌاءِ"

"۽ ها- هن کي مُڇون بہ هيون."

"بابا جهڙيون؟"

"اوه نا! تنهنجي بابا جون مُڇون اڇيون ۽ بي ڊوليون آهن ۽ اُنهن مان هر وقت خطرناڪ قسم جي تماڪ جي بوءِ ايندي آهي. جڏهن ته شيطان جون مڇون گهريون ڪاريون ۽ ناهوڪيون هيون." هن ٽڏو شوڪارو پريندي وري چيو "الا! اُهي ڪيڏيون نہ خوبصورت هيون."

"۽ چا هن کي سگ ۽ پڇ بہ هو؟"

عورت پنهنجا چپ پيٽيا، "ها. پر افسوس! جو اُن وقت مون کي اُهي نظر نہ آيا ۽ اُهو سڀ ڪجهہ جيڪو آڻ اُن وقت ڏسي سگهيس اُهي هئا سندس خوبصورت ڪپڙا، چمڪندڙ اکيون، هن جا گهنڊيدار وار ۽ ناهوڪيون مڇون."

"امان چا هن توسان ڪجهہ ڳالهايو بہ؟"

"ها- ها هن مون سان ڳالهايو". ائين چوندي ڊونا اگوڏا پنهنجو ڪنڌ هيٺ ڪري ورتو ۽ روئي ڏنو.

.....

"تو جهڙي سونهن کي ميڙ بتي جي ڪهڙي ضرورت. تون تہ

هونئن ئي خوبصورت آهين.“

هن آرسي ۾ نهاريندي کلندي چيو ۽ پوئتان قدم وڌائي هن تي ڏنولي جي انداز ۾ جهکيو. هوءِ پنهنجو پاڻ کي سوڙهو محسوس ڪندي هن ڏي نهارڻ لڳي ۽ هو ٿهکن ۾ چٽي پيو.

”پر تون مون کي ياد آهين.“ هن رڙ ڪئي تون اُهائي اگوڏا آهين جنهن کي مون ننڍي هوندي چڏيو هو ۽ تنهنجي خطرناڪ حسن کي ڳولڻ لاءِ واپس گهر موٽيو هوس. مون تو سان گڏجي ڊانس ڪئي هئي، پر تو مون سان محبت ۾ريو اظهار نه ڪيو هو“.

”مون کي چڏي ڏي“ چوڪري شوخي مان آهستي چيو. هو مشڪل سان پنهنجو رستو ليي رهيو هو.

”پر آءٌ توسان محبت ۾ري ڊانس ڪرڻ چاهيان ٿو او سهڻي چوڪري!“ هن چيو.

اُهي ٻيئي آرسي جي اڳيان ٽي ٻيڻا ڪمري ۾ فقط اُنهن جي ساهه کڻڻ جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو ٿي. اُنهن پنهي جي وچ ۾ ميڙ بتي ٻري رهي هئي ۽ اُنهن جا پاڇا ديوار تي اُڀري رهيا هئا. نوجوان ٻئدوئي مونٽيا (جيڪو نشي ۾ ڌت ٿي تڙندو ٿاٻڙندو گهر پهتو هو ۽ جلدي سمهڻ چاهيائيٽي) اوچتو ئي اوچتو پاڻ کي سنجيده ۽ بلڪل هوش و حواس ۾ محسوس ڪيو. هنجون اکيون چمڪي اُٽيون ۽ چهري تي زخم جو نشان وڌيڪ ڳاڙهو نظر اچڻ لڳو.

”مون کي چڏي ڏي.“ هن وري شوخي مان رڙ ڪئي پر نوجوان کيس ڪرائي کان جکڙي ورتو.

”نه.“ هن مرڪي ڏنو ”ايستائين نه جيستائين اسان ڊانس پوري نٿا ڪريون.“

”وڃ شيطان!“

”منهنجي محبت ۾ ڪيڏي نه سهپ جي قوت آهي.“

”آءٌ تنهنجي محبت ناهيان.“

”ته پوءِ ڪنهن جي آهين؟ ڪير آهي، آءٌ ڄاڻڻ چاهيان ٿو؟ ڪنهن کي مون شايد تڪليف پهچائي هوندي چاڪاڻ جو تون مون سان ۽ منهنجي دوستن سان جاني دشمنن جهڙو رويو روا رکين ٿي.“

”چو نہ؟“ ايئن چوندي هن پنهنجي ڪرائي ڇڏائي ورتي ۽ ڏند پڪوڙي ڇڏيا. ”اوه! نوجوان آڳ توکان ڪيئن نفرت ڪري سگهان ٿي. تون يورپ وڃين ٿو ۽ هڪ ڏينهن شان ۽ دٻدٻي سان واپس موٽندين. ۽ اسين سادين ۽ غريب ڇوڪريون ڪيڏيون نہ مجبور ۽ عادي آهيون اوهان کي خوش ڪرڻ لاءِ. اسان پئريسنس وانگي مراعات يافتہ ناهيون. سيويلينس جيان اسان وٽ جلائڻ لاءِ آڳ ناهي. ۽ نہ ئي اسان ۾ نمڪ جيان سواد آهي. تون مون کي ٽڪائي ڇڏين ٿو. اي نازڪ مزاج نوجوان! تون مون کي ڪيئن نہ تنگ ۽ پريشان ڪري ڇڏين ٿو.“

”هليا، مون کي ٻڌائي. تون اسان بابت ڇا ڄاڻين ٿي؟“

”مون توهان کي ڳالهائيندي ٻڌو آهي. مون توهان کي پنهنجي متعلق پاڻ ۾ ڳالهائيندو ٻڌو آهي پر آڳ توهان کي ڪنهن ليکي ۾ نٿي آڻيان.“

”پر تون پنهنجو پاڻ کي درگذر ڪري نٿي سگهين. پياري! اهو ئي سبب آهي جو تون پنهنجي سندرتا کي ساراهڻ لاءِ آڏي رات جو آئيني جي اڳيان ڇڪجي اچين ٿي.“

هوءِ هيڏي ٿي ويئي ۽ اُن پل هن بدخواهي مان تسڪين محسوس ڪئي.

”مون پنهنجي ساراهہ ڪا نہ ٿي ڪئي!“

”شايد تو چنڊ جي ساراهہ ٿي ڪئي؟“

”اوه!“ هن وڏو ساهہ کنيو ۽ اوچنگار ڏيئي روئي ڏنو. ميڙ بتي هن جي هٿ مان ڪري پيئي ۽ هن پنهنجو منهن ڏکي ڇڏيو ۽ درد مان سڏڪا پرڻ لڳي. ميڙ بتي وسامي ويئي هئي ۽ اُهي ٻيئي اوندهہ ۾ بينا رهيا ۽ نوجوان ٻڌوئي جي ضمير کي جهٽڪو محسوس ٿيو.

”اوه! نہ روءِ معصوم ننڍڙي! مهرباني ڪري مون کي معاف ڪري ڇڏ. منهنجو ٿورڙو پيتل هو ۽ مون کي هوش ئي نہ رهيو تہ آڳ ڇا ڳالهائي وينس“.

هن اوندهہ ۾ هٿوراڙيون هڻي هن جو هٿ ڳوليو ۽ پنهنجي چپن جي ويجهو آندو. هوءِ پنهنجي سفيد چولي ۾ ڳنبي رهي هئي.

”مون کي وڃڻ ڏي“ هن ڪرندي زوري پاڻ ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪئي.

”نہ، پھرين تون چئو تہ مون توکي معاف ڪري ڇڏيو آهي“.

پر اُن جي بدران هن سندس هٿ پڪڙي پنهنجي وات جي ويجهو آندو ۽ چڪ هنيو. هن سندس هٿ جي تري کي اهڙو زوردار چڪ هنيو جو هو درد وچان رڙيون ڪرڻ لڳو ۽ ٻئي هٿ سان اُن کي مهٽي درد جي پيڙا گهٽ ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو. جيئن ئي هوءِ رواني ٿي ڏاڪڻ تي چڙهڻ لڳي تہ هن سندس چولي جي ڪڙڪڙ جو آواز ٻڌو ۽ هن پنهنجي زخمي هٿ کي وات ۾ وجهي اُن جو رت چوسيو.

هاڻ بي رحم خيال هن جي دماغ ۾ گردش ڪرڻ لڳا. هو سندس ماءُ وٽ ويندو ۽ کيس قائل ڪندو تہ هوءِ پنهنجي وحشي ڏي کي گهر مان ٻاهر ڪڍي ڇڏي يا وري هو سندس ڪمري ۾ ويندو ۽ کيس بستري تان اُٺاري ٽڦڙن جو وسڪارو لاهي ڏيندو! پر ساڳئي وقت هو ساٽس صبح جو ائٽي پولو ۾ وڃڻ جو پڪ سوچي رهيو ۽ ساٽس ساڳي ٻيڙي ۾ سفر ڪرڻ لاءِ من ئي من ۾ ٻهانو تراشي رهيو هو.

”اوه! هو هن کان پنهنجو بدلو ضرور وٺندو. هن وئيشيا کي اُن جو حساب ضرور ڏيڻو پوندو. هن کي اُن جو نقصان ضرور پهچڻ گهرجي.“ هن پنهنجي هٿ جي تري مان وهندڙ رت کي چوسيندي بغض ۽ حسد مان سوچيو.

”پر او خدا! ڇا هن جيون اکيون هيون! ۽ جڏهن هن غصو ڪيو ٿي تہ ڪيڏي نہ خوبصورت لڳي ٿي!“ هن هنجي اُگهاڙن ڪلهن کي ياد ڪيو. اُهي ميڙ بتي جي روشني ۾ سون جيان ٻهڪندڙ ۽ ريشم جيان نرم لڳا ٿي. هن جي اڳيان سندس گستاخ ۽ شوخ ڳچي ڦرڻ لڳي. ويڪري چولي ۾ اُپريل ۽ چنچل ڇاتي. هن جو انگ انگ من کي موهت ڪندڙ هو. هوءِ ڪيئن سمجهي ويني هئي تہ هن ۾ آڳ جهڙي تپش نہ هئي، هوءِ ڪيئن سمجهي ويني هئي تہ سندس سونهن رحمتن کان خالي هئي. هن جي سرير ۾ لوڻ جهڙو سواد نہ هو.

هن جي دل جي ديول ۾،
ڪهڙي ڪنڊ،
سندرتا کان خالي هئي؟

هن اونداهي ڪمري ۾ زور سان ڳائڻ شروع ڪيو. هن محسوس

ڪيو تہ هو انتهائي پاڳلاڻ انداز ۾ هن جي پيار ۾ گرفتار ٿي چڪو هو. هن جي اندر ۾ ڪيس وري ڏسڻ جي خواهش پيڏا جيان اُپري. هڪ پيرو هن جي هٿن ۾ وارن کي ڇهڻ جي خواهش. هڪ پيرو هن جي شوخ آواز ٻڌڻ جي خواهش. هو دري ڏانهن ڊوڙيو ۽ جلدي مان اُن کي کوليو. رات جي حسن هن کي ڦوڪڻي جيان ڏڪيو. اهو مئي جو مهينو هو. اها اونهاري جي موسم هئي ۽ هو نوجوان هو. هڪ ڪِيرو نوجوان ۽ پيار ۾ غلطان. هڪڙي اڻ مئي خوشي هن جي اندر ۾ سمايل هئي. لڙڪ هن جي اکين مان وهي هليا.

پر هو ڪيس وساري نٿي سگهيو! نہ، هو اُن کان بدلو ضرور وٺندو. هن سرڪشي مان سوچيو ۽ پنهنجي زخمي هٿ کي چوسيو. "پر اها رات ڪهڙي نہ عجيب رات هئي! آءٌ ان رات کي وساري نہ سگهندس". هن اونداهي ڪمري ۾ ڊپ مان زور سان ڪالهائيندي سوچيو. هن جي اکين ۾ لڙڪ هئا. هن جا وار درد جي شدت ڪري اُپا ٿي ويا هئا ۽ هن پنهنجي هٿ جي رت هاڻي تري کي وات ۾ دٻائي رکيو هو.

پر افسوس! دل سڀ ڪجهہ وساري ڇڏي ٿي. دل حيران آهي ۽ مئي جو سمو گذري رهيو آهي. اونهارو ختم ٿيڻ تي آهي. طوفان پڪل ميون جي باغ تي ٽٽي پيو آهي ۽ ميوا سڑڻ لڳا آهن. دل پوڙهي ٿيڻ لڳي آهي جڏهن تہ ڪلاڪ، ڏينهن، مهينا ۽ سال هڪ ٻئي مٿان ستجي ڊير ٿي رهيا آهن. دماغ ۾ هاڻ نہ هئڻ برابر جاءِ وڃي بچي آهي. اُن ۾ دز جمع ٿي چڪي آهي ۽ گهٽو منجهي ۽ اُلجهي چڪو آهي ۽ ڪوريئڙي جي ڇار جيان ڦهلبو وڃي ٿو. ديوارون اونداهي ۾ گهيرجي وڃن ٿيون ۽ ڪري ڪنڊرن ۾ تبديل ٿي وڃن ٿيون. يادگيريون ناس ٿي وڃن ٿيون ۽ پوءِ اُهو وقت اچي ٿو جڏهن ٻڌڻ وٺي مونتيا هڪ مئي جي آڏي رات جو بنا ڪجهہ ياد ڪرڻ جي، ۽ نہ ئي شعوري طور اُنهن يادن جي پرواهہ ڪرڻ جي لڪڻ جو سهارو وٺندو. گهٽي مان ٽيندو گهر ڏي موٽيو. هنجون اکيون ڪافي جهڪيون ٿي چڪيون هيون ۽ هن جي ٽنگن ۾ ست نہ رهيو هو. ڇو جو هاڻ هو پوڙهو ٿي چڪو هو. هو سڀ کان مٿي ٽپي چڪو هو. هاڻ هو هڪ ڪمزور پوڙهو هو ۽ هن جو جسم لڙي آيو هو. هن جون ميچون ۽ وار اڇا ٿي ويا هئا. هو سازشي منصوبا جوڙيندڙن جي گڏجاڻي مان واپس گهر موٽي

آيو هو. هن جي ذهن ۾ ايجان بہ هنن جون ڳالهيون ۽ تقريرون گونجي رهيون هيون. پر هن جي وفادار دل اُن مهل جهومي اُٿي، جڏهن هو ڏاڪڻ چڑهي دروازي کان گهر جي مهاڙي جي اونداهي حصي ۾ داخل ٿيو. مئي جي رات کان بنهہ بي خبر، جڏهن رستي ۾ هال جي هيڻان هن کي سالا ۾ ڏسڻ جو موقعو مليو تہ ڏکي ويو ۽ بت بنجي بيهہ رهيو. هن جو رت جمي ويو. هن پنهنجو چهرو آرسي ۾ ڏسي ورتو هو. ميڙ بتي جي روشني ۾ هن کي هڪ چهرو نظر آيو جنهن جون اکيون بند هيون ۽ چپ لڙي آيا هئا. هي ڪنهن جو چهرو هو؟ ۽ هڪ چهرو جيڪو هن گهڻو اڳي اتي ڏٺو هو هن جي دل جي آئيني تي نکري آيو ۽ اُن مهل هن جي ذهن ۾ گم ٿيل يادون واپس ڇوليون مارڻ لڳيون ۽ پاڻ سان اُجاري ڪٽي آيون اُهي ڪلاڪ، ڏينهن، مهينا ۽ سال، جيڪي هن مستي ۾ گهاريا هئا. ۽ اهو سڀ ڪجهہ من ۾ آٽيندي هن هڪ ڀيرو وري پاڻ کي نوجوان محسوس ڪيو. هڪ ڀيرو وري پاڻ کي ڪل مک ۽ هرڻ جهڙو نوبنو محسوس ڪرڻ لڳو. جيڪو تازو ئي يورپ مان آيو هجي ۽ سڄي رات ڊانس ڪري رهيو هجي ۽ هن جو تمام گهڻو پيتل هجي. هو دروازي وٽ ٿي ٻيٺو. هن کي اونداهي ۾ هڪ چهرو نظر آيو. هن ررڙ ڪئي. ڇوڪرو جيڪو آئيني جي اڳيان ٻيٺو هو. (هن کي رات جو لباس پاتل هو) تنهن ڇرڪ پري ڏنو ۽ هن جي هٿ مان ميڙ بتي ڪري پيئي. پر پويان نهارڻ کان پوءِ هن اطمينان محسوس ڪيو ۽ ڪلي ڏنو.

"اوه ڏاڏا! تو تہ مون کي ڊيڄاري ڇڏيو!"

ڊون بئدوئي مونتيا هيڊو ٿي ويو. "تہ اهو تون هوئين نوجوان ڏاڙيل!؟ هي سڀ ڇا آهي؟ ۽ هن ويل تون هتي ڇا ڪري رهيو آهين؟"

"ڏاڏا! ڪجهہ بہ نہ. آڳ اڪيلو هئس ۽ آڳ اڪيلو ئي آهيان."

"ها فقط تون ئي اڪيلو اشراف آهين ۽ ڪيئن نہ ڇالاڪي سان تو پنهنجي اشراف هئڙ جو جتايو آهي. پر جي آڳ هي لٽ توتي ڀيڄان تہ تون پڪ سان سچي ڪري ڏين تہ تون اُن کان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ آهين."

"اها اُنهن جي نالائقي هئي ڏاڏا، هنن مون کي ٻڌايو هو تہ آڳ هتي زال کي ڏسي سگهندس."

"زال؟ ڪنهن جي زال"

”منهنجي اسڪول جي ٻارن مون کي ٻڌايو هو ته آڱ هن کي اڄ رات جو آرسي ۾ ڏسي سگهندس جي اُن جي اڳيان ٻيهه چوندس ته:

آرسي او آرسي!

مون کي ٻڌاءِ،

ڪهڙي سندري جو،

ملندو مون کي پيار!

ڏون ٻڌوئي اُداسي مان پڙيڙ ڪئي ۽ چوڪري کي وارن کان جهلي ڪمري ۾ وٺي ويو. هو ڪرسي تي ٽي ويٺو ۽ چوڪري کي هنج ۾ ويهاريو. ”هاڻ تون ميڙ بتي کي پٽ تي رک ۽ پاڻ ان موضوع تي ٽا ڳالهايون. ”ته تون چاهين ٿو ته تنهنجي زال اڳيئي هجي ها ۽ تون اُن کي اڳواڻ ئي ڏسڻ چاهين ٿو ايئن نه؟ توکي خبر آهي ته اها خطرناڪ کيڏ آهي ۽ جيڪي شرارتي چوڪرا اها خطرناڪ راند کيڏيندا آهن اُنهن کي سدائين نقصان پوندو آهي؟“

”ها! چوڪرن مون کي خبردار ڪندي چيو هو ته مون کي ڏاڍو بہ نظر اچي سگهي ٿي.“

”بلڪل صحيح، ايڏي خوفناڪ ڏاڍو جو تون اُن کي ڏسي ڊپ کان مري بہ سگهيئين ٿي. هوءِ توتي جادو ڪري سگهي ٿي توکي اذيتون ڏيئي سگهي ٿي ۽ تنهنجو رت بہ پي سگهي ٿي!“

”ڏاڏا! هاڻ ڇڏيو بہ ڪٽي. هي جديد دور آهي ۽ هن دور ۾ ڏاڍڻن جو ذڪر ڪجهه عجيب نٿو لڳي؟“.

”او منهنجا ننڍ ٻارڙا! ۽ جيڪڏهن آڱ توکي ٻڌايان ته مون خود ڪڏهن ڏاڍو ڏٺي هئي ته پوءِ؟“

”ڇا توهان؟ ڪٽي!؟“

”بلڪل هن ئي ڪمري ۾ ۽ هن ئي آرسي ۾“ ائين چوندي پوڙهي جي خوش مزاجي واري لهجي ۾ وحشيت پربي ويئي.

”ڏاڏا ڪڏهن؟“

ايترو گهٽو اڳي بہ نہ. پر جنهن وقت ۾ آڱ توکان ٿورڙو وڏو هوس. اُنهن ڏينهن ۾ مون کي ڪو بہ ڪم ڪار نہ هوندو هو ۽ آواره گردي ۾ پنهنجو وقت

وڃائيندو هوس. هي اُن رات جي ڳالهه آهي. اُن رات آڻُ پاڻ کي تمام نستو ۽ بيمار محسوس ڪري رهيو هوس ۽ چاهيم ٿي ته ڪٿي ڏهي پوان ۽ مري وڃان. ۽ آئون ان آرسي ۾ ڏسڻ کانسواءِ، جيڪا منهنجي رستي ۾ هئي دروازي مان گذري ٻه نٿي سگهيس. ۽ مون سوچيو ته جڏهن آڻُ مري رهيو هجان ته آرسي ۾ ڪيئن نظر ايندس؟ پر جڏهن مون آرسي ۾ ڏٺو.....“

ڇا اُها ڏاڻُ هئي؟

”بيشڪ!“

”۽ ڏاڏا ڇا هن توهان تي جادو ڪري ورتو؟“

”ها هن مون تي جادو ڪري ورتو. مون کي اذيتون ڏنيون، منهنجي دل کائي ورتي ۽ منهنجو رت چُوسي ورتو.“ پوڙهي تلخي مان چيو.

”اوه منهنجا غريب معصوم ڏاڏا! توهان مونکي اهو ڪڏهن ٻه ڇو نه ٻڌايو؟ ۽ ڇا هوءَ خوفناڪ هئي؟“

”خوفناڪ؟ او خدا....نه. هوءِ ڏاڍي خوبصورت هئي. هن جون اکيون لڳ ڀڳ تو جهڙيون هيون پر هن جا وار بلڪل پاڻي جي چشمي جهڙا ڪارا هئا. او منهنجا خدا! هوءَ ڏاڍي پياري ۽ من موهيندڙ هئي، ڪاش مون کي پتو هجي ها ۽ پوءِ مونکي دير سان خبر پيئي ته هوءِ انڌاري ۽ بدنصيب مخلوق هئي.

ٿوري دير لاءِ ماڻ ٿي ويئي. ”ڏاڏا! هي ڪيڏي نه خوفناڪ آرسي آهي.“ چوڪري ٻڌڪيو.

”تون اهو ڪيئن ٿو چئين؟“

”توهان ان ۾ ڏاڻُ جو ڏنئي ۽ امان مون کي هڪ پيري ٻڌايو ته ڏاڏي کي ان آرسي ۾ شيطان نظر آيو هو. ڇا ان جي ڊپ کان ڏاڏي مري ويئي هئي؟“

ڏون ٻئڙوئي ڇرڪي ويو. گهڙي پل لاءِ هو وساري وينو ته هوءِ مري چڪي هئي، هوءَ فنا ٿي چڪي هئي. ويچاري اگوڏا_ ۽ نيٺ هن سڪون ماڻيو. نيٺ- هن جي ٽٽل جسم، دنيا جي وحشي حرفت بازي مان چوٽڪارو ماڻيو. هن نجات پاتي. مئي جي رات جي ڪوڙڪي مان، اونهاري جي ڇار مان، چنڊ جي خطرناڪ چاندي جي اُٽيل ڇارن مان، هن جا پڇاڙي ۾ وجي باقي هڏا ۽ اڇا وار بچيا هئا. زبان لڙکي آئي هئس ۽

اکيون جھڙيون ڪارا ڪوئلا.

.... هاڻي ڪجھ بہ نہ بچيو هو. ڪوبہ پٿر تي اُڪريل نالو باقي نہ رهيو هو. هاڻ قبرستان ۾ ڪوبہ نشان باقي نہ رهيو هو. اُن نوجوان ڇوڪري جو جيڪا تمام گھٽو اڳي آرسي جي اڳيان هڪ مئي جي آڏي رات جو ڏهي جڙي ويني هئي.

ڇ اهو ياد ڪري تہ هوءِ ڪيئن نہ پيڙا مان رني هئي، هوءِ ڪيئن نہ سندس هٿ ۾ چڪ هڻي هن کان ڇڏائي ڇڪي هئي ڇ پوءِ هن ڪيئن نہ اونداهي ڪمري ۾ زور سان ڀڳايو هو ڇ هنجي دل کي سندس پيار ۾ گرفتار ٿيڻ تي ڪيڏي نہ حيراني ٿي هئي. اهو پيار جو ڇھاءُ محسوس ڪندي درد مان هن جو گلو ڇ اکيون پرجي آيون ڇ هن کي ڇوڪري جي اڳيان شرم محسوس ٿيو. هو ڇوڪري کي پوئتي هٽائي اُٿي بينو ڇ دري ڏانهن وڌيو. هن دري جا تاک کوليا ڇ ٻاهر نهاريو ڇ آواره گھٽين ۾ شمعدان جي ڦڙ ڪندڙ روشني ۾ پاڇولن کي ڏٺو. آخري گاڏي کڙکڙ جو آواز ڪري وڃي رهي هئي. گھٽين ۾ واقع ڪارا ڇ انڊا گھر هش هش ڪري رهيا هئا ڇ اُنهن جي ڇٽن جا چونڪا شطرنج جي بورڊ جيان ائين ڏيکائي ڏيئي رهيا هئا جيئن بي رحم آسمان ۾ ڪکر. جڏهن تہ هڪ پوڙهو شيطان شڪار لاءِ ڪنڊ جهليو وينو آهي يا ائين چئجي تہ قاتل هوا وراکا کائي گوڙ ڇ شور برپا ڪري رهي آهي. ڇ هاڻ هن مان سمنڊ جي بوءِ اُٿي رهي آهي ڇ هاڻ هن مان اُنهاري جي باغن جي بوءِ اُٿي رهي آهي ڇ پاڻ سان کٽي آئي آهي نہ وسارڻ جهڙيون مئي جي تهوار جون يادون - هڪ پوڙهي جون هڪ پوڙهي لاءِ پراٽي پيار جون يادون. پوڙهو دل سوزي مان اُنهن پلن کي سيميٽي رهيو آهي. هو اُداس آهي ڇ درد مان لڙڪ هنجي ڳلن کان هيٺ ڪري رهيا آهن ڇ هوا هن جي وارن کي اُڏاري رهي آهي ڇ هٿ جنهن تي زخم جو نشان آهي هن وات ۾ دٻائي رکيو آهي. جڏهن تہ گھٽي مان چوڪيدار جي بوٽن جي کڙکڙ جو آواز اڃي رهيو آهي جنهن ۾ هن جي گوڏي سان ٽڪرائيندڙ شمعدان جي سبب پيدا ٿيندڙ آواز ملي وڏي گونج پيدا ڪري رهيو آهي.

"جاڳندا رهو... هوشيار!"

* * *

اٻابيل هيٺ اڏامن ٽا

گيگم سيون

هو ٻيهر روانو ٿي چڪو هو. جيئن ته هو گهر ۾ ڪونه هو ان مان اهو مطلب نڪتو ٿي ته هو ٻيڙي ۾ هو. اهو چوڻ مشڪل هو ته هن جو اصل گهر ڪهڙو هو. ٻيڙي يا گهر. جتي سندس زال هن لاءِ اکيون وڇائي انتظار ڪندي هئي. جتي هن جي آجيان لاءِ نرم بسترو هر وقت تيار هوندو هو ۽ هن جي هر خواهش جو خيال رکيو ويندو هو.

هو واپس ورڻ جو وقت ڪونه ٻڌائي ويندو هو.

سندس مڙس طرفان هر معاملي ۾ گهٽي خاموشي. هن ۾ دشمني جي بوءِ ڦهلائي ڇڏي هئي ۽ هوءِ فخر ۽ درد وچان چوندي هئي: "مون کي خبر ناهي. مون کي ڪا خبر ناهي. ڇا هن مت جي موڙهيئي لاءِ وقت ڪا معنيٰ رکي ٿو؟ هو هاڻ تن ڏينهن لاءِ ويل آهي."

"۽ تسيلا؟"

"مون کي خبر ناهي.... آءٌ پنهنجي ڇوڪري لاءِ ڪجهه ڇئي نٿي سگهان." لڙڪ هن جي اکين مان وهي هلندا هئا.

"خدا حافظ" مون ڇيو ۽ باهر گهٽي ۾ نڪري ويس. آءٌ پهاڙ جي چوٽي کان ڏوڙيس ۽ ڪناري تي پهچي آهستي هلڻ لڳس. منهنجي پيرن ۾ پراڻا قاتل جوتا پيل هئا. جن منهنجي پيرن کي پٽرن تي هلڻ مهل ڏاڍو ڏکايو ٿي.

آسمان بلڪل نيرو هو. سمنڊ صاف ۽ شفاف نظر اچي رهيو هو. چوڏس سانت ڇانيل هئي. آءٌ پنهنجي جذبن کي روڪي نه سگهيس ۽ مون کان وڏي رڙ نڪري ويئي. ڪناري تي پري پري تائين ٻيڙيون نظر آيون ٿي. پر چاچا جي ٻيڙي جو ڏور تائين به ڪو پتو نه هو.

هوا ۾ ڇانهين جي خوشبوءِ سمايل هئي. آڳ هيٺ ويهي جوتن مان واري کيڏڻ لڳس ۽ پاسي ۾ پيل پٽريون کٽي سمنڊ ۾ اڇلائي اُن جي مٽاڇري تي اُپرندڙ گول دائرن مان مزو وٺڻ چاهيم. پر پٽر پاڻي ۾ ٻڏي ٽي ويا ۽ سمنڊ جي مٽاڇري تي ڪي ٻه گول دائرا ٺتي اُپريا. مون کان ٻي اختيار رڙ نڪري ويئي.

"اڙي بد بخت!" چاچا يورگئي رڙ ڪئي. هو پنهنجي تازي ناهيل مڇي خاني جيڪو هن سمنڊ جي ڪناري تي ناهيو هو ماڻ ٻاهر نڪتو ۽ مون ڏانهن نهاري وڏو ٿهڪ ڏنو.

"ليون ڪٽي اهي؟" مون پڇيو

"تنهنجو مقصد آهي ته هو نالائق؟"

"تون خود ٻه ته نالائق آهين!"

"رڙيون نه ڪر. ڪو ٻه ٻوڙو ناهي. ڇا تون آهين.....؟"

"ليون ڪٽي آهي؟"

"نيڪ آهي، ٽڏو ٽي، جيڪڏهن شارڪ مڇين تنهنجي ڇاڇي کي نه کاڌو هوندو ته هو يقينن واپس موٽي ايندو."

"پر ڪڏهن؟"

"اها ته خدا کي خبر آهي"

"آڳ بلڪل سنجيده آهيان."

"ٽڏو ٽي، آخرڪار توکي ڪهڙي تڪليف آهي؟ توهان ٻنهي کي هڪ ٻئي سان ٻڏي ڇڏجي، ته پوءِ توکي سدائين خبرپيئي پوندي ته هو ڪٽي هوندو. جهنم ۾ ٻه هنسان گڏ ويندين؟ هو پنهنجي انداز سان زندگي گذاري ٿو. پر تون اڃان ٻار آهين. تون ڇاجي لاءِ هنسان ڇهڻو پيو آهين. توکي هينئر اسڪول ۾ هئڻ گهربو هو."

"مون کي هن سان پيار آهي ۽ افسوس پڻ" مون چيو ۽ وري رڙيون ڪرڻ شروع ڪيون.

"خدا شاهد آهي ته تنهنجا نٽ بلٽ ڪجهه ڏيرا آهن"

مون اُن کان پوءِ چاچا يورگئي سان وڌيڪ ڪجهه ٻه نه ڳالهايو ۽ سڌو سمنڊ ڏانهن نهارڻ شروع ڪيو. مون ڪنارن ڏي حسرت مان نهاريو ۽

ٻيٽن جي فاصلي کي نظرن جي لهرن تي طئ ڪيو. هتي شهزادا ۽ گنالي ٻيٺ هئا. پر مون کي اُتي پرڪاز نظر نہ آيو شايد لڪي ويو هو. پر اُتي گيپلي موجود هو جيڪو پاڻي مان جل ديوي جيان نڪري رهيو هو. سڙهه پردن جيان ڏيکائي ڏنا ٽي ۽ تقريبن پنجاهه فٽ پري ڪينو پکين جا ولر نظر آيا ٽي. بي آرام ۽ واجهائيندڙ ابابيل اُنهن جي مٿان ڪمان جيان لامارا ڏيئي رهيا هئا.

گهڙي پل لاءِ آڳ مست ٽي ويس. هر ڪا شئي بدليل محسوس ٽي رهي هئي. هر ڪا شئي ڳائي رهي هئي ۽ ڪلي رهي هئي. سمند جو گيت، نيري وشال ۽ جادوئي سمنڊ جوگيت منهنجي اندر ۾ اُپريو.

مون اُتي ڪيئن ٻيرا چڪر لڳايا.

"هن نندڙي بيوقوف کي ڏسو". چاچي يورگئي چيو. ۽ پوءِ اوچتو ئي مون کي جڙ ڪنهن ڏکو ڏنو. آڳ هن جي ڇاتي سان چهٽي ٻيس ۽ ڪيس چمي ڏنم.

"اڙي هي تہ ڏينهن جيان بلڪل صاف آهي." هن مڇن تي هٿ ڦيرائيندي چيو.

"پهريان هو روئي ڏيندو آهي، پوءِ ڪلندو آهي ۽ اُن کان پوءِ هو هر هڪ کي چمي ڏيڻ چاهيندو آهي. آڳ ساک سان چئي سگهان ٿو تہ تو ۾ ليون جو ڪجهہ نہ ڪجهہ اثر ضرور آهي."

"چاچا! آڳ رات کان هتي رهيل آهيان جڏهن تہ امان مون کي سڏي ٻيئي. چا توهين کو نہ ٿا ٻڌو؟"

"اسڪول جو چاٽيو؟"

مون اسڪول ڇڏي ڏنو. آڳ هاڻ سمنڊ کي پيار ڪريان ٿو ڪلي آسمان کي، توکي ۽ آزادي کي!"

ٺيڪ آهي تہ پوءِ آئون تو لاءِ مڇي پچايان ٿو ۽ اُن جو حساب ليون جي ڪاتي ۾ لڳايان ٿو. وودڪا گهر ۾ پيل آهي."

"چا تو..... تسيلا بابت ٻڌو آهي؟ چاچا تو ٻڌو آهي؟"

مٿان ڪجهہ ڪانگ ڪان ڪندا اُڏاٽا.

هن مونڊي نهاريو ۽ لڙڪ منهنجي اکين ۾ تري آيا.

”او ڇوڪرا! ڇا تون ليون جو ياتسيلا جو انتظار ٿو ڪرين؟“

مون جواب نہ ڏنو.

”تسيلا جي ڪا خبر ڪونهي. اُن کان پوءِ ڇا ٿيو. ليون مڪمل طور تي....“ چاچا پيشاني تي هٿ ڦيرائيندي چيو.

”لعنتي ڪانگ“

”پر هو ويو ڪيڏانهن؟“

هن پٽاتا، ٽانڱ، ڇڙ، ڇهه بوتلون وودڪا جون ٿوري ماني ۽ ڪجهه سگريٽ ساڙ ڪنيا. هن جي ڪل پونجي هڪ قميص ۽ گوڏ هئي ۽ توهين چئي سگهو ٿا تہ هو ڪو چريو نہ هو ۽ توهين اهو نہ سوچي سگهو ٿا تہ هو پنهنجي ماڻ ڏي ويو هوندو يا شايد هو ڪنهن وارياسي ٻيٽ تي جيون جو مزو ماڻي رهيو هوندو. ۽ جيڪڏهن هو مري ناهي ويو تہ. ذرا سوچيو. هن پنهنجو دڪان بند ڪيو. روزگار کي تياڳي مڇي جي شڪار لاءِ نڪري ويو. ڇا ائين هڪ سالم حواسن وارو ماڻهو ڪري سگهيو ٿي؟ جيڪڏهن توهان وڌا هجو ها تہ يقينن ائين ڪريو ها ۽ توهان پنهنجي زال کي پيار ڪيو ها. هن کي ساڻس جريائپ جي حد تائين پيار هو. هن ڪيس جڏهن هن جو اباڻو وطن آيو تہ ٻيڙي مان لاٿو ۽ ساڻس شادي ڪئي ۽ هاڻ اُهو ڏينهن خالي ڪونهي جڏهن هو هن کي مار نہ ٿو ڪيڙي. ڪمينا تو هن کي ٻيڙي مان ڇو لاٿو؟ توکي ڪنهن منٽ ڪئي هئي. تو هن سان پنهنجي مرضي پٽاندر شادي ڪئي هئي ۽ هاڻ تو ٻنهي جون زندگيون برباد ڪري ڇڏيون. هو پنهنجو جيون سمنڊ تي گذاري ٿو ۽ پيئندو رهي ٿو ۽ اُتي... هوءِ سندس اوسيئڙو ڪندي رهي ٿي ۽ دکي گذاري ٿي. ڪنهن ان بابت سوچيو هوندو؟ پهرين ماڻهو جو سنو روبو هجي ۽ پوءِ....؟ جيڪڏهن آڱ تنهنجو پيءُ هجان ها تہ منهنجا پٽ! آڱ توکي هڪڙي ناهوکي مار ڏيان ها ۽ توکي چوان ها تہ هنن رستن تي ڪجهه دير لاءِ بيهہ. مون کي ڏيان ڏيئي ٻڌ؟ ڪجهه ترس! آڱ شرط رکي سگهان ٿو تہ تون تسيلا جي ڳالهہ ٿو ڪرين. هي ڏس ٻي بہ ڳالهہ آهي. آڱ هن ڏي جلدي چو ٿو نهاريان؟ نيڪ آهي. ٻڌ پٽڙا گهر ڏي وڃ. سيني سان جهنم ۾ بہ وڃڻ لاءِ تيار رهہ. هُن کي متي ۾ اڪثر سور رهي ٿو. هاڻ تہ سال بہ ٿي چڪو آهي. ڪهڙي خبر تہ

ڪنهن ڪتي جي پٽ حصو پتي ورتو هجي!؟

"هاڻ بس ڪر چاچا يورگئي." مون رڙ ڪئي.

"آڳ سمجهان ٿو. ڇو آڳ هن ڏانهن جلدي ڪو نه ٿو نهاريان؟ هو سچ پچ ته پيار جو ماريل آهي. هن جي نموني مان به ظاهر آهي ۽ ها -- آڳ پوڙهو ٿيندو ٿو ويجان. مون اهو وساري ڇڏيو آهي ته هو ڪيئن هو".

"او چاچا!" مون ڪرندي چيو" مون توهان کي پهرين ئي ٻڌايو آهي ته آڳ ليون کي ڳولڻ آيو آهيان."

هن مون ڏي ائين چتائي نهاريو جڙ منهنجو هر طرح ڪان جائزو وٺڻ چاهيندو هجي ۽ پوءِ مون کي مخاطب ٿيندي چيو "آڳ تنهنجي لاءِ مڇي پچايان ٿو تيستائين تون وودڪا جا به ٽي پيگ هڻي گرم ٿي وڃ. ۽ ها مٹان مڇي چهاڙي ڪائڻ سان تنهنجي وات جي بوءِ ختم ٿي ويندي ۽ تنهنجي ماڻ کي ذري برابر به شڪ نه ٿيندو."

"مون توهان کي اڳي ئي ٻڌايو آهي ته آڳ هتي رات ٽڪڻ آيو آهيان. امان کي به ان جي سڌ آهي."

"جيڪڏهن ليون اڄ نه موٽيو ته پوءِ؟"

"آڳ هن جو انتظار ڪندس"

"نه منهنجا پٽ. آڳ نٿو سمجهان ته تون ائين ڪري سگهندين. منهنجي صلاح مڃ ۽ سياڻي وري اچجانءِ."

"نه چاچا! مون کي تنگ نه ڪر."

"تون جنوني آهين."

"چاچا مون کي اڪيلو ڇڏي ڏي. مڇي ڪٽي آهي؟"

"آڳ نٿو سمجهان ته توکي اُن جي ڪا ضرورت به آهي."

"ڇو نه؟"

"هوڏانهن ڏس!" هن سمنڊ ڏانهن ڏيان ڇڪرايو "ڇا هو ڪونهي؟"

"ها، هوئي آهي!" آڳ ڊوڙندو سمنڊ جي ڪناري ڏانهن ويس." چاچا ليون، چاچا ليون اچي ويو!"

چاچا يورگئي منهنجي مٿي تي ٽونگو هنيو.

ٿوري دير بعد آڳ ليون سان گڏ هلي رهيو هوس. منهنجي ڪلهي

تي مڇي جو ٽوڪرو هو ۽ اسين هن جي گهر ڏانهن وڃي رهيا هئاسين. هن جي هٿ ۾ لٺ هئي ۽ هو وڏيون وکون کڻي هلي رهيو هو.

"چوکر! تون آرام کر." هن گهر وٽ پهچندي چيو "تنهنجي ايجان عمر پئي آهي. اسين جيڪڏهن خدا گهريو ته سياڻي هلنداسين. تنهنجو ڇا خيال آهي؟".

"منهنجو ڇا خيال آهي؟ اهو ته سانيڻ جهڙو خواب هو؟ "آءٌ هن کي ڇا ٻڌايان ته مون کي ساٽس مڇي جي شڪار ڪرڻ جي اجازت لاءِ امان سان ڪيترو نه مٽو هٽٽو پيو هو.؟

هن پنهنجيون ڳاڙهيون اکيون مون تي کپائي ڇڏيون ۽ گهڙي پل ترسي پوءِ چيو "تون به جنوني آهين ۽ ڪنهن جي پرواهه نٿو ڪرين چوکر! ۽ توکي ڪنهن ڳالهه جو فڪر به ڪونهي. تون مون وانگر ئي آهين. ها بلڪل مون وانگر. هوبهو منهنجي ڪاپي. فقط عمر ۾ مون کان ننڍو ۽ جوان آهين".

گيهه جي ٽڪ جو آواز رڌڻي ۾ ڦهلجي ويو.

ڇاڇا رڌ پچاءُ لاءِ هدايتون جاري ڪرڻ لڳو.

"انتاشيا مڇي کي صاف نه ڪجان!"

"جي سائين!" هن ڪرکندي چيو "هيل تائين ڪنهن ٻڌو ته مڇي بنا صاف ڪئي ڪنهن کاڌي هجي؟"

"توکي ڪهڙي خبر" ليون رڙڪئي "چريا تازي ماريل مڇي ائين ئي کائڻ گهرجي. تنهنجي ستياناس ٿئي. مڇي کي صاف ڪرڻ جي ڪوشش نه ڪر".

"تون سمجهين ٿو ته تون چوکري جي منهن تي زبان هلائي پاڻ کي سرخرو پيو ڪرين؟ چوکري جي موجودگي ۾ اجائي بڪ بڪ نه ڪر."

"هي چوکرو سياڻي وڏو ماڻهو ٿيندو. منهنجو مطلب آهي ته هڪ سچو پچو انسان. اهڙو ماڻهو جنهن کي خبر هوندي ته ڪيئن سچي ڪم جي شروعات ڪجي. پيڙا چا ٿيندي آهي." ليون مون کي وارن کان جهليندي پنهنجي ويجهو آندو "هليا اڄ ته تنهنجي ڇاتي ڏسان."

”نہ چاچا نہ.“ مون منجھندي ۾ ٽڏو ساھ ڪڍندي چيو.

”هليا تہ ڏسان.“ هن مون کي حڪم ڪيو ۽ منهنجي قميص ڇڪي لاٿي. ”ان ۾ شرمائڻ جي ڪهڙي ڳالھ آهي؟ “ ڏس! انتاشيا! اسان وٽ هڪ سچو پچو مثال موجود آهي. جيتوڻيڪ هي ايجان ٻارڙو آهي پر هن جي ڇاتي وارن سان پريل آهي. تڏهن تہ مان چوان ٿو تہ هي ٻارڙو سيان جو هڪ وڏو ماڻهو ٿيندو. جڏهن تون وڏو ٿين ۽ بٽڻ واريون قميصون پائڻ لڳين ۽ جڏهن تنهنجا وار ڪنڌ تائين اچن تہ منهنجا ڇوڪرا هڪ ماڻهو هئڻ جي ناتي پيڙا سهڻ ضرور سکجانءِ ۽ منهنجي هڪڙي ڳالھ ضرور ياد رکجانءِ تہ جيون جيڪي ڪجھ توکي آڇي اُن کي قبول ڪجانءِ ۽ اُن کان گهٻرائجانءِ قطعي نہ. جيون جي هر پل مان مزو ونجانءِ ۽ منهنجا ڇوڪرا جڏهن توکي انهن ڳالهين جي خبر پئجي ويندي تہ توکي محسوس ٿيندو تہ انهن ڪمن لاءِ جيون ڪيڏي نہ ٿوري آهي....“.

”اهو ٻار سان ڳالهائڻ جو ڪهڙو طريقو آهي؟ هن جي ماءُ کي جيڪڏهن خبر پوي تہ؟“ انتاشيا اهو چوندي ٽڏو شوڪارو پريو.

”اها تنهنجي روايت ناهي. اهو ئي سبب آهي جو اسان جا ڇوڪرا ڪجھ بنجڻ چاهين ٿا. آءٌ اسان جن آرمينيئن ڇوڪرن بابت ڳالهائي رهيو آهيان نہ ڪہ يوناني ڇوڪرن بابت. توکي اُنهن جو ڏک محسوس ڪرڻ گهرجي“. هن ائين چوندي مون ڏانهن نهاريو.

پوءِ هن ٽيبل تي سامان رکڻ شروع ڪيو. هن شراب جا گلاس ٽيبل تي رکيا. هن وودڪا جي بوتل کولي ۽ ڪجھ ٽماٽا ۽ بصر ڳٽرا ڪري پليٽ ۾ وڌا ۽ ٽيبل تي رکيا. هو پنهنجي مستي ۾ گم ٿي چڪو هو.

”انتاشيا! منهنجي پياري لوڻ ڪٿي آهي؟“

سندس زال مچي آٿي اڳيان رکي.

اسان پنهنجين جڳهين تي ئي وينا رهياسين. هن ٻانهن جا ڪف مٿي ڪنيا ۽ ڪاڌي تي وحشين جيان ڪري پيو.

”تنهنجي ڪائڻ کي ڏسي هر ڪو ائين چوندو تہ تون چالبهارو ڏينهن کان لانگهي تي آهين“. انتاشيا ڪرڪندي چيو.

منهنجي هٿن ۾ گراهہ رکجي ويو ۽ منهنجي نظر ڇاچا ڏانهن

ڪڇي ويئي.

”ڪاءُ.“ هن مون کي چيو ”آءٌ چوان ٿو تہ ڪاءُ زندگي جيڪي خوشيون توکي آڇي ٿي اُنهن کي نہ موڻائي ۽ خدا جي واسطي انهن فضول ڳالهين تي ڌيان نہ ڏي. جيڪڏهن تو ڪجهہ ڳوليو آهي تہ اُن کي ضرور ماڻ. ڪنهن بہ شئي کان انڪار نہ ڪر. هي تازي تريل مڇي جيڪا وودڪا ۽ بصر سان تون کائين، ٿو سڀ ڇڄ تہ تو لاءِ جيون جي هڪ وڏي نعمت آهي.“

”ڏسوس!“ انتاشيا وچان ڳالهہ کي ڪٽيندي چيو ”هن کي دنيا داري جو ڪو خيال ڪونهي ڇڏ هن کي ڪا زال ئي نہ هجي ۽ ڇڏ تہ هن جي ڏي کي ڪجهہ بہ نہ ٿيو هجي. هن کي تہ هر وقت پيئڻ ۽ کائڻ جو اونو رهي ٿو. هي تہ جانورن کان پي بدتر آهي“.

ليون جي چهري جو رنگ اُڏامي ويو. هن کائڻ بند ڪيو. هن جي زال ايجان بہ ڪجهہ چوڻ تي هئي جو هن جا وارن سان پريل سگهارا هٿ ٽيبل تي گهميا ۽ گلاس درد پريون دانهون ڪندو پٽ تي ڪريو ۽ ٽڪرا ٽڪرا ٿي ويو. وودڪا بوتل مان پٽ تي وهڻ لڳو ۽ منجهائنس گڙگڙ جو آواز اُپرڻ لڳو. ليون جي اکين ۾ رت پرجي آيو. هن جي زال کي ڪجهہ سمجهہ ۾ نہ آيو تہ هو ڇا چئي؟ هن تڙتڪڙ ۾ ڳالهايو. ”مون کي خبر نہ هئي تہ تون گذريل ٽن ڏينهن ۾ زندهہ بہ هوئين يا مري ويو هوئين. منهنجي چوڪري جو ذرو بہ خيال نہ ڪيئي. منهنجي تسيلا جو.....“.

”بڪواس بند ڪر!“ چاچي زوردار رڙ ڪئي. مون کي محسوس ٿيو تہ مهاڻي جي جهوپڙي ۾ ڪنوڻ ۽ گجگوڙ ملي ڏماڪو پيدا ڪري رهيون هيون. مون پنهنجيون اکيون ڪمري جي هڪ پراهين ڪنڊ ۾ ڪپائي ڇڏيون ۽ جيڪي ڪجهہ هاڻ ٿيڻ وارو هو اُهو سوچي ڏڪي ويس.

ليون اُٺيو

”وڃ پنهنجي ڪمري ۾ وڃي سمهي رهو.“ هن مون کي چيو ”آئون توکي صبح جو اُٺارينڊس. هينئر وڃي آرام ڪر.“

آءٌ نافرماني ڪري نٿي سگهيس. هن جي آواز ۾ پٿر جهڙي سختي هئي. آءٌ ٻئي ڪمري ۾ ويس. آءٌ جڏهن بہ هنن جي گهر ۾رهندو

هوس تہ هو مون کي سمهڻ لاءِ اهو ڪمرو ڏيندا هئا. اهو تسيلا جو ڪمرو هو ۽ اُنهن جي ڪمري جي پرسان هو. جڏهن تسيلا گهر تي هوندي هئي تڏهن بہ مون کي هن جو ڪمرو ڏنو ويندو هو ۽ هن کي پرواري ڪمري ۾ سمهاريو ويندو هو. چاچا جي خيال ۾ عورتن جي مقابلي ۾ مرد وڌيڪ بهتر هئا.

چوطرف سانت چانيل هئي. ميز مٿي تسيلا جو فوٽو رکيل هو. جيئن ئي مون تسيلا جي فوٽو ڏي جهڪي نهاريو جو هڪ زوردار چمات جو آواز منهنجي ڪنن تائين پهتو ۽ اُن سان گڏ انتاشيا جي روئڻ جو آواز. منهنجي اندر ڏڇڪو ڪاڏو. منهنجي اندر ۾ درد ۽ پيڙا جو احساس اُپريو. مون دري جي سوراخ مان نهاريو ۽ نہ ڄاڻ ڇو مون کي ان عمل ۾ پنهنجي ڪميڻائپ محسوس ٿي. آڳ دري کان پري هٽيس ۽ ڪپڙا بدلائي بستري ۾ اچي ڪريس. اُن ڏينهن جي خيالن مون کي جهنجهوڙي ڇڏيو.

مون کي لڳو تہ منهنجي اڳيان عجيب و غريب ۽ غير رواجي فلمون سئنيما سلائڊ جيان گهمي رهيون آهن، جن جي هر سين اڳين سين کان وڌيڪ خوفناڪ ۽ ڀيانڪ هئي. مون کي ياد نہ آهي تہ آڳ ڪيترو وقت ائين ئي بستري تي ڦٽڪندو رهيس ۽ اچانڪ سرگوشين جي آواز منهنجي خيالن کي ٽوڙي ڇڏيو. منهنجي من ۾ خواهش ڪر ڪٽي اُپري ۽ بستري ۾ اُٿي وينس ۽ اُنهن ڏيمن آوازن کي ڏيان سان ٻڌڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳس. اهو ليون جو آواز هو. پر اهو ڪيترو نہ تبديل ٿيل هو. لفظ جيڪي هن ڳالهايا ٿي ڪيترا نہ غير رواجي هئا. اهي پيار پريا لفظ هئا، جن ۾ اڻ مئي محبت ۽ چاهت جو ذڪر هو. هن جي پر ۾ ستل هن جي زال انتاشيا سڏڪا پري رهي هئي ۽ پوءِ هو ٻيئي خاموش ٿي ويا. گهڙي پل کان پوءِ وري پڻ جو آواز منهنجي ڪنن تائين پهتو. مون کي خبر ناهي تہ اهو هڪ خواب هو يا جهوپڙي جي حقيقت. باهر جو مچ ٻري رهيو هو ۽ هر شئي اُن ۾ جلي رهي هئي. مون ڊوڙي ٻچڻ جي ڪوشش ڪئي. پر ٻچي نہ سگهيس. منهنجون تنگون جواب ڏيئي ٻيٺيون. مون رڙيون ڪرڻ چاهيون ٿي پر منهنجو آواز نڙي ۾ ئي ڦاسي ٿي ڇيو. منهنجون دانهون ڪير ٻڌي نٿي سگهيو.باهر جا شعلا منهنجي بلڪل ويجهو ٿي رهيا هئا.

"چوڪرا چا ڳالهه آهي؟" منهنجي چاچي مون کي زور سان ڏونداڻيندي چيو "چا تو کو خراب خواب ڏٺو آهي؟ اُٺي سفر تي اُسهڻ جو وقت مٿي اچي پهتو آهي. سمنڊ اسان جو انتظار ڪري رهيو آهي".

رات هاڻ ختم ٿي چڪي هئي. آڳ اُٺيس ۾ ڪوشش ڪيم ته جيترو جلد ٿي سگهي گهر کي ڇڏجي. مون ڪپڙا بدلايا. ليون اڃا تائين نلڪي جي هينان وهنجي رهيو هو. آڳ نلڪي جي هينان هنجو آواز بڌي سگهيس ٿي. مون گهڙي پل لاءِ هن جي ڪمري ۾ جهاتي پاتي. ڏٺم ته انتاشيا پرسڪون ستي پئي هئي. هن جي چهري تان اوچڻ لٿل هو. سندس گلابي چهري تي هڪ ابدي خوشي جي مرڪ ڦهليل هئي.

تسيلا جي تصوير پٽ تي پيل هئي. مون اُن کي ڪنيو ۾ واپس ٽيبل تي رکي ڇڏيو. مون کي دل ۾ ڪجهه چيندي محسوس ٿيو ۾ هاڻ محسوس ڪري سگهيس ٿي ته آئون هن جي ڪمري ۾ ستل هوس.

پريات جي ول سبب موڳو لڳس. ٿي. ليون معمول جيان ديو جيڏا قدم کڻي رهيو هو ۾ لٽ هن سان ساڻ هئي. اسين جلد ئي ڪناري تي پهتاسين. آڳ خاموش ۾ منجهيل منجهيل نظر اچي رهيو هوس.

"چڪ!" ليون چيو. اسان ٻيڙي پاڻي ۾ لاٿي. "ڏس وڃي ٿي!"

چاچا يورگئي جو شراب خانو اوندهه ۾ گم ٿي ويو هو. ڏور پنڌ تي جهڪي روشني ۾ ٻيڙيون نظر اچي رهيون هيون.

"ٻيڙي چاچا يورگئي جي پاسي کان لڳائي. اسان کي ڪائنس رڇ ونڻي آهي".

اسان ٻيڙي چاچا يورگئي جي شراب خاني جي ويجهو لڳائي. ليون پنهنجو ننڍڙو چاقو ڪڍيو ۾ ڪڏ کوٽي اُن مان ڳهه ڪڍڻ لڳو. هن ڪئين ڪڏون کوٽيون ۾ اُن مان ننڍڙا ننڍڙا نرم ۾ ملائم ڳها کوٽي ڪڍيا.

"اسان کي دير ٿي ويئي آهي. چوڪرا سمنڊ جهاڳيندڙن جو نه ته ڪو گهر هوندو آهي نه خاندان ۾ نه ئي ٻار. اهي رشتا توکي منجهائي ڇڏيندا. اهي تو کان هر شئي ڀُلائي ڇڏيندا ۾ توکي منزل کان پري ڪري ڇڏيندا."

اناڙي هئڻ جي باوجود آڳ پاڻي ۾ گهڙي ٻيڙي تي چڙهيس.

منهنجون اکيون چاچي جي سگهارن پنن ۾ طاقتور ٻانهن تي کپي ويون، ونجهه پاڻي ۾ هيٺ مٿي ٿي موسيقي پيدا ڪري رهيو هو ۾ آءٌ هن جي چيل لفظن تي سوچڻ لڳس.

"سمنڊ جهاڳيندڙ جو نه ته ڪو گهر هوندو آهي نه خاندان ۾ ئي پار...." سمنڊ جهاڳيندڙ زال، پار، پيار، مقصد...." پر پيار هن لاءِ ڪهڙي معنيٰ رکي تي ۾ ڪهڙي مقصد جي هن وڪالت ڪئي ٿي؟ چاچا يورگئي وٽ يقينن ليون لاءِ ائين چوڻ جو ڪو سبب هو ته هو ٿورڙو جنوني آهي".

هاڻي به آءٌ پاڻ کي دنيا جو خوش نصيب ماڻهو سمجهان ٿو.

ڪاءُ وري زور سان ڪان ڪان ڪري رهيا هئا.

سج اُپرڻ ۾ ڪافي دير هئي. ناقابل برداشت سردي منهنجا سنڈ سڪائي ڇڏيا هئا. منهنجون جاڙيون وڃڻ لڳيون.

"توکي سيءُ پيو ٿئي چوڪر! تنهنجي بدن تي پاتل سئيٽر ناڪافي آهي. ائين نه؟"

"ها" مون پاڻ کي ڦڪو ڦڪو محسوس ڪندي جواب ڏنو.

"هان هي وٺ" هن ائين چوندي مون کي وودڪا جي بوتل ڏني.

"ڪجهه ڊڪ پر"

مون ڇهه يا ست ڊڪ مس پريا جو منهنجو جسم ايڏو گرم ٿي ويو جو ڃڻ آڳ اوتي رهيو هجان.

"پنهنجا چپ ٻانهن سان اُگهه. ڏسون ته اڄ مڇي جو شڪار ڪيئن ٿو هلي."

ليون پنهنجي قميص لاٿي ۾ پيڙي تيز هلائڻ لڳو. جڏهن اسان ڪناري کان ڪافي پري نڪري وياسين ته هن سڙهه چاڙهيو ۾ هڪ هٿ ۾ ونجهه جهلي پاسي ۾ ويهي رهيو.

"هاڻ اسان سورج ۾ زندگي ڏانهن سفر ڪنداسين. هميشه اڳتي رهو منهنجا چوڪرا! سدائين هل، هل اُتي جتي ماڻهو اسان کي سمجهندا هجن ۾ اُتي جتي اسان کي سچا دوست ملن." پر آئون ڪيترو نه بيوقوف آهيان جو اهو سپ ڪجهه هڪ ننڍڙي هارڙي کي پيو چوان.

منهنجو ذهن مونجهاري کان آجو هو. آءٌ ڏاڍو خوش هوس جو آءٌ

سمنڊ جو سير ڪري رهيو هوس. منهنجي مٿان ابابيل اُڏري رهيا هئا. وودڪا مون کي گرم رکيو هو. آءٌ پنهنجي مستي ۾ گم ٿي چڪو هوس. جيتوٽيڪ مون کي منهنجي چاچي جي سڃي گفتگو سمجهه ۾ ڪونه ٿي آئي، تہ بہ هن جي لفظن مون کي سرور پهچايو ٿي. اهو سوچيندي تہ ڪنهن نہ ڪنهن جڳهه مون کي سچا دوست ملندا، اُنهن جي اڻ ميي پيار مون کي خوشي ۾ گم ڪري ٿي ڇڏيو. آءٌ هن جي چريائپ کي قبولڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هوس. مون پنهنجي چاچي ڏانهن ڏپ ۽ عزت جي نگاهن سان نهاريو.

ٻيڙي تيز هلي رهي هئي. مون کي پنهنجي زندگي ۾ ڏپ محسوس ٿيڻ شروع ٿيو.

سڙهه هوا جي ڪري زور لڳائي رهيو هو. هوا وحشيت مان حملو ڪري رستو پيدا ڪرڻ ٿي چاهيو ۽ منهنجي چاچي پنهنجي پوري سگهه سان سڙهه جي رسي کي هٿن ۾ جهلي ڇڏيو هو. ائين ٿي لڳو تہ جڻ اُن جنگجو گهوڙي کي روڪڻ چاهيندو هجي، جيڪو اسان کي نهايت بي رحمي مان قسمت جي منهن ۾ ڏڪي رهيو هو. پر اهو سمورو منهنجو وهم هو. جيڪو مون کي پريشان ڪري رهيو هو!؟

"اوهہ!" چاچا رڙ ڪئي

هن جي چهري تي ڏپ نالي ڪو بہ نشان نہ هو. هو پنهنجي وجود ۾ کوڙجي چڪو هو ۽ ڪنهن حسين پرين جي کهاڻي جو شهزادو لڳو ٿي. هن سمنڊ جو لوٽانيل پاڻي پنهنجي چپن تي هنيو ۽ زوردار لفظن ۾ ڳالهائڻ شروع ڪيو. جيڪي منهنجي ٻاراڻي دماغ ۾ نہ وينا ۽ مون کلي ڏنو. مون کي ڏپ ۽ سردي وکوڙي ڇڏيو هو. هو جيتوٽيڪ پنهنجي ئي ڏن ۾ مگهن هو ۽ هن کي آسپاس جو ڪو پتو ڪونه ٿي پيو تڏهن بہ هن منهنجي بي چيني کي ڄاڻي ورتو.

"چوڪر! ڊج نہ." هن رڙ ڪئي. "آئون ٻيڙي کي سڌو ڪريان ٿو."

هن پنهنجو جسم ڪاهي پاسي لاڙي ڇڏيو. هن جون فقط ٽنگون ئي ٻيڙي ۾ رهي وبون. ائين ڪرڻ سان بہ ڪجهه نہ وريو ۽ اسين لڳاتار لهرن ۾ لڙندا رهياسين. ٻيڙي لڳاتار ساڄي طرف اولار ٿي رهي هئي.

”هيڏانهن اڄ“ هن رڙ ڪئي

خدا ڄاڻي ٿو ته آئون ڏهڙي ڇريائپ لاءِ نه ڄائو هوس. بهرحال آءٌ اُتي بينس ۾ سنياڻي قدم کڻڻ جي ڪوشش ڪيم ئي مس جو هڪ طاقتور لهر منهنجي متي سان اچي ٽڪرائي ۽ مون کي واپس پنهنجي جڳهه تي ڏکي اُڇلايائين.

”نالائق!“ ليون ائين چوندي پنهنجو ڪنڌ لوڏيو.

آءٌ فراموشي جي عالم ۾ هوس. منهنجي چاچي کي ڇڏي اهو منهنجي لاءِ هڪ نئون تجربو هو. منهنجي اندر ۾ انيڪ خيال اُپرڻ لڳا ۽ نيٺ مون کي محسوس ٿيڻ لڳو ته آءٌ هيٺائي ۽ دهشت سبب مري رهيو آهيان. مون کي پڪ ٿي ويئي ته ڏرتي تي اهي منهنجون آخري گهڙيون هيون ۽ آءٌ زندگي جا پويان پساهه کڻي رهيو هوس.

مون کي خبر ناهي ته ڪيترو وقت گذري چڪو هو جو ليون رسي کي جهٽڪو ڏنو ته جيئن سڙهه کي سڌو ڪري سگهجي ۽ پوءِ هن سڙهه تي قابو پائي هڪ وڏي رڙ ڪئي. گهڙي پل ۾ ٻيڙي پنهنجي جڳهه تي اچي ويئي ۽ هاڻ آهستي آهستي هلڻ لڳي. ليون سڙهه کي تيزي سان ڇڪيو. هو هڪ فاتح ويڙهاڪ جيان ڏيڪ ڏيئي رهيو هو. هن جنگ کٽي ورتي هئي ۽ هاڻ ٻي جنگ تائين تلوارون وري مياڻ ۾ هليون ويون ۽ جهنڊا ويڙهيا ويا.

”اُتي منهنجا ڇوڪرا“ هن هڪل ڪئي، ”لنگر لاهه“

آءٌ ايڏا تائين منجهيل ۽ پريشان هئس ۽ هن جي حڪم جي بجا آوري ڪرڻ جي حالت ۾ نه هوس.

”هليا، اُتي هيڏي اڇ ڪهڙو مسئلو اٿئي؟ ڇا ماڻهو ائين ڪندو آهي؟“

هن رڇ گڏ ڪيو. ۽ ڦيرائي ٻيڙي کان پنجن ڇهن ميٽرن جي مفاصلي تي اُڇليو ۽ پوءِ هو منهنجي پر ۾ اچي ويٺو.

هن هڪ ڀيرو وري وودڪا پيئڻ شروع ڪيو ”تون به ڪجهه پي. هن چيو“ جيتوڻيڪ اهو تو لاءِ .... گهٽو آهي پر ٻي ڪا مزي جهڙي شئي به ته ڪونهي. هي شيطاني پاڻي ڪمزور ۽ نبل ماڻهن ۾ به مڙسي ۽ همدردي

پيدا ڪري ٿو.“

هن مون کي ڪافي زور ڪيو تہ آءٌ وات کي کوليان ۽ ٻہ ٽي ڏڪ پريان.

”توکي ڊپ ڇو ٿو ٿئي؟ آءٌ تہ توکي هڪ سچو انسان سمجهان ٿو.“

اُن وقت آسمان ۾ سج اُپري رهيو هو. سج جي ڪرڻن منهنجي جسم جي ڏکندڙن حصن کي عجيب نرالي انداز ۾ چميو ۽ گرم ڪيو. اها ڪيڏي نہ ناقابلِ بيان شفقت هئي.!“.

مون جيئن ئي سج ڏي منهن ڪيو تہ مون کي هوا جون سر گوشيون ٻڌڻ ۾ آيون.

”اڄ تہ سج جي لاءِ پيون منهنجا ڇوڪرا تون سمنڊ ۾ اُٿندڙ ڇولين جي موسيقي ڪونہ ٿو ٻڌين؟ جيڪڏهن تون انهي پل کي محسوس ڪري سگهين ٿو ۽ جيڪڏهن تون اهو سپ ڪجهہ ٻڌي سگهين ٿو ۽ سمجهي سگهين ٿو ۽ جي توکي خبر آهي تہ اها ئي زندگي آهي تہ پوءِ هن ڏرتي تي اُن کان مٿي ٻي ڪا بہ زندگي ناهي.“.

مون پنهنجي چاچي ڏانهن نهاريو. آءٌ هن کي سمجهي نہ سگهيس.

اسين اٿاهہ سمنڊ جي وچ ۾ هئاسين جنهنجو ڪوبہ انت نہ هو. چوطرف ڪوبہ ساهوارو نظر نٿي آيو ۽ نہ ئي ڏور تائين ڪو ڏرتي جو نالو نشان. فقط سمنڊ هو مٿان سورج ۽ هيٺ اسان بہ ۽ اسان سان ساڻ هو رچ ۽ ٻيڙي جنهن کي مون ڪناري تائين پهچائڻ جي اڪيلي اُميد ڇاتو ٿي.

آءٌ شوخي مان ويٺو هوس ۽ مون تي اُنهن جذبن جو غلبو ٿي چڪو هو جيڪي آءٌ وري ڪڏهن بہ انهي زوردار قوت سان ماڻي نہ سگهندس؟

۽ پوءِ منهنجي جنوني چاچي فلاسافي جي انداز ۾ ڳالهائڻ شروع ڪيو.”تون ايترو ننڍڙو آهين بلڪل رچ جي ٻچي جيان. تون منهنجي تصوير آهين، هڪ مخلص، وفادار ۽ سچائي سان پرپور. توکي ايجان ڪافي ڪجهہ ماڻڻو آهي. توکي پيار کي ڄاڻڻو آهي. پيڙا کي پاڻو آهي. تون خواب لهندين ۽ تنهنجي اندر ۾ خواهشون ڪر ڪٽي اُٿنديون تہ تنهنجا خواب ساڀيا پائن، پاڻ وڃائڻ کان نہ گهبراءِ، ڪا ڳالهہ ناهي جي تنهنجي ٻيڙي طوفان جي نظر ٿي وڃي، سڙهہ ٽڪرا ٽڪرا ٿي وڃي. ڪا

ڳالهه ناهي جي طوفان اچي ويجي، تڏهن به ڪنارن تي نه رهجان ۾ نه ئي ٻيڙي کي ڇڏجان. سدائين سمنڊ جي گهرائي ۾ ويجهان ۾ سڄ جي ڪرٽن ۾ سنان ڪجان. جيڪڏهن توکي تنهنجي انتاشيا ملي ويجي، ڇا به ٿي پوي هن کي پيار ڪجان. ۾ جيڪڏهن هو توکان تنهنجي ڏي تسيلا کسي وڃن ته به هن جو عڪس سڄ جي ڪرٽن ۾ پسڻ نه وسارجان. اوهه! پر آڳ ڇو ان قسم جي بڪ بڪ ڪري رهيو آهيان؟ آئون پوڙهو به ڪيترو نه ڇريو آهيان. تون ايڏا ته ننڍڙو ڇوڪرو آهين ۾ مون کي ڪنهن به حالت ۾ ڪو نه سمجهي سگهندو هوندين."

سورج ۾ تسيلا کي ڏسجان؟ ها. مون پوءِ هن کي سورج جي ڪرٽن ۾ ڏٺو. هن جا سونهري وار ڪليل هئا ۾ ڏاڍا خوبصورت هئا. منهنجي خوابن جي راڻي تسيلا، مون هن کي فقط هڪ پيرو ڏٺو ڇاڪاڻ جو تسيلا نالي ڪا به سندري هن ڌرتي تي موجود نه هئي. تسيلا سورج جي تپش جي ڄائي هئي.

ساڳئي وقت منهنجو چاچو چئي رهيو هو ته "جيتريون گهٽيون ٻيڙيون سمنڊ ۾ ڏسين سمجهه ته اوترو ئي چريا سورج کي پائڻ لاءِ نڪتل آهن ۾ اوترو ئي بهتر ۾ سڃائي سان پرپور زندگي تنهنجي آجي ڪندي."

"آڳ ائين ئي ڪندس چاچا"

هن مون کي پاڪرن ۾ پري پنهنجي ويجهو آندو ۾ منهنجي پيشاني کي چميو.

"تون اسان جي خاندان ۾ واحد فرد آهين جيڪو منهنجو جانشين بنجي سگهين ٿو ۾ توکي اڳتي هلي خبر پوندي ته زندگي ڪيڏي نه پراسرار ۾ حيرت سان پريل آهي".

ليون خاموش ٿي ويو. هن جي خاموشي اندر ۾ چيڙ لڳي ۾ اها سندس پورالي طبيعت کان وڌيڪ خوفناڪ لڳي ٿي.

ڪجهه ابابيل اسان جي مٿان اُڏاڻا، اُهي ايترو هيٺ اُڏامي رهيا هئا جو اُنهن جي پرن جي ڦڙڪڻ سبب پيدا ٿيندڙ هوا به اسان کي ڇهي رهي هئي.

"هاڻي برسات پوڻ واري آهي." چاچا چيو "آڳ سمجهان ٿو ته

ڪلاڪ ڪن ۾ بارش اچي ويندي.“

هو اُتر ڏانهن مڙيو ۽ هٿ مٿي کڻي اشارو ڪيو. ”هو ڏس برساتي ڪڪر؟ ڏاڍي خراب موسم آهي. هوا اسان جي فائدي ۾ نه آهي. اسان کي واپس ٽيڙو پوندو“.

”پر مڇي جي شڪار جو ڇا ٿيندو؟“ مون کي اهو ڄاڻي ڏاڍي خوشي ٿي ته اڄ صحيح رخ جي هوا نه لڳندي.

”اڄ مڇي جو شڪار ڪارائتو نه ٿيندو ۽ واپس هلڻ ئي بهتر آهي. منهنجي اها پيشن گوئي آهي. هيٺ تري ۾ ٿي ويهه“.

مون کي ياد ناهي ته اسين ڪيئن ڪناري تي پهتاسين. هن لاءِ اهو روز جو معمول هو. مون کي فقط اهو ياد آهي ته آڳ بخار ۾ ونجي پيو هوس. جڏهن مون اکيون کوليون ته مون پنهنجي ماءُ انتاشيا کي پاڻ مٿان بينل ڏٺو. آئون گاڏي وٽي اچان ٿي ۽ هن کي گهر وٽي ويان ٿي. منهنجي ماءُ چيو.

”منهنجو چاچو ڪٿي آهي؟“

”آڳ هن بابت وري ٻڌڻ به نٿي چاهيان.“ امان ڪاوڙمان چيو.

”هو ڪٿي ٿي سگهي ٿو سمنڊ تي؟ هو بن ڏينهن کان اوڏانهن ويل آهي“ انتاشيا ٽڏو شوڪارو پريو.

”ابابيل تمام هيٺ اُڏامي رهيا هئا.“ مون چيو.

منهنجي ماءُ خوف مان مونڏانهن نهاريو.

”انتاشيا. “ هو وري ساڻيا لفظ ورجائي رهيو هو. هو وڌلي رهيو هو ”خدايا! مون کان منهنجو ٻچو نه کس، تو اسان کان تسيلا کسي ورتي. هاڻ گهٽ ۾ گهٽ ڇوڪري کي ته اسان وٽ رهڻ ڏي.“

آڳ اُهو سپ ڪجهه جيڪي هو چئي رهيا هئا ٻڌي رهيو هوس. پر آڳ ڏاڍو ڪمزور ٿي ويو هوس ايترو جو پنهنجي ٻانهن ۾ چوري نٿي سگهيس.

آڳ ڪافي ڏينهن تائين بي سرتيو پيو رهيس ۽ پوءِ آهستي آهستي ٺيڪ ٿيڻ لڳس.

منهنجو چاچو هاڻي هن دنيا ۾ ناهي ۽ نه ئي منهنجي ماءُ. مون کي

خبر ناهي تہ انتاشيا جو ڇا ٿيو. تسيلا نيٺ گهر موٽي آئي ۽ هن محسوس ڪيو تہ هن سان دوکو ٿيو هو. ماڻهن هن جي بي غرض پيار، اعتبار سچائي ۽ خلوص مان ناجائز فائدو ورتو هو. تسيلا جي موٽڻ کان پوءِ ڪافي افواهہ اُٽيا تہ هن کي وراثت ۾ پي کان اصول، رستا ۽ مقصد ملیا هئا. بهرحال مون کي خبر ناهي تہ اهو صحيح هو يا نہ.

مون کي خبر ناهي، پر جڏهن بہ آءٌ ابابيل پکين کي هيٺ اُڏامندي ڏسندو آهيان، مون کي منهنجو چاچا ليون، سمنڊ، سج ۽ زندگي ڏاڍي ياد ايندي آهي ۽ جڏهن اُهي هيٺ لامار هڻندا آهن تہ آءٌ هڪ ننڍڙي ٻارڙي جيان خوشي محسوس ڪندو آهيان. ۽ پوءِ آءٌ سوچيندو آهيان تہ آسمان منهنجي چاچي جي نامعلوم قبر تي لڙڪ لاڙي هن لاءِ روئي رهيو آهي. هن جا هاڻ ڏرتي تي ڪي بہ مٽ ۽ مائٽ نہ رهيا هئا ۽ هن آسمان، سج ۽ سمنڊ ۾ مُڪتي پاتي هئي. آسمان، سج ۽ سمنڊ..... ۽ شايد ابابيل پکي.

چاچا يورگئي جيڪڏهن تون ايجا تائين زندهہ آهين تہ، آئون توکي ٻڌائڻ چاهيان ٿو تہ مون هميشہ ليون جي عزت ڪئي ۽ مون هن سان هميشہ پيار ڪيو. ۽ مون هن جي ياد ۾ ڪڏهن بہ پنهنجي ٻيڙي کي سڪي تي ناهي آندو ۽ هر مشڪل ۽ تڪليف کي خوشي سان منهن ڏنو آهي. مون ٻيڙي کي هميشہ ڪلي سمنڊ، ها وشال ۽ بي انت سمنڊ ۾ هلايو آهي ۽ هن کي هميشہ پاڻ سان گڏ پاتو آهي.

* * *

تتل شيشي جو عڪس

سلام بن رزاق

ٹئي ائين ٿو ٿي، آءٌ جڏهن به هن البم ۾ پنهنجي تصوير لڳائڻ جي ڪوشش ڪريان ٿو ٿي، منهنجي تصوير تي ڪيئن ٻيا چهرا چهٽي پون ٿا. اهي چهرا ڪي اوپرا چهرا ناهن پر منهنجن ئي عزيزن، رشتيدارن ۽ دوستن جا چهرا آهن. جنم جنم جي معصوميت سان پريل سفاڪ چهرا، جن جي خاموش رڙين سان منهنجي دماغ جون نسون تٽڻ لڳن ٿيون، ٽڪرا ٽڪرا جوڙي هڪ مجسمو ناهڻ جي ڪوشش ڪريان ٿو پر هوا ايتري تيز آهي جو اُنهن ٽڪرن جي وکرڻ جو خوف برابر لڳو رهي ٿو. آءٌ اُن بدنصيب شخص جيان آهيان، جيڪو ڊوڙندي ڊوڙندي سهڪي پيو آهي. پر گهڙي پل آرام ڪرڻ لاءِ جنهن وٽ جي ڇانو ۾ ويٺو آهي، اُن جي سمورين جڙن کي ڪيڙا ڪٽي ۽ کائي چڪا آهن.

مون کي پاڻ تائين پهچڻ لاءِ نه ڄاڻ ڪيترين دوزخن مان گذرڻو پوندو. اُف! هڪ جهنم کان پي جهنم تائين پنهنجي ذات جي ٽڪرن کي سميٽڻ ڪيترو نه ڪربناڪ ٿيندو آهي.

آءٌ پنهنجي چهري تي جنهن چهري جي جلن محسوس ڪريان ٿو اُهو منهنجي پوڙهي ماءُ جو تباهه حال چهرو آهي. مڪمل تباهه ٿيل ۽ بيمار. ٽڪاوٽ ۽ ٻڌاپو هن جي نس نس مان ظاهر آهي. بس ڪنهن به ڏينهن موڪلائڻ جي تياري ڪري ويني آهي. تڏهن به هن جو علاج برابر جاري آهي. ڳوٺ جو ڪهڙو ڊاڪٽر يا حڪيم آهي جنهن کان مون هن جو علاج نه ڪرايو هجي ۽ هاڻ به ڪرائي رهيو آهيان. اڄ به هر مهيني ٽيهه يا چاليهه رپين جي دوا درمل ٽي وڃي ٽي. ڦل فروٽ الڳ ٽئي ٽو پر نه- ان ۾ احسان جتائڻ جي ڪا به ڳالهه ناهي. مون کي ان روز جي معمول جي

پورائي لاءِ لازمي ڪم ڪرڻو ئي پوي ٿو. روزانہ ٻہ ٽي ڪلاڪ اوور ٽائيم ڈينهن ۾ چار پنج ڪوڙ ۾ هڪ اڌ موتي مرغي جي تلاش. ها- اهو سڀ ڪجهہ ڪرڻ کان سواءِ سائيا ٽي سئو رپين مان ڪير ٻہ ڪجهہ نٿو ڪري سگهي. منهنجي ماءُ ٻہ سڀ ڪجهہ ڄاڻي ٿي. ايڏا گذريل مهيني مون کي غير متوقع طور تي هڪ پارٽي کان ٻہ سئو رپيا ملايا تہ گهر ۾ سيني جي لاءِ ڪپڙا، ٻارڙي لاءِ منائي ۽ راندیڪا اڇي ويا هئا. ٽن چئن ڈينهن تائين سڀ ڈاڍا خوش هئا. امان ٻئي ڈينهن ڪرم علي شاهہ بابا جي درگاهہ تي پڙ چاڙهي آئي. امان شايد اُتي منهنجي ڪمائي ۾ برڪت لاءِ دعا ٻہ گهري هجي. ماءُ پٽ جي لاءِ سچي دل سان دعا ئي گهري سگهي ٿي پوءِ ڪٽي اها ڪوڙ جي حمايت ۾ ئي ڇونہ هجي.

ها، ان کي تہ هڪ پراٽو آدرشي قصو چئي سگهجي ٿو تہ ماءُ پنهنجي پٽ جي ڪيسي جي هينان سئو دينار سبي ڇڏيا ۽ ڪيس سفر تي اُسهڻ مهل هدايت ڪئي تہ، "پٽ هميشہ سچ ڳالهائجانءِ" ۽ پوءِ اُن ڇوڪري جي سچائي ڏاڙيلن جون دليون ڦيري ورتيون. پر جي منهنجي ماءُ اهو سڀ ڪجهہ ڪري تہ ڪنگهي ڪنگهي ٽي ڈينهن ئي دم ڈيئي ڇڏي. مون کي تہ خبر آهي. امان جي بيماري موت جي بيماري آهي. آءٌ اهو ٻہ ڄاڻان ٿو تہ هن ۾ ڳالهہ ڳالهہ تي ڪرڪڻ ۽ ڪنگهہ ڪرڻي کان سواءِ باقي ڪجهہ ٻہ ناهي بچيو. پر ڇا ٿو ڪري سگهجي. ماڻهو آخري ساهہ تائين زندگي سان چهٽي رهڻ چاهي ٿو. ڪير آهي جو خوشي خوشي مان جيئري ئي قبر ۾ وڃڻ چاهيندو هجي. ماءُ جي خدمت کان پلا ڪيئن انڪار ٽي سگهي ٿو؟ هن مون کي ٽن سالن تائين ڪير پياريو آهي. آءٌ ٻہ هن کي گذريل ٻارهن سالن کان دوا پياري رهيو آهيان ۽ ذرو ٻہ بيزار نہ ٿيو آهيان. مگر پاڻ کي ڪيئن سمجهايان. سعادت مندي جا تمغا مفت ۾ تہ ڪونہ ٿا ورهائجن. ڪڏهن ڪڏهن ماڻهو کي هڪ بهتر ماڻهو جي سعادت حاصل ڪرڻ لاءِ خواهشن جي ڪيترين ئي قتل گاهن مان گذرڻو پوندو آهي.

ايڏا تازو ئي آءٌ امان لاءِ استور تان دوائون خريد ڪري آيس. ميڊيڪل استور ۽ شراب جو گتو هڪ ٻئي جي پرسان هئا. آءٌ بيخيالي مان شراب جي گتي ۾ گهڙي ويس ۽ رنگ ٻہ رنگي بوتلن تي لالچي نگاهون

وجهندي دوائن جي پرچي شراب جي گتي جي مئنيجر جي هٿ ۾ ٿمايم. هن مون کي مٿي کان هيٺ تائين گهوري ڏنو ۽ آگر سان اشارو ڪندي چيو:
"پاسي واري دڪان ۾ وڃ"

تڏهن مون کي هوش آيو ۽ آڱ شرمندو ٿيندي اُتان موٽي آيس. اُن رات مون کي پلي ننڊ نہ آئي. عجيب ۽ اُبتاسبتا خواب ڏسندو رهيس. مون کي لڳو تہ آڱ هڪ ويران بيابان ۾ ڊوڙندو هلي رهيو آهيان. اُڄ جي سبب نڙي خشڪ ٿي ويئي آهي ۽ ٽڪل چوپايي مال جيان زبان باهر ڪڍي سهڪي رهيو آهيان.

سامهون پاڻي جو چشمو نظر اچي ٿو اُن جي طرف مڙيو آهيان، پر چشمي جي ويجهو پهچڻ کان اڳ ئي گوڏن تائين واري ۾ قاسي پيو آهيان ۽ قاسندو ئي وڃان ٿو. اُن رات مون پهريون پيرو محسوس ڪيو تہ امان جي ڪنگهہ منهنجي ننڊ ۾ ڪيترو رخنو وجهي ٿي. امان جي دوا برابر جاري آهي. آڱ نافرمان قطعي ناهيان. منهنجو سپ ڪجهہ ايتريقدر جو مان پاڻ بہ وڪامجي وڃان تہ بہ آخري گهڙين تائين هن جو علاج ڪرائيندو رهندس. پنهنجي ماڻ سان ڪنهن کي محبت نہ هوندي؟ مون کي بہ آهي. محبت شايد انسان جي آخري مجبوري جو نالو آهي. امان جي چهري سان گڏ هڪ ٻيو چهرو بہ جڙيل آهي. اُداس ٽڪل ۽ سنڊ سنڊ کان ٽٽل. اهو بابا سائين مرحوم جو چهرو آهي. ها هو هاڻ هن دنيا ۾ ناهي رهيو. بيماري؟.

ڪا بہ بيماري نہ هئي سواءِ شراب جي. آخري ڏينهن ۾ تہ هو ايتريقدر پيئڻ لڳو هو جو هن جي پگهر مان بہ شراب جي بوءِ ايندي هئي. آڱ بابا کي صرف انهي ڪري عظيم انسان ليکيندو آهيان جو هو دنيا جي ٻين عظيم انسانن وانگي پنهنجي زال يعني منهنجي ماڻ کان هميشہ دکي هو. غالبن انهي ڏک کي وسارڻ جي خاطر هو بي تحاشا پيئندو هو. مون کي ياد آهي تہ هن امان سان هڪ ڏينهن جهيڙي جي دوران چيو "تنهنجي گهر کان زياده سکون تہ مون کي اوشا ٻائي جي ڪوٺي تي ملندو آهي". ان ڏينهن امان سجو وقت بابا کي گاريون ڏيندي ۽ پٽيندي رهي، گهر ۾ چلهہ بہ نہ ٻري. اُن ڏينهن بابا مون کي هوٽل ۾ ماني کارائي هئي. جڏهن بابا موت جي بستري تي هو تہ سندس وات ۾ آبِ زمزم جا متبرڪ ڦڙا پاتا ويا. هن

آبِ زم زم ونڻ کان انکار ڪندي ۽ ڏڪ شراب جا گھريا ھئا. مون چاھيو ھو تہ شراب جا بہ چمچا پياريانس، مگر برادري جي بزرگن مون کي تڙي ۽ ڇڙب ڏيئي اُتان ھٽائي ڇڏيو. بابا جي موت جي ٿي ڏينھن، اُن جي روح کي سکون پھچائڻ جي خاطر پنجن فقيرن کي ماني کارائي ويئي. خيراتي ماني ۾ مرحوم جي من پسند کاڌن جو خاص خيال رکيو ويو ھو. پيٽ پري کاڌو کارائڻ کانپوءِ ھر ھڪ فقير کي ڇھ ڇھ وال ڪپڑو ۽ نذراني طور ڏنو ويو تہ جيئن بابا جي روح کي اُن جو پورو پورو ثواب حاصل ٿئي. آءٌ چپ چاپ اھو تماشو ڏسندو رھيس. فقير بار بار پنھنجي پيٽ تي ھٿ ڦيرندي الله رحيم آھي، الله غفور آھي جا نعرا ھڻي رھيا ھئا. جڏھن ھو نڙي تائين کاڌو ڦسي ڇڪا ۽ ڇھ ڇھ وال ڪپڑو بغل ۾ دٻائي ٻاھر نڪتا، تہ آءٌ مڙي اُنھن وٽ ويس ۽ ڏھين رپئي جو نوٽ پيش ڪندي انتھائي عاجزي مان ھٿ ٻڌندي چيم: ”شاھ صاحب! منھنجو بابا مرحوم سڻن کاڌن سان گڏ شراب جو بہ ڏاڍو شوقين ھو. ھي ننڍڙي رقم اوھان جي پيٽ ڪريان ٿو. ھن مان ھڪ ھڪ پيگ وني پيئجو. جو مرحوم جي آخري خواھش اھا ھئي.“

اھو ٻڌي فقير ڏاڍو خفا ٿيا ھئا ۽ مون کي گھٽ وڌ ڳالھايو ھئن. بابا زندگي ۾ ھزارين رپيا ڪمايا، مگر سپ اھڙي بي دردي ۽ سان اُڏائي ڇڏيا جڙ اُھي سپ پئسہ ريس جي ستي مان ڪمايل ھجن. منھنجي لاءِ ورثي جي نالي تي ھڪ ٽڪل ڪٽل گھر، مستقل بيمار ماءُ ۽ ٻارنھن ھزار رپين جو قرض ڇڏي ويو ھو. قرض ڏيندڙ تہ تقاضا ڪندي ۽ ڏمڪيون ڏيئي ڏيئي نيٺ ٽڪي ھارائي ويا. البتہ ھي ٽڪل ڪٽل گھر ۽ شڪست حال ماءُ اڃان بہ مون سان گڏ آھن.

بغور ڏنو وڃي تہ اسين پنھنجي لاءِ ڏھ فيصد بہ نٿا جيئون. اسان جي نوي فيصد زندگي ٻين جي خواھشن ۽ فرمائشن جو قرض ادا ڪرڻ ۾ ئي گذريو وڃي.

امان جي چوڻ مطابق منھنجي شادي ھن جي آخري خواھش ھئي. ھڪ فرمانبردار پٽ جي طرح مون بہ شادي ڪري ورتي. جيتوڻيڪ ھاڻ ھن جي خواھش پوري ٿيندي اٺ سال ٿي چڪا آھن. پر ھن جي خواھشن جو سلسلو برابر جاري آھي. شايد خواھشون ڪڏھن ختم نٿيون

ٿين.

هي منهنجي زال آهي. هي اُن وقت جي تصوير آهي جڏهن هوءِ گهر ۾ ڪنوار بنجي آئي هئي. ڏِڪي جي طرح معصوم نظر اچي ٿي نہ؟ توهان صحيح فرمائي رهيا آهيو. مگر توهان کي هن جا نوڪدار سگ نظر نٿا اچن. جناب عاليٰ اهو ته جوتو پائڻ وارو ئي ڄاڻي ٿو ته ڪلي ڪٿي لڳي رهي آهي. هاڻ ته هوءِ تمام ٿلهي ٿي پيئي آهي ۽ ماس لڙڪي آيو اٿس. هن کي پنهنجي گهر ۽ خاندان کان سواءِ ٻاهر جي ڪا به خبر ڪونهي. عورت، هڪ خالص گهريلو عورت هئڻ به ڪيتري نہ سڪ جي ڀَالهہ آهي. زال جو روزمره جو پروگرام بلڪل ٺهيل ٺڪيل آهي. صبح جو اُٺڻ، اُلتو سڌو ڪاڏو تيار ڪرڻ، هِن ٻهاني، هُن ٻهاني سس کي ٻه چار گاريون ڏيڻ، ٻارن کي ڏڪ لعنت ڪرڻ ۽ رات جو پگهر سان پريل جسم منهنجي حوالي ڪري ڏيڻ ۽ پوءِ پاسو ڦيرائي بي خبري جي ننڊ سمهي پوڻ. ٺيڪ آهي محفوظ، سنئين سڌي ۽ سادي سودي زندگي جو هڪ ٻيو باب پورو ٿيو.

آڳ شروع ۾ هن جي بد مزاجين۽ زناني جهالين جي سبب ڪجهہ پريشان ضرور ٿيس. پر بعد ۾ اُن جو عادي ٿي ويس. هاڻ ته مون کي هن تي قابو پائڻ ۾ اُهو لطف اچي ٿو جيڪو هڪ شهسوار کي سرڪش گهوڙي تي سواري ڪرڻ ۾. هر عورت وانگي زيور ۽ لباس، هن جون به ڪمزوريون آهن. جنهن لاءِ پوڳڻو مون کي پوي ٿو. هن جي گلي ۾ هي جيڪو چاليهہ گرامن جو منگل سوتر نظر اچي رهيو آهي اُنجي لاءِ مون کي تمام وڏين ڏلالتن مان گذرڻو پيو آهي. صاحب جي اڳيان پڇ لٽڪائو ٿي مٽين ڪمائي واري ڪرسي ڦٻائڻي پئي. اُن جي لاءِ گپتا سان همیشہ جي لاءِ دشمني ڪرڻي پئي. پوءِ رپئي ٻن رپين جي حقير رقم لاءِ ڪڏهن هن جي ته ڪڏهن هُن جي گلي تي ڇري ڦيريندو رهيس. اهو نہ سمجهوتہ منگل سوتر ملڻ کان پوءِ زال جو حرص گهٽجي ويو. حرص ته عمر سان گڏ وڌندو رهندو آهي. پر ها هوءِ منهنجي حق ۾ ڏاڍي وفادار آهي. مگر ڪير به سوچي سگهي ٿو ته، جنهن عورت جو جسم ساٺ ڇڏي چڪو هجي، ٻين مردن کي مسحور ڪرڻ ۽ ڇڪڻ جو هنر وڃائي چڪي هجي اُها پنهنجي مرد جي حق ۾ وفادار نہ رهي ته ڇا ڪري؟

آءُ پهرين ئي عرض ڪري چڪو آهيان ته محبت يا وفاداري انسان جي آخري مجبوري جو نالو آهي. زال کي دنيا ۾ صرف ٻن شين سان بي حد پيار آهي. زيورن سان ۽ ببلو سان. ببلو اسان جو ستن سالن جو چوڪرو آهي. ماٺهن جي خيال ۾ هو ڏاڍو خوبصورت آهي. مون سان هن جي ڪا به مشابهت ڪانهي. هن جو رنگ ڳورو ۽ اکيون ننڍيون آهن. آءُ ايترو خوبصورت ڪٿي آهيان؟ منهنجي زال جو خيال آهي ته هو وڏو ٿي رچرڊ برٽن جي طرح ڏسڻ ۾ ايندو. نه نه منهنجي زال جو رچرڊ برٽن سان ڪهڙو تعلق؟ ڪٿي هي ۽ ڪٿي هو؟ پر ها. مون هن کي "بيڪٽ" ڏيکاري هئي تڏهن ببلو هن جي پيٽ ۾ هو. زال کي رچرڊ برٽن ڏاڍو وٽيو هو. مون کي ياد به آهي، اُن رات هوءِ وڏي جوش ۽ خروش مان مون کي چهٽي منهنجو منهن چٽي رهي هئي.

ببلو ستن سالن جو ٿي چڪو آهي مگر زال هاڻي به هن کي گود ۾ ويهاري ڪارائيندي آهي ۽ چاتي سان لڳائي سمهاريندي آهي. تمام گهڻو پيار ڪندي آهي ببلو کي. بعض اوقات هوءِ ببلو جو منهن ايترا پيرا چمندي آهي جو منهنجي اندر هلکي هلکي رقابت جاڳڻ لڳندي آهي. مون "بيڪٽ" کان پوءِ زال کي رچرڊ برٽن جي بي ڪا فلم ناهي ڏيکاري. هوءَ اڪثر چوندي آهي: "منهنجو ببلو وڏو ٿي اداڪار بنبو." آءُ ڪجهه ڪو نه چوندو آهيان. منهنجي ماءُ به ننڊپٽ ۾ منهنجي ڊاڪٽر بڻجڻ جو خواب ڏسندي رهندي هئي. سواءِ خواب ڏسڻ جي ماٺهو جي اختيار ۾ آهي به ڇا؟

دنيا جي ٻين زالن جي طرح منهنجي زال کي به منهنجي خاندان وارن سان بي حد نفرت آهي. خصوصن منهنجي چاچي ۽ اُن جي گهروارن سان. بابا جي موت کان پوءِ چاچا ۽ اُن جا ٽي پٽ سالن کان ٽٽل قٽل گهر جي لاءِ مون سان ڪيس وڙهندا رهيا. هڪ ڏينهن اُنهن مون کي غنڊن کان مار به ڪيرائي هئي. پر رشتا ڪٽي ختم ٿين ٿا. رشتا ته زندگي جو بوجهه آهن. جن کي انسان پوري عمر ڍوئيندو رهي ٿو. اهو ٽي سگهي ٿو ته ڪنهن موڙ تي توهان ٽڪي ساهي پٽڻ جي خاطر. ٿوري دير لاءِ اُن بوجهه کي لاهي رکو. مگر وري اُن کي کٽي اڇيان وڌٽو پوندو آهي. ايستائين جو توهان

پنهنجي قبر جي منهن تائين پهچي ويندا آهيو. زال منهنجي خاندان وارن کان پوءِ منهنجي دوستن کان گهٽي نفرت ڪندي آهي. مگر مون کي اُهي سڀ دوست تمام سٺا لڳندا آهن. انسان بغير زال جي، بغير خاندان جي زندهه رهي سگهي ٿو مگر توهان بغير دوستن جي زندگي جو تصور ڪري سگهو ٿا؟ شايد نه.

هي سڀ دوست جيڪي هن تصوير ۾ منهنجي آسپاس بينل آهن، انهن سيني سان منهنجي گهري دوستي آهي. پر مان ڄاڻان ٿو ته اُنهن مان گهڻا ته ڪنهن نه ڪنهن غرض جي ڪري مون سان لاڳاپيل آهن. گهڻا اُهي آهن جن سان آءٌ پنهنجي مطلب برادري جي ڪري جڙيل آهيان. غور سان ڏسو! هر دوستي جو بنياد ڪنهن نه ڪنهن غرض تي ٻڌل نظر ايندو. شايد دوستي به انسان جي بيشمار ضرورتن مان هڪ آهي.

ماڻُ، زال، ڀائر، عزيز، رشتيدار، ڪيترا سايا منهنجي چوڪِرد گهمي رهيا آهن. آءٌ هڪ آئينو بڻجي ويو آهيان. جنهن ۾ بين جا عڪس مڪس ٿي ويا آهن. عڪسن جي هن هجوم ۾، پنهنجي ذات جي تلاش جي اڻ ٽڪ ڪوشش مون کي چڪا چور ڪري ڇڏيو آهي.

آءٌ هڪ سعادتمند پٽ آهيان، وفادار مڙس آهيان، شفيق پيءُ آهيان، ڀاءُ آهيان، دوست آهيان يعني آءٌ جو ڪجهه آهيان، بين جي ڪري آهيان. آءٌ خود ڪٽي ڪجهه به ناهيان. ڪڏهن ڪڏهن مون کي لڳندو آهي ته منهنجي هستي هڪ اهڙو ڪتاب آهي. جنهن جو مان صرف عنوان آهيان، پنا اُٽلائي ٽڪي پوان ٿو پر اندر عنوان سان لاڳاپيل هڪ اکر به نٿو ملي.

* * *

ستارن پويان دو ڻند ڻشخص

ڊيرينڪ ڊيمرشين

اُهي هٿ،
جنين هي لکيو هڪ ڏينهن،
متي ۾ ملي ويندا،
پر ڪتاب،
هر نسل،
هر دور ۾،
زندهہ رهندو!

گل روشنيون هڻا ۾ ميوا قيمتي پٿر. اهڙي طرح هو دنيا ڪي تصور ڪندو هو. بادشاهن شهزادن ۾ عام ڀوڻاٽن جون ديو مالائي ڪهاڻيون، جيڪي هن جي ڏاڏي ڪيس ٻڌائيندي هئي، اُنهن ۾ ذڪر ڪيل پکي، جانور هن جي آڏو زندهہ روپ ونڊي ٻيهندا هئا. اُهو ئي سبب هو جو پهاڙ هن ڪي وان ندي جيان سرڪش محسوس ٿيندا هئا.

"ڏس!" هورڙيون ڪري چوندو هو "شينهن تي ٻارڙو چڙهيو وڃي!!"

"ڪٿي!؟" هن جي چوگرد ويڙل شاگرد سوال ڪندا هئا.

زوارت پٿرن جي ڊڳ ڏانهن اشارو ڪري چوندو هو ۾ ڪلي ڏيندو هو.

شاگرد هن جو پيڇو ڪري ڪيس بيوقوف بنائڻ جي سزا ڏيڻ چاهيندا هئا. هو جبل ڏانهن مڙي گلن جي خوشبوءِ سنگهڻ لاءِ گهڙي ڪن رکندو هو تہ هو ڪيس جهلي ونڊندا هئا. اُن کان اڳ جو هو ڪيس مارڪين، هو گل پٽي، ونڊندو هو ۾ ڪلي چوندو هو: "هو ڏسو! پادري ديول ڏانهن وڃي رهيو آهي". ۾ ائين چوندي گل کي ائين پنهنجي هٿن ۾ ڦيرائيندو هو جو

ٻارڙا اڳيون ڳالهيون پلجي ڪلي ڏيندا هئا.

”هن ۾ ڪهڙو جادو هوءَ“ ٻارڙا پاڻ ۾ سرگوشيون ڪندا هئا. هو پهاڻن جي چوٽي تي زوارت جي چوگرد دائرو ٺاهي ويندا هئا.

”آءٌ لڪ جو پاسو ونڊي هلي رهيو هوس.“ هو قصي جي شروعات ڪندو هو ”ته اوچتو جل ديوي ندي جي مٿاڇري تي ترندي سڏ ڪيو: ”زوارت مون وٽ اچ.“ آءٌ هن وٽ ويس ۽ هوءِ مون کي پاتال ۾ ونڊي ويئي. اُتي ڪافي محلات هئا. سيئي قيمتي پٿرن مان ٺهيل هئا ۽ هيرن جواهرن سان جڙيل هئا.“

”تون ڪوڙ ٿو ڳالهائين!“ اُنهن مان ڪو هڪڙو ٻارڙو چئي ڏيندو هو ۽ مٿس ٺونشو اُلاريندو هو. خطرو محسوس ڪندي زوارت ڀڄڻ شروع ڪندو هو ۽ ٻارڙا هوڪرا ڪندي هن جي پويان لڳندا هئا.

گهر ۾ هو مائٽن ۽ محلي ۾ هو پاڙيسرين کي يقين ڏيارڻ جي ڪوشش ڪندو هو ته ”هن سونن اُنن سان پريل گاڏي ڏني جيڪا لڪ جو پاسو ونڊي پئي هلي. هڪڙي اُٽ جي پٺي تي باندر ويٺل هو. جنهن جي هنج ۾ هڪڙو زمردي ڪڪڙ هو. گاڏي هڪليندڙ اُٽ کي سونو جبو پاتل هو ۽ اُن اُٽ تي هڪڙي چند جهڙي چوڪري براجمان هئي جنهن جي وارن ۾ گلن جي پنکڙين جي چوٽي ٽيل هئي“.

جيئن ئي هو اهڙيون ڳالهيون ڪرڻ لڳندو هو. هن جا وڏڙا هڪ ٻئي ڏي نهارينda هئا ۽ ڪنڌ لوڏي چوندا هئا.

”ٻارڙا شل خدا توکي معاف ڪري!“

رات ڳوٺ، پهاڻن جي چوٽين ۽ باغن تي پيلاڻ ڦيري ڇڏيندي هئي.

زورات پوڙهي پاڙيسري سان گڏ اگهور ننڊ ۾ سمهي پوندو هو. پوڙهي سينڊوخت هن جي ماءُ کي ڏڪ مان چوندي هئي: ”امان تنهنجي پٽ جي دماغ ۾ ڪو خلل ضرور آهي.“

درويش گوڊيشو جيڪو سدائين خدا جو خوف من ۾ رکي جيئندو هو پڻ هن جي ماءُ کي چوندو هو ”هن کي ديول موڪلي ڏي.“

زوارت جي عجيب و غريب حالت تي سندس ماءُ جي ننڊ ڦٽي ويئي۽ سندس پي سخت پريشان رهڻ لڳو.

ڇ اڄ کان هزارين سال اڳ هڪ خاموش شام جو جڏهن تڏپتن جي ڏارن ۾ چرچر ڪري رهي هئي. زوارت جي مائٽن هن کي مقدس ديول ۾ موڪلڻ جو فيصلو ڪيو.

.....

زوارت جيئن ئي گاڏي ۾ ويٺو تہ سندس نظر پروهتن تي پيئي، جن کي ارتوار جو لباس پهريل هو. هن کي اُنهن مان هڪڙو ائين لڳو جڻ چيتي جي کل ۾ ڪو ماڻهو هجي. زوارت ڏاڍيان کلي ڏنو ڇ چيو "ڏسو! چيتو ديول ڏانهن وڃي رهيو آهي." پروهت هن جي ڪن مهٽ ڪئي ڇ سندس پيءُ ڏانهن گهوري نهاريو. زوارت جي ماءُ جي اکين مان لڙڪ وهي هليا.

زوارت گاڏي ۾ پنهنجي چاچي، مانڪ جي پرسان ٽي ويٺو. چاچس واڳ سندس هٿ ۾ڏني. زوارت ڏاند گاڏي هڪليندي هڪڙي ڏاند ڏانهن اشارو ڪندو چيو "ڏس چاچا ڏڳي جي اک ۾ رات ٽي ويئي آهي".

سندس چاچي مانڪ کلي ڏنو.

جڏهن ڏاند گاڏي سرنگهہ مان لنگهڻ لڳي تہ سندس چاچي مانڪ جهونگارڻ شروع ڪيو.

هڪڙو تارو سمنڊ جي مڇي تي ٽي پيو موهت،
افسوس جو ماڻي نٽي سگهيا خوشيون،
مڇي آسمان ۾ تاري وٽ اڏامي
نٽي پهچي سگهي.
ڇ تارو پاڻي ۾ ٽپو ڏيڻ سان
اُجهامي فنا ٽي سگهيو ٽي.

زوارت هن ڏي گهوري نهاريو "چا تارو مڇي کي تمام گهڻو پيار ڪندو هو؟"

"ها" چاچا مانڪ شوڪارو پريندي چيو.

"ايڏي پيار جي باوجود بہ تارو مڇي وٽ هيٺ لهي نہ آيو؟"

"نہ منهنجا پٽڙا"

"چا آسمان تمام گهڻو مٿي هو؟"

"ها."

جڏهن گجندڙ آبشار پهاڙن مان سرنگهون ناهي ٿي سگهيا، ۽ پهاڙن جي ٻنهي پاسن کان پنهنجو رستو کڏي ٿي سگهيا، تہ پوءِ مڇي ڇو نٿي آسمان تائين پهچي سگهي؟ هن کي اُن تي ڏاڍي حيرت ٿي.

وادي ٻن پهاڙي سلسلن ۾ ڦهليل هئي. ڪاري ديول وادي ۾ ڇت جيئان ڪڙي ٽيل هئي ۽ هيٺ دنيا ڏي شوخ ۽ جادوئي نظرن سان نهاري رهي هئي. اُنجا اوچاگنبڊ آسمان سان ڳالهيون ڪري رهيا هئا.

زيارتين جو تولو گيٽ تي ميڙ ناهيو بينو هو. زوارت ديول جي ديوارن ڏانهن نهاريو ۽ پوءِ هن اشارو ڪندي چيو تہ "بابا ڏس! هو ڏس! ڪير اُتي ڏاڙهون جهليو بينو آهي؟"

"ڪٿي؟"

"اوهتي."

هنجي پي ۽ زيارتين پڳل پٽ ڏانهن نهاريو. زوارت جي تصوراتي خاڪي ۾ پتين ۾ پيل ڏار جڙ ماڻهن جون مختلف شڪليون هيون. هو خوشي مان ڦوليو نہ سمايو "هو ڏسو تير انداز!"

ماڻهن کي ڏاڍو ڊپ محسوس ٿيڻ لڳو ۽ هو زوارت کي رحم پريل نظرن سان ڏسڻ لڳا. هو پنهنجا هٿ لوڏي سمجهائي رهيو هو "ڏسو هو هرڻ کي ڏاڙهون ڏيئي رهيو آهي!"

زيارتي ڊڄندي اُتان لنگهيا. زوارت جي ماءُ روئي ڏنو. زوارت جي پي بنا ڪجهہ ڳالهائڻ جي ڪيس آڻڻ ڏيڻ لاءِ سندس هٿ دٻايو. پادري اُنهن تي مرڪي ڏنو.

پادرين مان هڪڙي وڏي پادري کي آهستي چيو "فادر هن کي سدائين غيبي شيون نظر اچن ٿيون. ائين ٿو محسوس ٿئي جڙ هو وڏي آواز خواب ڏسي رهيو هجي."

"اسان کي خدا کان رحم جي دعا گهرڻ گهرجي." پادري ٻڌ ٻڌ ڪئي.

هر ڪنهن کي چوڪري لاءِ تمام گهڻو دک محسوس ٿيو ٿي. زوارت کي ديول ۾ رهڻو هو. هو خدا لاءِ قربان ٿيڻو هو. هو ڪڏهن بہ پنهنجو گهر ڏسي نہ سگهندو.

عبادت شروع ٿي. ديول مان گھنڊن جو آواز ائين اُٿڻ لڳو جيئن اُنن جي ڳچي ۾ٻڌل گھنڊڙيون وڄنديون آھن. ديول جي گھري رنگ جي ڇت جو اندريون حصو ڪارين سرڙين جي ڦھليل پرن جھڙو لڳو ٿي. اُن جون ڪنڊون اوندھ ۾ لڪل ھيون. مقدس ديول جي قربانگاھ واري حصي ۾ جھڪو ٻرندڙ ڏيئو ائين ڦڙڪي رھيو ھو جيئن ڪوھيڙي ۾ تارو ڪارا جبا پاتل راھب عبادت جا اڪر اُچارڻ لڳا. ديول جون اونداھيون ڪنڊون ايئن ويڳاڻيون نظر اچي رھيون ھيون جيئن مئل ماڻھن جون اکيون.

زوارت ڏاڍو مايوس ھو. ھو ٻينو رھيو ۽ مسلسل ھيڻ فرش ۾ نھاريندو رھيو. ھن پوري عبادت جي دوران متي نظرون کڻي نہ نھاريو.

عبادت پوري ٿي. زوارت کي قربان گاھ ڏانھن نيو ويو. ھن پنھنجي اڇيان فريم ۾ مئل ماڻھو جو پوائنٽو چھرو ڏٺو. ھن جي ڏاڙھي بوزان ۽ ھٽن جي آڱرين جون ھڏيون وڏيل ھيون. ھن جي ھڪ اک ۽ ھڪ ڳل تي اُماڙي جي ڏنب جو نشان ھو. زوارت کي لڳو تہ ھو ڏانھس وحشيت مان نھاري رھيو ھو.

"ھن کي چمي ڏي، ھن کي چمي ڏي." ڪنھن ٻڌ ٻڌ ڪئي.

مست چولين جو شور ھن جي ڪنن تائين پھتو. ھن لڙڪن ۾ ٻڳل آواز ٻڌو. ڪوئي چئي رھيو ھو "او منھنجا پيارا پٽ منھنجا غريب زوارت!!"

زوارت پنھنجيون اکيون کوليون. ھو ڪٿي ھو؟ ڇا ٿي رھيو ھو؟ ھن جا مائٽ ھن جي پرسان وينا ھئا. ھن جي ماءُ سڏڪا پريندي پنھنجو منھن گوڏن ۾ ھٿي ڇڏيو ھو. زيارتي ھن جي چوگرد گھيرو ناھي وينا ھئا. سفيد ڏاڙھي وارو بزرگ زوارت جي پيراندي کان وينل ھو ۽ ھن ڏانھن سنجيدگي مان نھاري، ڪيس اڇو جبو پاتل اُن بزرگ جي ياد ڏياري رھيو ھو جيڪو آسمان ۾ نيرن ڪکرن تي اُڏامي رھيو ھو ۽ جنھن کي ھن ديول جي ڇت تي ڏٺو ھو.

شام ڏاري زوارت جا مائٽ ۽ زيارتي ديول کان روانا ٿيا. ھاڻ زوارت اُداس ديول ۾ سرد ستارن ھيٺ اڪيلو رھجي ويو. ڪو بہ آواز نہ ھو جيڪو سانت کان ٽوڙي سگھي. ديول ۾ قبرستان جھڙي خاموشي ھئي جنھن ۾

نندڙي پوپٽ جھڙو زوارت زندھ دفن ٿيل ھو.

ھن جا مائٽ ۽ ڳوناٽا واپس گھر پھچڻ لاءِ سفر تي نڪري چڪا ھئا ۽ وادي ۾ ڦھليل ڏنڊ ۾ گم ٿي ويا ھئا. زوارت اُداسائي ۽ نراسائي مان وادي ڏانھن نھاريو ۽ ھڪ وڏو شوڪارو پريو. ھڪ شاگرد کيس پادري جي آرام گاھ ۾ ونيو ويو ۽ کيس ٻڌايو تہ ھن کي زمين تي رڌ جي کل مٽي سمھڻو پوندو. پادري ديول ۾ ھرندڙ ڏيئي جي پرسان ويھي زور سان ڪاري چمڙي جي جلد واري ڪتاب کي پڙھي رھيو ھو. زوارت رڌ جي کل تي ويھي اُتان ئي پادري کي ٽڪ ٻڌي نھارڻ لڳو. پادري صفحو اُٿلايو ۽ زوارت جي نظر سج جي تجلي ۽ گلن جي ھار تي ٽڪي پيئي.

گلن جي نظاري کي پسي ھن جي دل پرجي آئي. ھن جي اکين آڏو پنھنجي اباڻي ڌرتي جي وادين ۾ ڦھليل گل تري آيا. ھن جيون اکيون ڳوڙھن سان پرجي اُٽيون. ھو مون کي ڇا جي لاءِ ھتي ھڪ اجنبي ۽ اُداس ديول ۾ ڇڏي ويا ھئا؟ ھو ڪڏھن مون کي واپس گھر ونڻ لاءِ اينداا؟ ڇا آءُ ڪڏھن بہ ٻيھر پنھنجي ماءُ پي ۽ دوستن کي ڏسي نہ سگھندس؟ ڇا ھنن سيني مون کي تياڳي ڇڏيو آھي؟ زوارت اِھو سوچيندي زور سان رئڻ لڳو.

اُن رات ھن کي ڏاڍو بخار ۽ سيءُ لڳو. ھن جا ڪن وڄي رھيا ھئا. ھن جي اکين آڏو گلن پويان گل جھومي رھيا ھئا. ھن پنھنجي خشڪ چپن کي ترڪرڻ لاءِ گھٽو ئي پاٽي اوتيو پر ھن جي اُڄ اُجھامي نہ سگھي. جيئن جيئن ھن پاٽي پيتو تي تيئن تيئن ھن جي اُڄ ويئي ٿي وڌندي. زوارت ڪافي ڏينھن تائين بي ھوش رھيو. پادري ھن جي نھايت شفقت ۽ پاڻھ سان تيمارداري ڪئي.

نيٺ ھڪ ڏينھن ھو ھوش ۾ آيو. ھن اکيون کوليون ۽ پنھنجي پيشاني تان پگھر اُگھيو. شاگرد ھن کي رب ۽ چشمي جو تازو پاٽي آڻي ڏنو.

زوارت ھاڻ چگو ٿيلو ٿي ويو ھو. پر ھڪ اڻ ڪٽ پيڙا ھن جي اندر جي شڪتي کي مسلسل کائي رھي ھئي.

ديول جي چوگرد ڪليل ميدانن ۾ بھار جي آمد ۽ مست ھوائون کيس پنھنجا اباڻا پڌ ۽ يار دوست ياد ڏياري رھيون ھيون. ھڪ نيري ڪاري رنگ جو ڍگھو پھاڙي سلسلو جيڪو سندس ڳوٺ تائين ڦھليل ھو. جتي

ابابيل اُڏاٽا ٿي، جتي ڪڪر پکين جيان هليا ٿي، جن جي ڪنين تي پورين دوشيزائن سواري ڪئي ٿي.

زوارت ڪلاڪن جا ڪلاڪ ديول جي پٽ کي ٽيڪ ڏيئي پنهنجي اباڻي ڳوٺ جي طرف آسوندين اکين سان تڪيندو رهندو هو.

شفق جي لالاڻ هن کي ندرا جي آغوش ۾ ڪٽي ويئي. شاگرد گن ڪيانوس هن کي ديول جي ديوار سان ٽيڪ ڏيئي ستل ڏٺو. هو ڪيس واپس غفا ۾ وٺي ويو.

سردي ۾ جڏهن برف ديوارن جي ڏار ۾ ڪبوترن جيان ڄمندي هئي، تہ زوارت کي هڪ جيڏن سنگتين سان ڪيل راندين روندين ياد پوندين هيون ۽ هو پاڻ کي اُنهن جي وچ ۾ محسوس ڪندو هو. اُن کان پوءِ هو پنهنجي غفا ۾ واپس موٽي ايندو هو. جتي ندرا هن کي گود وٺي ڇڏيندي هئي.

گن ڪيانوس نرم دل جو نوجوان هو. هن کي زوارت جي حالت تي ڏاڍو رحم ايندو هو. هوريا هوريان هو ساڻس گهرو ٿيندو ويو.

راهبن جون گهوريندڙ اکيون ڏسي هو ڄمي برف ٿي ويندو هو ۽ اُن وقت هو گن ڪيانوس ڏانهن نظرون ڪٽي همدردي لاءِ واجهائيندو هو. فقط هو ئي هڪڙو اهڙو هو جيڪو ڪيس حوصلو ڏيارينڊو هو ۽ سندس دل رکندو هو.

شام جي وقت ۾ زوارت ريڍ جي ڪل تي ليٽي پوندو هو. پادري کي ٽڪ ٻڌي پيو ڏسندو هو. جيڪو پنهنجون ڪل راتيون عمدي ۽ ريشمي ڪپڙي تي لکندي گذارينڊو هو. "هو ڇا لکندو هو؟ هن جا ڪهڙا خيال هئا؟"

پادري بيشڪ هن لاءِ اجبي هو. هن جي خاموشي ۽ ڪم ۾ لڳاءُ ۽ اورچائي زوارت جي من ۾ هن لاءِ دلچسپي پيدا ڪئي. "هو اصل ۾ ڇا هو؟" هن کي پادري بابت جيڪا بہ ڄاڻ هئي اُها گن ڪيانوس جي ئي ڏنل هئي. دنيا تياڳڻ کان اڳ هو هڪ فلاسافر ۽ آرڪيٽيڪٽ هو. هن مقبرا، اسڪول ۽ قلعا جوڙيا هئا ۽ جڏهن هن جو جسم ڪمزور ٿي پيو تہ هن راهب جي حڪم تي فلاسافي لاءِ پنهنجو پاڻ کي ارپي ڇڏيو. هن جي پائرن سندس انهي عمل کي پسند نٿي ڪيو. هنن چاهيو ٿي تہ هو زماني

جي مسئلن سان ڳنڍيو رهي ۽ نہ ڪ روح جي مڪتي لاءِ سوچيندو رهي.

گن ڪيانوس جي ڳالهين زوارت جي لاشعور جي دري کي کولڻ. پڙهڻ وقت جڏهن هو ٻيئي پاڻولي ماري پادري جي اڳيان ويهندا هئا، تڏهن زوارت پنهنجون ويڪريون اکيون عقلمند پوڙهي تي کپائي ڇڏيندو هو ۽ هڪڙو اکر رهجي وڃڻ تي ٻہ ڏاڍو ڊپ ٿيندو هئس. شروع شروع ۾ هن کي سندس خطبو عام زندگي کان ڪٽيل ۽ دلچسپي کان خالي لڳندو هو ۽ سمجهڻ ۾ ٻہ ڏکيو لڳندو هو. پر تڏهن ٻہ هڪ ڳالهہ بنهہ صاف هئي تہ هن جا خيال ايترا اونهان ۽ اٿاهہ هئا، جيتري سمنڊ جي گهرائي. ۽ اُنهن کي سمجهڻ ايترو مشڪل هو. جيترو سمنڊ جي شور تي غلبو پائڻ، انهي جي باوجود زوارت پوڙهي کي نهايت دلچسپي مان ٻڌندو هو.

غفا جي ديوارن کان ٻاهر قدرت جي ٻي انت دنيا ۾ جادو جيان پاڻ ڏي ڇڪيندڙ مستي جاري هئي. آسمان جي روشني پهاڙن ۽ وادين کي منور ڪيو ٿي، ۽ پکي آسمان ۾ اُڏاڻا ٿي. ڏرتي پنهنجو سڀ کان وڏو ڏهاڙو ملهائي رهي هئي. "تخليق جي خوشي."

زوارت ۽ گن ڪيانوس پنهنجي سبق تي اکيون کپايو وينا هئا. پادري پنهنجين لکڻين ۾ گم هو. هڪڙي ماکي جي مک ڀُون ڀُون ڪندي غفا جي ڪليل لنگهہ کان سج جي ڪرڻن ۾ وهنجندي اُنهن جي ويجهو آئي، ۽ منجهن جيون جون خوشيون اوتي ويئي.

اوچتو ڪرٽو گم ٿي ويو. زوارت اکيون مٽي ڪنيون. هن ٻني وٺ هڪڙو ماڻهو ٻينل ڏنو. هو هيٺ نميو ۽ غفا ۾ اندر داخل ٿيو. زوارت جيئن ئي هن ڏي نهارڻ جي ڪوشش ڪئي تہ سندس وار اُڀا ٿي ويا. هو اُن کان پوءِ پادري جي ويجهو آيو ۽ ڪيس هڪ ڪتاب ڏنائين.

گن ڪيانوس ۽ زوارت پنهنجو ڪنڌ ورائي ڪتاب کي ڏسڻ جي ڪوشش ڪئي. پادري ڪتاب کوليو. هر صفحي تي گل ڪاري ٿيل هئي. اُن ۾ ڪافي عمارتن ۽ ديولن جون تصويرون هيون. ڏگهو ماڻهو ڪتاب جا ورق اُٿلائي اُن بابت سمجهاڻي ڏيندو رهيو. زوارت اندازو لڳايو تہ اهي تصويرون شايد اُن ڏگهي ماڻهو جون ئي ٺاهيل هيون.

پادري ڪتاب لکيو. ٽيڊ عمارتن جون تصويرون ٽريس ڪيون.

گن ڪيانوس زوارت جي ڪن ۾ پٽڪيو.

پادري ڪتاب بند ڪيو ۽ ٽڏو شوڪارو پريندي چيو. "مون پنهنجو فرض ادا ڪيو"، ائين چوندي هو گنيير ٽي ويو. "مون پنهنجي زندگي جو ڪم پورو ڪري ورتو. هاڻي آءٌ خدا وٽ صاف دل ۽ شفاف ضمير سان وڃي سگهان ٿو".

ڪلاڪارٽيڊ پوڙهي جو هٿ چميو ۽ باهر نڪري ويو. پادري زوارت ۽ گن ڪيانوس تي بزرگانه انداز ۾ مرڪي ڏنو. هو اُنهن جي آڏو زور سان پنهنجي ڪتاب کي پڙهڻ لڳو. هو پڙهڻ ۾ ايڏو محو ٿي ويو جو هن کي آسپاس جي ڪا سمجهه بوجهه نه رهي.

"ڪائنات ۽ تخليق جو ڪارج...."

هن صفحو اُٽلايو ۽ اُتساهه مان پڙهندو ويو. "شهرن جي تعمير، تقريرن جي تعمير، خيالن جي تعمير...."

هن آسمان ڏي نهاريو. زمين ڏي نهاريو ديول جي ديوارن ڏي نهاريو. هن اُنهن سان ڳالهايو. هن ماڻهن جي دماغ ۽ عقل بابت اُنهن سان ڳالهايو ۽ اُنهن کي تعمير جي قائدن بابت واقف ڪيو.

زوارت جي خيالن ۾ آڳ پڙڪي اُٿي ۽ هن جي ذهن ۾ عجيب ۽ حيرت ۾ وجهندڙ تصويرون سرجڻ لڳيون. ڪوڏرون هٽندڙ جاننا ۽ سخت جان رازا، جن جي هٿن پهاڙن جي چوٽين تي ديوارون اڏيون ٽي ۽ وڏا ديو جيڏا شهر جوڙيا ٽي، جن جا گنبذ آسمانن ۾ ٻڏل هئا ۽ جن جا درخت جبلن جي ڏاڙن ۾ لڏيا لميا ٽي.

"قدرت اڻ ڪٽ پورهيو ڪري ٽي. وڻ اُپائي ٽي. اُنهن کي وڌائي ويجهائي ٽي. زمين جا ٻارڙا توهين پڻ تخليق ڪار آهيو. توهين پنهنجي پورهيئي سان پيار ڪريو ٿا. تخليق ۽ پورهيو پيئي مقدس شيون آهن...."

"ظلم فناٿي وڃي ٿو. تاج ۽ بادشاهه ناس ٿي وڃن ٿا، پر پورهيئي جو قل سدائين رهي ٿو..."

نرالي شخص جي چهري تي ڪئين ريڪائون اُپري رهيون هيون. هو هاڻي اُهو شوخ راهب نه پر ڏرتي جو جائو لڳو ٿي، جيڪو شاندار ۽ خوبصورت تصويرن جو خواب لهي رهيو هو. غفائن جون ديوارون ڦهلي

رهيون هيون ۾ زوارت کي اُنهن جي پويان لامحدود دنيا ڏيکائي ڏيڻ لڳي ۽ هي دنيا- جنهن ۾ پکين پنهنجا گرم گرم آکيرا جوڙيا هئا ۽ ماکوڙيون جيڪي اٽڪ پورهيو ڪنديون هيون، هن کي عظيم ۽ شاهڪار عمارتن جيان لڳيون جن جي گنبذن آسمان کي ڇهيو ٿي، جنهن جي مٿان سج اُپريو ٿي. هن جي آڏو اُپا جبل ۽ اُنهن کي چيري نڪرندڙ درخت ڦرڻ لڳا.

زوارت جي بي آرامي وڌي ويئي. هن جي رات جي ننڊ ڦٽي پيئي هئي. هن جو روح هڪ اڻ ڄاتل اُڃ سبب تڙپي اُٺيو. هن کي اها خبر ئي نٿي پيئي ته ڪنهن هن جي اندر کي پيڙا ۾ اُڇليو هو ۽ نه ئي هن جاڻڻ چاهيو ٿي.

گن ڪيانوس زوارت ڏانهن ڏٺو ۽ هن کي سمجهه ۾ نه آيو ته هو سندس ڪيئن ۽ ڪهڙي مدد ڪري سگهيو ٿي.

زوارت پنهنجي دوست ڏانهن پيڙا مان نهاريو "منهنجو دماغ ايترو ڪمزور ٿي چڪو آهي جو آءٌ پنهنجو پاڻ کي نٿو سمجهي سگهان".

"صبر ڪر خدا توتي ٻاجهه جو هٿ ڦيريندو ۽ پوءِ تون سڀ ڪجهه جاڻڻ لڳندين."

"هن جي رحمت ۾ ڇا آهي؟"

"خدا توکي نعمتن سان نوازيندو ۽ توکي عقل عطا ڪندو."

"خدا ڇا آهي؟"

گن ڪيانوس خود به ان راز کي پائي نه سگهيو هو ۽ سندس جاڻ ان معاملي ۾ نه هئڻ برابر هئي. پادري هن کي ٻڌايو هو ته "خدا جي رحمت روشني جيان آهي".

"روشني؟" زوارت کي اهو ٻڌي ڏاڍو ڀئو ٿيو. "پر جيڪڏهن هوءِ رات جي ڪاراڻ ۾ جڏهن هيڪلائپ ڇانيل هجي، ظاهر ٿئي ته پوءِ ڇا ٿيندو؟" زوارت جيئن ئي اُن تي سوچڻ شروع ڪيو سندس بي آرامي وڌندي ويئي.

هو ديول جي ٻاهر چڪر لڳائڻ لڳو ۽ خيالن ۾ گم ٿي ويو. پهاڙن جون چوٽيون، چشما، گل سڀ سج جي پر بهار روشني ۾ وهنجي رهيا هئا. زوارت کي لڳو ته اُهي سڀ عقلمند ساهوارا هئا. هن کي لڳو ته هو اُنهن

سان مخفي ٻولي ۾ ڳالهائي سگهيو ٿي. هن اُنهن کي هر هنڌ ڏٺو هو. ديول ۾ ڪرن ۾ اوندهه ۾ اُهي حرڪت ۾ آيا ۽ هن جي آڏو ماڻهن جو روپ ورتائون. اُنهن هن سان ڳالهايو. گڏجي ٿهڪ ڏنا ۽ پويان اچڻ جو چيائون.

زوارت ياد ڪرڻ لاءِ هوا ۾ اُنهن جو خاڪو ناهيو پر اُهي هن جي اکين کان اوجهل ٿي ويا ۽ پويان رهجي ويا فقط لفظ- جيڪي هن جي ڪنن ۾ گونجڻ لڳا. هن جي ڪنن ۾ ڪجهه دير تائين اُنهن جي گونج باقي رهي ۽ اُهي به گم ٿي ويا. ۽ وري هن جي آڏو هڪ ٻيرو ٻهروڪو منظر ڪر ڪٽي اُڀري آيو.

زوارت جي بي آرامي وڌي ويئي. هو ڏاڍو اُداس هو. هن ڇاڻڻ چاهيو ٿي ۽ اُهو سڀ ڪجهه جيڪو هن وٽ نه هو پائڻ چاهيو ٿي.

هو ديول ۾ اڪيلو ئي ٻيٺو رهيو ۽ خاموشي سان ٻڌندو رهيو. رات سوڙهي دري مان داخل ٿي اندر ليئو پائڻ لڳي. اندر ڏاڍي اُداسي ڇانيل هئي. جبل جي ڦارن مان ڦٽي نڪرندڙ ٻي آرام آبشار گرجي رهيا هئا ۽ وادي ۾ رات جي پکين جي روح جي پاتال مان اُپرندڙ رڙيون آسمان ڏاري رهيون هيون.

اچانڪ اوچيون ديوارن هڪ ٻئي کان جدا ٿيون ۽ ڪو اجنبي اندر داخل ٿيو. اهو زوارت هو. هن کي ايڏي حيرت نه ٿي. هن پنهنجو روپ اڪثر ماڻڪ ڦڙن ۽ وهندڙ جهرڻن ۾ ڏٺو هو. نئين روپ ۾ هنجيون اکيون موتين جيان ٻري رهيون هيون. زوارت کي اُن روشني جي چمڪ کان ڏاڍو ڊپ ٿيو.

هو پنهنجين اکين مر ٻيهر ڏسڻ جي همت ساري نه سگهيو. پر هڪ اڻ ڏٺل قوت کيس ائين ڪرڻ تي مجبور ڪيو. هن نيٺ پنهنجيون اکيون مٿي ڪنيون ۽ خوف وچان ڏڪي ويو ۽ فرش تي ڪري پيو.

هو اُتي ڪافي دير تائين بي سرتيو پيو رهيو ۽ اُهو سڀ ڪجهه جيڪي ٿي گذريو ياد ڪري نه سگهيو. هن محسوس ڪيو ته هن جو عڪس هن ڏانهن وڌي رهيو هو. زوارت هن جو آواز ٻڌو. اهو نرم ۽ ڪنهن گيت جيترو مٺو ۽ دل گداز هو. گيت زوارت کي منٺڙي لولي ڏيئي سمهاري رهيو هو ۽ لفظ هن جي روح کي سنگيت جي سرور ۾ الوپ ڪري رهيا هئا.

جڏهن هن پنهنجيون اکيون کوليون تہ رات ختم ٿي چڪي هئي ۽ هو غفا جي ڪڙڪي مان ڪليو آسمان ڏسي سگهيو ٿي. هڪ اڪيلو تارو رجندڙ سون جيان چمڪي رهيو هو. زوارت جي ڪنن ۾ اجان تائين سنگيت جا پڙلاءُ ٻري رهيا هئا ۽ هو هڪ پيرو وري اُن سندر خواب ۾ گم ٿي ويو.

جڏهن هن جي ٻئي دفعي اک کلي تہ اُن مهل ابابيل پکي بانس تي ويهي صبح جو گيت ڳائي رهيو هو. اُن گيت هن کي رات جون سرگوشيون ياد ڏيکاريون.

دروازي کان ٻاهر زوارت ديول جي چوگرد چڪر لڳايا. صبح جي ڪرڻن اُپين ٽڪرين تي موجود رات کي نرم ڪري ڇڏيو هو. غفا جي پاسي کان وهندڙ آبشار شور برپا ڪندو اڻ ڄاڻ رستي ڏانهن وڃي رهيو هو. هن اُن ۾ راتوڪو گيت ٻڌو.

هو ٿوري دير لاءِ ترسيو. "اُهو مسافر ڪير هو؟ ڇا هو پاڻ تہ نہ هو؟ جي نہ تہ پوءِ هو ڪير هو؟" هن محسوس ڪيو تہ هو راتوڪو سريلو گيت ٻڌي رهيو هو ۽ هن کي اهو به محسوس ٿيو تہ هن خود ننڍ ۾ اهو گيت ڳاتو هو ۽ اهو اجنبي مسافر شايد هو پاڻ ئي هو ۽ اُهو هن جو ڪو ٻيو روپ نہ هو.

اُن کان پوءِ هن کي پنهنجن چپن تي ساڳيا لفظ چرندي محسوس ٿيا. هن جي اندر ۾ خواهش ڪر ڪٽي اُٿي تہ هو اُهي لفظ ڏاڍيان جهونگاري ۽ نهايت پاڪائي سان سيني کي ٻڌائي.

هن بيان ڪرڻ شروع ڪيو.

ڪافي راهب ديوار جي اوٽ ۾ بيهي صبح جي سج ۾ پاڻ کي گرم ڪري رهيا هئا. هنن زوارت کي پهاڙي جي چوٽي مٿي، هوا ۾ هٿ لهرائيندي ڏٺو.

"هو چوٽي تي بينو آهي! هو ڪري پوندو." ڪنهن راءِ ڏني هن ڏوڙي وڃي ڇوڪري کي هٿ کان جهلي ورتو. زوارت هن ڏي تپيل اکين مان نهاريو. هن جا چپ ڏڪي رهيا هئا.

راهب هن کي باغ ۾ پادري وٽ وٺي آيا.

"ڇا ڳالهہ آهي ٻارڙا؟ ڇا تون بيمار آهين؟" هن پنهنجو هٿ زوارت

جي پيشاني تي رکيو. اها تپي رهي هئي. هو ڊگها ۽ تيز ساهه کڻي رهيو هو ۽ پادري ڏانهن ڏنڏلين اکين سان نهاري رهيو هو. پوڙهي سندس مٿي تي هٿ رکيو ۽ نرم لهجي ۾ چيو "ٻڌاءِ ڇا ڳالهه اهي؟ توکي کهڙي ڳالهه پريشان ڪري رهي آهي. منهنجا پٽ؟"

"فادر کي ٻڌاءِ!" راهبن رڙ ڪئي.

زوارت اُنهن ڏي نهاريو ۽ پادري ڏانهن ۽ پوءِ ڳالهائڻ شروع ڪيو. هن چاهيو ته هو ڪين اُهو سڀ ڪجهه ٻڌائي، جنهن سندس من ۾ مانڊاڻ مچايو هو. جيئن هو ڪين اُن خواب ۽ اُن خوبصورت تحفي بابت ٻڌائيندو ويو ته سندس چهرو ٻهڪندو ويو. هن جي لهجي ۾ عجيب بي تحاشا رواني اچي چڪي هئي ۽ هن کي آسپاس جو ذرو به خيال نه رهيو. هو مسلسل ڳالهائي رهيو هو.

"بهار اچي ٿي ۽ ڌرتي کي جاڳائي ٿي ۽ وٽن ٽٽن کي وهنجاري ٿي.
برف جا قطرا پنهنجو منهن کولين ٿا ۽ گلن کي سڏين ٿا.
"جاڳو! اگهور ننڊ مان جاڳو!!
توهان کافي ننڊ ڪري چڪا. هاڻ دنيا کي خوشيون ڏيو.
جبل ۽ واديون جيڪي سايون ٿي ويون آهن.
راند ڪيڏيندڙ هار جيان دنيا خاموش آهي،
دنيا خدا جي نور سان پُر ۽ سرور ۾ آهي،
بادام جي وٽن گلابي پوشاڪ پهري آهي.
گلاب پنهنجين پيارين نيرين اکين سان موهي رهيو آهي.
ڌرتي جي هر شئي پيار ۾ محو آهي.
هر شئي ۾ پيار جو واسو آهي.
ماڪ جي ڏڙن ۾ گلاب جي گلن ۾،
۽ سج جي روشني ۾،
پکين جي گيتن ۾،
۽ هر انهي شئي ۾.
جيڪا اُگي ٿي، سر جي ٿي.
دنيا اُتي ئي خوبصورت.

۽ ٻاجھ پري آھي
جتي پيار جو واسو آھي."

راھب زوارت کي پنڌ پھڻ جيان ٻڌندا رھيا. ھن جي لفظن سنڌن دلين تي ڪو بہ اثر نہ ڪيو.

اُنھن مان ڪافي ھن سان بغض رکندا ھئا برادرازر وحشيانہ انداز مان چيو "ٻڌو! ھي اُھا ڳالھ آھي جيڪا ٻڌڻ ۾ سني لڳي ٿي پر ھن ۾ ڪا بہ چگي ۽ ڪم جي ڳالھ ڪونھي. توھان سمجھيو تہ شايد ھي پادري جيترو ڏاھو ۽ ڄاڻو ھوندو".

پادري وچان ڳالھايو "توھين ھن کي ننڍو ڇوٽا سمجھو؟ زوارت جا خيال بنھہ واضح ۽ اونھاں آھن. ھي نوجوان مون کان ڪيئن ڀيرا وڌيڪ اڪابر ۽ ڏاھو آھي."

راھب ٻري ڪامي ويا. ھنن زوارت ڏانھن حقارت مان نھاريو. زوارت ازر جو حاسدي ڇھرو ڏنو جيڪو نفرت سبب بدصورت ٿي پيو ھو.

پادري زوارت تي ٻاجھ پريو ھٿ گھمايو ۽ راھبن کي غفا ۾ ويڙھ جي ھدايت ڪئي. ھو ڪاوڙ ۽ غصي مان روانا ٿيا. اُنھي ڏينھن کان پوءِ ھو ڪلي طرح زوارت کان نفرت جو اظھار ڪرڻ لڳا. جيتوڻيڪ زوارت کي ايذائڻ ۽ رنجائڻ جو ھنن ھڪ موقعو بہ ھٿان نہ وڃايو تہ بہ زوارت ھنن تي ڪڏھن بہ نہ ڪاوڙجندو ھو. ھو سدائين مرڪي ۽ خاموش ٿي درگذر ڪري ڇڏيندو ھو.

"ھو اسان کي ڏکيو پئجي رھيو آھي." ھو ساڻ ۽ نفرت مان ھڪ ٻئي سان حال وندبيندا ھئا، ڇاڪاڻ جو پادري زوارت کي پنھنجي سايي ھيٺان رکيو ھو.

ھن پادري مان عيب ڪيڍڻ شروع ڪيا ۽ افواھہ اُڀاريا تہ ھو ھڪ پاکنڊي ۽ جادوگر آھي ۽ ھڪ شيطاني ڪتاب لکي رھيو آھي، جنھن کي جلائڻ بھتر آھي.

جڏھن اھي افواھہ پادري جي ڪنن تائين پھتا تہ ھن کي ڏاڍو ڏک ٿيو. ھن کي پنھنجا ڏينھن ويجھا ٿيندي محسوس ٿيا ۽ ھن کي پنھنجي زندگي جي ڪيل پورھيئي جو فڪر ورائي ويو. جيڪو روح جي تخليق

بابت هو. "گن ڪيانوس سادو ماڻهو هو ۽ زوارت نوجوان. هو اهو ڪتاب ڪنهن جي حوالي ڪري؟" هن کي سيني پاسي ويران بيابان ۾ نرآسائي نظر آئي.

هڪ ڏينهن ازر جي اڳواڻي ۾ سپ راهب پادري وٽ آيا ۽ مٿس زور پريو تہ زوارت کي ديول مان نيڪالي ڏني ويجي. ڇوجو هن ۾ شيطان جو روح آهي ۽ سندس موجودگي مقدس ديول جي شان ۾ گستاخي جي مترادف آهي.

پادري ٻاهر باغ ۾ اُنهن سان ڳالهائڻ لاءِ آيو. هن ٿڌي دماغ مان مقدس ڪتابن مان حوالا ڏيئي کين سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي "توهان جو رحم ڪيڏانهن ويو؟" هن جو آواز درد سان ڀريل هو. "توهين هن جي صلاحيتن جو قدر ڪو نہ ٿا ڪريو ۽ نہ ئي کيس سمجهي سگهيا آهيو. توهين هن جي خيالن جي غلط تشريح ڪريو ٿا."

"هن کي هتي گهرايو. اسين ثابت ڪري سگهون ٿا تہ هن جا خيال پٽڪيل آهن ۽ هو هڪ مها پاکنڊي آهي"

پادري زوارت کي غفا مان وٺڻ ويو. "پٽ هل ۽ هلي پنهنجي سچائي ثابت ڪر."

زوارت جيئن ئي راهبن کي ڏٺو مرکي ڏنو.

"پنهنجا خيال هنن تي پڏرا ڪر ۽ هنن کي خود فيصلو ڪرڻ ڏي".

زوارت گهڙي پل لاءِ خاموش رهيو ۽ پوءِ هن ڳالهائڻ شروع ڪيو. هن جو روپ نکري آيو هو ۽ هو ڳالهائيندي ڳالهائيندي پنهنجو پاڻ ۾ گم ٿي ويو:

بهار اچي ويئي هئي، سڄي ڌرتي ٻهڪي اُٿي هئي
رتن جوت جو گل، گلاب جي گل تي سڙي پڄري رهيو هو.
پنهنجن پاڙيسري گلن کي، هن قتل ڪرڻ تي برغلايو
۽ گلاب جي گل جا رقيب هن سازش ۾ شامل ٿي ويا.
جيڪڏهن ماري نہ سگهجي تہ بہ بيعزتو ضرور ڪجيس.
منصوبو رٿيو ويو تہ سيني گلن جو لشڪر ڪنو ڪجي،
گلن ڪينو ۽ بغض سيني ۾ ڦهلايو.

9

حساب ٹيڻ گھرجي، پلاند ٹيڻ گھرجي.
هنن گلاب جي گل جي شان ۾
گستاخي شروع ڪئي.
سنبل کان وڌي سورج مکي تائين،
گلِ لالا کان وڌي نرگس تائين
پيغام پھچايو ويو:
"گلاب جي گل کي ماريو! گلاب کي ماريو!!"
جڏھن اوچتو بلبل ڳائڻ شروع ڪيو
تہ گل ڏکي ويا، جلي ويا.
گلاب جي گل جي سونھن جي تعريف ٻڌي،
جيئن ئي هنن،
گلاب جي گل کي گھري نند مان اُتاريو،
۾ جڏھن گلاب،
پنھنجي نيري مک کي،
هڪ لامحدود سونھن سان پريل،
نازڪ ادا مان مٽي ڪنيو،
تہ ڪي ڪومائجي ويا ۾
ڪي پيلا ٿي ويا.
۾ هنن کي اچي ڊپ ورايو تہ
ڪٿي اسين تباھ نہ ٿي وڃون
هنن معافي ورتي ۾ توبہ تائب ٿيا،
تہ هنن کي بخش ڪيو وڃي جو
هنن ھڙي پاڪ ۾ شفاف سونھن کي،
فنا ڪرڻ جي سازش ڪئي.
گلاب کي شاھاڻو لباس پھريل ھو.
بلبل جيڪا وبجھو ئي،
هڪ وڻ جي ٽاري تي وينل هئي،
گلاب جي گل جي خوشبوءِ ۾

مدهوش ٿي ڳائڻ لڳي.

”پيار ڏينهن جي روشني آ ۽ رات جي اوندهه.
جيتوڻيڪ گلاب هڪ نرم نازڪ سلو آ،
پر ڪيڏو نه مضبوط ۽ خود دار آ.
هن جي چوگرد ڪنڊا آهن.
هن جي چاهيندڙ بلبل،
هن جو گيت ڳائي ٿي
ڇا هن ڪڏهن توهان کي به،
ڳائي نه ٻڌايو آ؟
۽ توهان جي مايوسين کي
همٿ نه ٻڌائي آهي؟
ڇا اهو هن جو پيار ناهي؟
جنهن هن جو حوصلو وڌايو آهي؟
توهان پياري بلبل کي پري نه موڪليو.
سخت سردي ۽ خوفناڪ هوائن ۾....“

گلاب جو گل بلبل جي طرف جهڪيو
۽ هن کي چمي ڏيڻ لاءِ چيائين

”تہ هو صدمي سبب ڪومائجي ويندو
او بلبل! مون کي چمي ڏي ۽ پيار ڪر!
هو مون کي قتل ڪري ڇڏيندا،
رت چوسي وٺندا،
۽ اُن مان عرق ٺاهي،
دوا لاءِ ڪم آڻيندا.
منهنجي دل ٻڌي رهي آهي...
دل جي ڏڪ ڏڪ ٻيهر رهي آهي...“
حاسد ازر اڳيان وڌيو. هن جي چپن مان زهر اوڳاڇجي رهيو هو.
”گلن جي گفتگو ۽ اُن جو پيار، شيطان جا لفظ آهن.“

"شرڪ پريا جملا آهن" ۾ين رهابن سُر ۾ سرملايو.
"هن ڪي گهٽ وڌ نہ ڳالهايو. هن جا خيال مقدس آهن"
پر ازر ڏيان نہ ڏنو. هو ٻيهر اڳيان وڌيو ۽ ڳالهہ جاري رکي "هن ۾ شيطان جو واسو آهي ۽ اسين هن مان شيطان هڪالي ڪيندا سين". ائين چوندي هن زوارت تي اُلر ڪئي.
"باز اچ!" پادري غصي مان رڙ ڪئي." توکي معصوم تي هٿ کڻڻ جو کهڙو حق آهي؟" پادري کي ڏاڍو ڏک رسيو. فتني جو سمندر برپا هو.
"هو نينگر کي ڪٽرپٽي ۽ تعصب کان ڪيئن بچائي سگهيو ٿي؟ "هن کي ڇا ڪرڻ گهربو هو؟" هن زوارت ڏي آسوندين اکين سان نهاريو."ڇا تون هنن جي اڳيان پنهنجن خيالن جي تشريح ڪري سگهين ٿو؟" هن دل جي مضبوطي سان چيو.
زوارت پوڙهي جي بيقراري کي ڄاڻي ورتو. هن کي اڻ لکي روشني جو ڇهاءُ محسوس ٿيو ۽ پوءِ هن کي الهام ٿيو. هو راهبن ڏانهن مڙيو ۽ اندر جي شڪتي سان ڳالهائڻ لڳو:
"هن درشتانت کي آءٌ سمجهايان؟
تہ ڪير رتن جوت آهي ۽ ڪير گلاب جو گل؟
۽ نير بلبل ڪير آهي؟
هوءِ ڪنهن جي لاءِ ڳائي ٿي؟
۽ هن جي گيتن جو مطلب ڪهڙو آهي؟
گل پروهت آهن ۽ گلاب جو گل مسيح آهي
رتن جوت جو گل جداس آهي جنهن ساڻن دوکو ڪيو
۽ بلبل جبرائيل آهي جو الاهي پيغام پهچائيندڙ آهي.
گلاب جو واڱڻائي لباس مسيح جي ظهور جي علامت طور ڪم آيل آهي
۽ پيلا ۽ ڪومايل گل اُهي سپاهي آهن جيڪي هن کي تياس ڏي ونڻي آيا."
پادري هن جو جواب ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيو. راهب لاجواب ٿي ويا.
زوارت سوپارو ٿيو. پر ازر کي ايجان بہ زوارت جي اکين ۾ شرات پري

مرڪ ڏسڻ ۾ ائي ۽ هن کي هو چالباز نظر آيو. هن محسوس ڪيو ته زوارت جا خيال ملحدن وارا هئا، پر موڪي ڏهن سبب هو نينگر جي تشريح جو ڪو خاطر خواهه جواب ڏيئي نٿي سگهيو. هن وٽ سواءِ پنٿي هٽڻ جي ٻي ڪا گهٽي به ڪا نه هئي. ٻين ٻه ائين ئي ڪيو.

ايندڙ ڏينهن ۾ پادري لاءِ وڏيڪ عذاب پيدا ڪيو ويو. پوڙهو ڏاڍو مايوس ٿيو. هن محسوس ڪيو ته راهبن جي دشمني هن جو سڳهو موت آڻيندي.

۽ پوءِ هڪ ڀيري هو آڌي رات جو اُٿيو ۽ وصيت نامو لکيو. هو راهبن جي تهمتن ۽ حسد سبب ڪافي پريشان هو. هن پنهنجي وصيت ۾ روشني جي دشمنن لاءِ سزا لکي ۽ اُنجي تشريح ٻه ڪئي.

"منهنجو جسم خاڪ ۾ ملي ويندو ۽ دونهين وانگر ورهائجي ويندو. پر منهنجا پاڪ ۽ مقدس خيال مون کي زندهه رکندا. توهين منهنجو جسم جدا ڪري سگهو ٿا. پر منهنجا خيال سج جي ڪرڻن جيان چمڪندا رهندا. او اوندهه جا اولادئو! مون کي هٿ نه لاهجو. چو جو آءُ سچ جو امين آهيان ۽ منهنجو قهر اوهان کي ناس ڪري ڇڏيندو."

هن گن ڪيانوس ۽ زوارت کي اسرويل اُٽاريو ۽ کين چمندي چيو "هاڻ منهنجي ويڙ جو وقت اچي ويو آهي".

"ڪيڏانهن؟" گن ڪيانوس پڇيو. پر هن جلد ئي پادري جي لفظن جو مطلب سمجهي ورتو ۽ رئڻ شروع ڪيو.

پوڙهي ٻنهي کي سنيالي رکيل ڪتاب ڏنو ۽ کين لکائي اُنجي حفاظت ڪرڻ جي هدايت ڪئي.

هو اُن ڏينهن مري ويو.

راهبن هن کي وڏي مان سان قبر ۾ لاٿو ۽ پنهنجي اصل نفرت کي لکائي رکيو.

گن ڪيانوس اهو ڪتاب چوري ڇپي ٽيڊ کي ڏنو ۽ ٽيڊ اُن کي محفوظ جڳهه تي لکائي ڇڏيو.

ٻئي ڏينهن راهبن زوارت کي غفا ۾ بند ڪري ڇڏيو ۽ ڪيس گلن واري گيت ڳائڻ کان منع ڪئي. فقط گن ڪيانوس هن سان ملاقات لاءِ

آيو. زوارت هن ڏانهن اُداسائي مان نهاريو. پوءِ ڳائڻ شروع ڪيو ۽ پنهنجن خيالن کي رنگ روپ ڏيڻ شروع ڪيا. جيڪي شاعري جي سگهہ ذريعي ڦهلڻ شروع ٿيا. ۽ هن اهو وساري ڇڏيو ته ڪو هو بنديخاني ۾ هو. گن ڪيانوس گلن بابت زوارت جي گيتن کي ٻڌندي ڪڏهن به نہ ٽڪندو هو.

صبح ٿيندي ئي راهبن اُن جي ملاقات تي بندش وجهي ڇڏي. هاڻ گن ڪيانوس زوارت کي فقط غفا جي دري مان ڏسي سگهو ٿي. زوارت گن ڪيانوس کي ڏسي اڳي جيان مرڪي ڏنو. هو بي خوف ۽ پرسڪون نظر اچي رهيو هو.

..... ۽ هڪ ڏينهن زوارت چپن تي ابدي مرڪ ڇڏي مري ويو.

غفا جي ڇت هيٺان زندگي پنهنجي جلوي ۽ تيج سان ٻري رهي هئي. ٽيڊ زمين تي خاڪا ۽ تصويرون ناهيون هيون. ريشمي ڪپڑي تي اُڪريل تصويرون، ڪاٺ جي فريم ۾ ڇت تي ڏوري سان لٽڪيل هيون. ٽيڊ پنهنجو برش رنگن جي پيالي ۾ ٻوڙيو ۽ اُن کان پوءِ هن جي سرڻ جهڙي اڪ ريشمي ڪپڑي تي ڪپي ويئي. هو ڪجهہ دير خاموش بينو رهيو ۽ پوءِ تصويرون ناهڻ لڳو. رنگ ريشمي ڪپڑي تي ڦهليا.

هن جي شاگردن پنهنجي اُستاد کي ساهہ بند ڪري ڏٺو. اُهي ٻيئي هن کان ڏنا ٿي ۽ هن لاءِ پيار به هئن. ٽيڊ برش جي ذريعي عجيب آسمان ناهي رهيو هو. جيئن ئي هو برش هلائيندو ويو ريشمي ڪپڑي تي خوبصورت رنگ اُپرندا ويا، سونهري، فيروزي، نارنگي.....

هن جي شاگردن هن کان پڇيو ته هو ڪهڑي ڪتاب تي ڪم ڪري رهيو هو.

ٽيڊ پنهنجو ڪنڌ لوڏيو. هن خالي نظرن سان نهاريو ۽ پوءِ هن گن ڪيانوس ڏانهن نهاريو.

ٽيڊ پنهنجو ڪم جاري رکيو. هن جون اکيون، نرم نازڪ ڳچي واري شوخ ۽ چنچل مورتي تي ڪپي ويون. هنجا گيت ڪنهن مشرقي غاليچي جيان خوبصورت لڳا ٿي. پاسي ۾ عجيب ۽ حيرت ۾ وجهندڙ گل قيمتي هيرن جيان ٽمڪندا نظر آيا ٿي. اُن جي مٿان هو نيري آسمان جو عڪس، ۽ ائين لڳو ٿي ته جڻ ريشمي ڪپڑي ۾ ڪو سوراخ ٽيل هو. جنهن

مان اهو نيرو آسمان ليئو پائي رهيو هجي.

شاگردن انتهائي دلچسپيءِ خاموشي سان پنهنجي اُستاد جي نقشن جي چوگرد گل ڪاري ڪئي.

ٽيڊ ڪڏهن ڪڏهن چوندو هو "نارنگي رنگ سون جي پگهرڻ جو رنگ آهي. اسان جي چوگرد سونهري تجلو.... جنتءِ آسمان جيان آهي بلڪل.... هلڪو نيرو.... سرو جو وڻ گهميل سائوءِ اُنهن جي وچ ۾ گلاب جو گل ضرور هئڻ گهرجي.

رات جو گن ڪيانوس ٽيڊ وٽ آيوءِ زوارت بابت ڪيس ٻڌايائين. ٽيڊ پنهنجن خيالن ۾ ئي گم هو. اُن سبب گن ڪيانوس جي ڳالهه سندس دماغ ۾ ويهي نه سگهي. اوندهه هن جي ڪم ۾ رڪاوٽ وجهي رهي هئي. هن جي ننڍ ڦٽي پيئي هئي ءِ بي آرامي هن کي پريشان ڪري ڇڏيو هو. ڪاري رنگ جي ڪپڙي تي ٻرندڙ روشن رنگن سندس ننڊ کسي لاٿي هئي. قدرت هن کان برش کسي آسمان جي اونداهي ڪينواس تي تارن جون پنکڙيون پينٽ ڪرڻ لڳي. ٽيڊ جو ڏيان ڇڪجي ويو.

گن ڪيانوس جو حوصلو وڌيوءِ هو زوارت جو گلن بابت گيت جهونگارڻ لڳو. غريب گن ڪيانوس! اها هن جي پنهنجي سندر ياد هئي.

ٽيڊ تي زوارت جي نرم گداز سندر گيت جو وڏو اثر ٿيو. جڏهن هن سڄو گيت ٻڌي لاٿو ته چيو. "اهو گيت روح کي خدا جي ديدار سان منور ڪري ٿوءِ ڏاڍو سندرءِ پيارو گيت آهي."

"ڇا تون زوارت جي گيتن کي تصويرن ۾ سمائيندين؟" گن ڪيانوس جي اکين مان خوشي جا لڙڪ ڳڙيا.

ڪلاڪار راضي ٿيو "بيشڪ آءٌ صبحاٽي کان ئي ان ڪم کي ڪٽندس."

ٽيڊ اٽڪل محنت سان زوارت جي گيتن تي جيڪي پادري جي ڪتاب ۾ درج هئا، اُنهن کي روپ ڏيڻ لاءِ ڪم شروع ڪيو. گن ڪيانوس ٽيڊ جي ڪم کي چتائي ڏسڻ لڳو. ڪلاڪار مختلف رنگ پاٽ ۾ ملائي نوان رنگ ٺاهيا. ڪنارن کان روشن گلڪاري ڪيائين، رت جهڙا ڳاڙها چيتاءِ نارنگي رنگ جي ڏاندي پرسان هرڻ ٺاهيائين. ٽيڊ بخار جي حالت

۾ بہ ڪم ڪي جاري رکيو. هو ٻرندڙ ميڙ جيان ختم ٿي رهيو هو. هن رنگن جي تلاش جاري رکي، پر هن کي اُهي رنگ نہ مليا. هن ٽڪل اکين سان ائين مٿي نهاريو جڙ جبل جي ڦار ۾ انهي اڻ ڏٺل رنگن واري گل کي جوين ماڻيندي ڏسندو هجي. پر ٿوري پل کانپوءِ جڏهن هن پنهنجو برش رنگن جي پيالي ۾ ٻوڙيو ۽ اُن کي جيئن ئي ريشمي ڪپڙي تي آندو تہ هن کي لڳو تہ اُهو اڻ ڏٺل رنگ هن جي برش مان جادو ئي پکي وانگر اُڏامي ويو. ٽيڊ ٽڏو. شوڪارو پريو ۽ ريشمي ڪپڙي ڏي بي يارو مددگار ڏسڻ لڳو.

هن جا شاگرد سراپجي ويا ۽ ساهہ ڪٽڻ جي بہ همٿ ساري نہ سگهيا. هنن پنهنجي اُستاد جي تخليق جي پيڙا ۾ هٿ ونڊايو.

اوچتو ٽيڊ غصي مان ٽڏو شوڪارو پريو ۽ غفا مان ٻاهر نڪري ويو.

"هو اصل رنگ جي ٻگولا ۾ ويو آهي اچو تہ سندس پويان هلون."

اُهي ٽيڊ جي پويان ديول ۽ پوءِ جبلن ڏانهن ويا. هو سڄو ڏينهن شاگردن سان گڏ جبل لتاڙيندو رهيو ۽ پوءِ غفا ۾ موتي هڪ دفعو وري هٿ ۾ برش ڪنيو. عظيم ۽ گهري سانت ۾ نوان رنگ جوين ماڻي رهيا هئا.

اهو هڪ ڏاهپ ۽ روشني جي نور سان منور مقدس ڪتاب هو.

شوخ جانور، پکي، مڇيون ۽ گل ٻن شاهڪار قلمي نسخن جا سينگار ٻڌيا. هڪ جو موضوع ڪائنات ۽ تخليقي پورهيئي جو تقدس هو ۽ ٻيو هڪ صفحي کان وٺي ٻي صفحي تائين شوخ ۽ چنچل وهڪري جيان هليو ٿي. اهو ئي زوارت جوگلن بابت گيت هو.

پهاڙن تي برف جمي چڪي هئي. پر ديول ۾ ڏاڍي اوندهہ هئي. تهہ خانو جتي پادري جو ڪتاب ۽ ٻيو نسخو رکيل هو اُتي تمام گهڻي اوندهہ ۽ گهم هئي. چوندا آهن تہ "گهم ريشمي ڪپڙي کي تباهہ ڪريو ڇڏي. اُن ڪتاب ۾ گل هئا. ڇا اُهي گهري ننڊ سمهي پيا هئا؟ يا گهم ۾ ناس ٿي چڪا هئا. جيئن ڪتاب ٿيو هو؟"

راهب ڏيڏرن جيان سڄي تلها ٿي پيا هئا. اُهي پادري، زوارت، ٽيڊ ۽ اُن جي شاگردن کي وساري چڪا هئا. هڪ ڏينهن راهبن کي ديول مان موڪل ملي ۽ اُهي هڪ ٻئي کان جدا ٿي مختلف ماڳن ڏي هليا ويا.

رات ٿي چڪي هئي. آرمينيا جي پهاڙن تي سردي ڇانيل هئي. اها

ڏاڍي ٿڌ جي منڊ هئي. آسمان شيشي وانگر جمي ويو هو. گن ڪيانوس جبل لهي رهيو هو. هن جي ڪلهي تي هڪ ٽيلهو هو جنهن ۾ هڪ ريشمي رومال ۾ ويڙهيل ڪتاب هو. هن جا هٿ ڪنبي رهيا هئا پر جي اُهي جمي بہ وڃن ها، هو تہ بہ اُن ڪتاب مان هٿ ڪيڙ نہ چاهي ها.

گن ڪيانوس ديول کان ڪافي پري هليو ويو. هن جو هڪڙو ئي مقصد هو تہ ڪتاب کي ڪيئن بہ ڪري بچائجي ۽ جي هو اُن ۾ ڪامياب ٿي ويو...

هن کي خبر نہ پيئي تہ هو ڪيڏانهن وڃي رهيو هو. هڪ خطرناڪ طوفان پهاڙن کي لوڏي ڇڏيو هو. وادين سپاهين سان پرجي ويون هيون. شهرن، ڳوٺن، ديولن ۽ لائبريرين ۾ شعلا پڙڪي رهيا هئا.

صبح جي طوفان جبلن ۽ غفائن مٿان اڃي رلي پائي ڇڏي هئي.

هڪڙو پوڙهو راهب جيڪو هڪ قديم ديول مان آيو پي، هڪ برف ۾ جميل ماڙهو کي دروازي وٽ ٻيئل ڏٺو جنهن جي ڪلهي ۾ ٽيلهو هو. هن جي آڏو هڪ ڪتاب کليو پيو هو. نيرو آسمان اُن جي صفحن مان مرڪي رهيو هو.

پوڙهي راهب جهڪي اُن کي ادب مان کنيو.

اُن کان پوءِ ڪتاب جو پتو نہ پيو تہ اُهو ڪيڏانهن هليو ويو. پر ان صدي جي تاريخ ۾ اُهو هڪ ڏنڊلو عڪس ڇڏي ويو.

سلطان ايلٽرم جي لشڪر جي سنبن جا آواز روڍن تي گونجڻ لڳا. هن جو لشڪر طوفاني ڪڪرن جيان اڳتي وڌڻ لڳو. گهوڙن جي سنبن جي آواز ڏرتي جو سڪون ڦٽائي ڇڏيو.

پوڙهو پنهنجي غفا ۾ قديم ديول جي ڪتاب تي اکيون کپايو ويٺو هو. هو پنهنجي ڏرتي تي آيل تباهي کان بي خبر هو. بہ سپاهي هن جي غفا ۾ داخل ٿيا. هن کي اُنهن جي آمد جو پتو نہ پيو. اُنهن هن سان ڳالهايو. هو پنهنجي ڏن ۾ مگن هو. ان ڪري هو اُنهن جو آواز ٻڌي نہ سگهيو. غصي ۾ آيل سپاهي تير هلائي پوڙهي راهب کي ماري ڇڏيو.

جلد ئي غفا جلندڙ ڪتابن جي دونهين سان ڀرجي ويئي. سپاهين ريشمي ڪپڙي ۾ ويڙهيل ڪتاب کي باهہ ڏيندي پاڻ کي ڏاڍا سرها

محسوس ڪرڻ لڳا. نيٺ اُن نظاري کان ڪتا ٿي، هنن پوڙهي راهب کي ياد ڪيو ۽ هڪ اچاٽ ڊپ هنن جي دل ۾ اُپريو.

"هن کي مارڻ جي ڪهڙي ضرورت هئي؟"

"اهي ڪتاب ڪهڙي قسم جا هئا؟"

"انهن بابت ڪنهن کي خبر هئي؟"

"اُهي چون ٿا تہ ڪتاب ناراض ٿيندو آهي ۽ بدلو ٻہ ونندو آهي".

"اُهي چون ٿا تہ ڪتابن ۾ سچائي جو واسو هوندو آهي".

اوچتو باهہ جا اُلا تيزي سان پڙڪي اُٿيا. ماڻهو شعلن کان پاڻ بچائڻ لاءِ غفا کان ٻاهر ڀڳا ۽ پوءِ باهہ وسامي ويئي.

"ڪتاب ناراض ٿي ڀيا!"

"نہ ڪتابن کي ساڙڻ نہ گهربو هو."

ٻيدمشڪ جبلن جي لاهين تي ڀڙ ڀڙ ڪرڻ لڳا. خزان ترڪي ٽڏي پاڻي جي چشمي جيان وادي کي ٽمٽار ڪندي گذري ويئي. ٻيدمشڪ جي آواز ۾ چشمن جي وهڪري جو شور ٻہ شامل ٿي ويو هو.

جانڀاهي اڪوپ چڪي جو تلاءُ ڪوليو ۽ چڪي ڦرڻ بند ٿي ويئي.

ملڪ ۾ ڏڪار اچي چڪو هو.

اڪوپ ٻيدمشڪ جي وڻ هيٺان ٻيهہ پنهنجي پٽ کي هڪل ڪئي، "وڃ دمشق ڏي وڃ. چڪي ٻيهہ رهي آهي. واپسي ۾ ڪڻڪ آڻجانءِ جيئن اُن کي پوکي پاڻ بچائي سگهون."

اُسڪ جي نيرين اکين ۾ اُداس مرڪ هئي. "اسين ڪيئن جان بچائي سگهنداسين؟" هن پنهنجي پيءُ ڏانهن حيرت مان نهاري پڇيو.

"بيوقوف نہ ٿي! پنهنجيون اکيون کول، ڇا توکي ملڪ جي بدحالي نظر نٿي اچي؟"

اڪوپ گهر ويو ۽ صندوق مان هڪ رنگين جبو ۽ پنج ريشمي رومال ڪڍي آيو. هن پنهنجي پورهيت آڱرين سان ٽيهہ سکا ڳڻيا.

"هي پئسا مون ڏهہ ڪوڏرون وڪڻي ڪمايا آهن. رنگين جبو ۽ رومال وڪڻي ڇڏجانءِ، في الحال تنهنجي لاءِ اهي پئسا ڪافي ٿيندا. توکي رستي ۾ ڪو نہ ڪو ڪم ملي ويندو. ايندڙ بهار ۾ اناج سميت

موتجانءِ ۾ اسان وٽ ڪجھ نہ ڪجھ پوکڻ لاءِ هوندو“.

اُسڪ پنھنجي پيءُ ڏانھن گنيپيرتا مان نھاريو. ھن محسوس ڪيو تہ سندس پيءُ ايترو ئي ڏاھو ھو جيترو قدر ھن جي لفظن اُسڪ جي دل ۾ ڊپ کي جنم ڏنو.

اھڙي طرح اُسڪ دمشق لاءِ روانو ٿيو. ھن جي نيرين اکين ۾ اُداس مرڪ پٽڪي اُٿي. ھن جي پويان ڪوھيڑي ۾ ھن جي اباڻي ڌرتي ھئي.

سج جي تپش روڊن کي بہ ٻوساتي ڇڏيو ھو. ھو اھڙي اُس ۾ ڪيتن مان گذريو. اُنن جا قافلا رستن تان لنگھيا ٿي جن جي پاڪڙن مان ڪجين اکروٽن ۾ ڪٽڪ جي خوشبوءِ اُٿي رھي ھئي.

اُسڪ ڏاڍو پريشان ھو. ”بابا ڇا ڇيو ھوا! اسان کي پنھنجيون زندگيون بچائڻيون آھن؟“

”پر ڪيئن؟ ماڻھو کي ڪير بچائي سگھي ٿو؟ زمين؟ پر اُھا تہ ھنن اسان کان کسي ورتي آھي؟ سلجوڪي ۾ تاتاري فوجون آرمينيا خلاف اُٿي ڪڙيون ٽيون ھيون. ھو برف جي ڇپ جيان اڇتي وڌي رھيون ھيون. ھو رت جون ندیون وھائي رھيا ھئا تہ پوءِ دولت؟ مون جڏھن شاھوڪارن کي اُنھن جي آڳرين مان سون گم ٽيندي ۾ پينو فقير بڙبڙندي ڏٺو آھي تہ پوءِ ڪير اسان جون زندگيون بچائي سگھيو ٿي؟ ۾ زندگي جو اصل ڪارج ڇا ٿي سگھيو ٿي؟“

اُسڪ جا سڀ خيال زندگي جو مطلب سمجھڻ لاءِ ھڪ ٻئي ۾ ڳنڍجي ٿي پيا. ھن پنھنجو سفر جاري رکيو. ھو پگھر ۾ شل ھو ۾ سج جا ڪرٽا ھن جي جسم کي نانگ ڦڙ جي ڪنڊن جيان لڳي رھيا ھئا.

ڪاش جيڪڏھن ماڻھو پکي ھجي ۾ ھو پنھنجي زمين جي ملڪيت ڪٽي آسمان ۾ اُڏامي ويجي! پر اُن جو ڪھڙو فائدو؟ ھو ڳجھن ۾ سرٽن جو ڪاڄ ٿي ويندو؟ ھو ھن کان سڀ ڪجھ کسي ونڊيون.

شھر سج جي روشني ۾ ائين چمڪي رھيو ھو جڙ تہ ڪو سونھري مٽي جو جبو پاتل ھجيس. گھٽين ۾ گھاگھمي لڳل ھئي. اُسڪ جون اکيون حيرت مان ڦھلجي ويون. ھڪ ڪنجي جھڙو مضبوط نوجوان پنھنجن سگھارن ھٿن سان تلوار ڦيرائي رھيو ھو. ٽامي جي مٽ مان تيار ڪيل

تلوار مڑي تي ۽ وري سڌي تي تي پيئي. اُن نوجوان جي چوگرد ٻيا نوجوان ميڙو ڪريو بيٺا هئا. اُنهن کلي ڏنو. نوجوان جا اڇا ڏند چمڪي اُٺيا. اُٺ وٽن جي هينان آرامي هئا. ڪٽڪ ۽ ٻي سامان جا ٻورا اُنهن جي چوگرد زمين تي رکيل هئا.

اُسڪ ڪرڙي جي پاسي کان لنگهيو ۽ وڻ تي چڙهي ويو. سج تپي رهيو هو ۽ هوا منجهي رهي هئي. هن بازار ۾ دڪانن ۽ پيلن وارن، وارن ڏوڙندر ماڻهن ڏانهن نهاريو. هو اڄ وگهي مري رهيو هو ۽ ٽڏي نيري پاڻي جا خواب لهي رهيو هو. هن اُن کي پنهنجي اُجايل چپن تي محسوس ڪيو. هن کي ننڊ گهيري رهي هئي. هن جي خيال جو سلسلو ٽٽي پيو. اُسڪ کي اها سڌ ئي نه رهي ته هو ڪيتري وقت کان اُتي وينو هو ۽ نه هن کي ننڊ ۾ هڻڻ جو احساس ٿيو. اوچتو ئي اوچتو هن جون اکيون ماڻهن جي ٽولي تي کپي ويون، جيڪي ٿهڪ ڏيئي رهيا هئا ۽ هڪ ٻئي جي هٿن مان ڪتاب کسي رهيا هئا.

اُسڪ ٽپ ڏيئي هيٺ لٿو. هن کي لڳو ته هن کا خاص ڳالهه ڏٺي هئي.

"اُها ڪهڙي شئي هئي؟ ها، اهو هڪ ڪتاب هو. هن اُن کان اڳي به ان جهڙا ڪتاب ڏٺا هئا." هو ماڻهن جي ويجهو ويو. ماڻهو هاڻ جنهن جي هٿن ۾ ڪتاب هو، اُن جي جلد جي پٽئين حصي تان چاندي روڙي لاهي رهيو هو. ٻئي اُن کان ڪتاب کسيو ۽ اُن جي پٽيئين حصي تي ڪيل چاندي جي چٽن کي چٽائي ڏسڻ لڳو. هر ڪو صفحو بهار جي رنگن ۽ خزان جي سرگروشين سان سينگاريل هو. اُن ۾ ڳاڙهي آسمان، بهار، گلاب ۽ ٻين گلن جا نقش هئا. سڀ نقش روشن ۽ روح کي راحت پهچائيندڙ لڳا ٿي.

"اُن ڪتاب ۾ اندر ڇا لکيل هو؟ جنهن جي خالي رنگن ۾ ايڏي ڪشش هئي!"

ڪتاب وڪري لاءِ هو. اُن جو مالڪ هڪ سٽي سياڻ وارو عرب هو. هن ٻڌايو ته اهو ڪيس گذريل سفر ۾ هٿ لڳو هو.

"تون اهو ڪتاب ڪيتري ۾ وڪڻندين؟"

"ها ٽيهن سڪن ۾"

آئيندي جو خريدار ٿهڪ ڏيئي کلي پيو. هن ڪتاب کي پٺ تي

اُڇليو. ٻين اُن کي ٽڏا هنيا. سپاهي بيزاري مان جهڪي اُن کي رستي تان کنيو ۽ مرڪي ڏنو. هو اهو ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو. ڇاڪاڻ جو ميڙ ۾ اُنجو کو به خريدار نه هو.

اُسڪ هن جي ويجهو آيو. اُن کان ڪتاب ونڊي صفحا اُٿلائڻ لڳو. هن کي گل ڏاڍا وٽيا. اُهي بهار جي خوشبوءِ سان جوڀن ماڻي رهيا هئا ۽ اُنهن مان لافاني جيوت جهلڪي رهي هئي. ڪتاب سانت ۽ گنبير هو اُن ماڻهو جيان، جنهن جيون جا قائدا ڄاڻي ورتا هجن، جنهن اُن جو انت ڄاڻي ورتو هجي ۽ جنهن کي موت جو ڪو به ڊپ نه هجي، جيڪو زندگي سان پيار ڪندو هجي ۽ جنهن کي خبر هجي ته قسمت کي ڪيئن شڪست ڏجي.

هن جو عظيم ڏاڏو سرگس هن جي اکين آڏو تري آيو. اُنهن ڇيو ٿي ته هو هڪ رازو هو. هو ٻين ۾ خوشيون ورهائڻ جي ڪري مشهور هو. جيئن ئي هن عظيم پٽرن جون پتيون ٽاهيون، هن ڳايو ٿي. هن بدقسمتي جي وقت ۾ به ڳايو. وڏي عمر هن لاءِ ڪڏهن به مسئلو نه بڻي. هڪ ڏينهن هو جڏهن گهر موٽيو ته ڏٺائين ته سندس گهر مان هڙئي ٽپڙ چوري ٿي ويا هئا. هاڻ هن جي خاندان وٽ هڪ ڪوڙي به نه هئي. پر ڏاڏي سرگس ٿهڪ ڏيندي چيو "منهنجا هٽ ته اجا سلامت آهن."

ڏکين ڏينهن ۾ هو چوندو هو "پورهيو زندگي جو ڏاج آهي". هن جو پٽ جيڪو آرڪيٽيڪ هو، ساڳيا ئي لفظ دهرايا.

ساڳيا ئي لفظ هن جي ڏوهٽي ۽ آخرڪار ساڳيائي هن جي عظيم ڏوهٽي جي پي. هن جي پي اُسڪ کي ٻڌايو ته اهو درس جيڪو نسل در نسل پنهنجي خاندان ۾ پيءُ کان پٽ تائين منتقل ڪيو ٿي ويو، اهو هو ته "پورهيو دنيا جي عظيم شئي آهي."

"پورهيو مقدس آهي" هي اُهي اکر هئا جيڪي هن ڪتاب ۾ پڙهيا هئا. اُهي ئي لفظ اُسڪ جي محنتي ابن ڏاڏن چيا هئا. هن وري اُهي لفظ پڙهيا "پورهيو مقدس آهي".

"ته پوءِ ڇا هي ڪتاب ساڳيو هو؟"

اُسڪ جون اکيون ٻري اُٿيون. هن سپاهي کي پئسا ڏنا ۽ ڪتاب ورتو. سپاهي لڙ ڪڙائيندو هليو ويو. ميڙ ۾ ٿهڪ گونجڻ لڳا ۽ ماڻهو حيرت

۾ وڃجي ويا.

پر اُسڪ اُنهن جي شرارت کي ڏيان ۾ نہ آندو. هو مڪمل طور پنهنجن خيالن ۾ گم ٿي چڪو هو.

ميڙ مان ڪجهہ ماڻهو هن جي ويجهو آيا. جيئن ئي هن ڪتاب ٽيلهي ۾ وڌو ڪنهن چيو "چا تون چريو ٿي ويو آهين يا بي وقوف آهين؟ چو تو هن ڪتاب جي ڪري سڀ پئسا سپاهي کي ڏيئي ڇڏيا؟.

"مون کي خبر آهي" اُسڪ اِهو چوندي فخر مان مرڪي ڏنو.

"تون هاڻ ڀهارن ۾ ڪيئن پوڪي ڪري سگهندين؟

اُسڪ کي ان سوال گهائي وڌو. هن جي چهري تي ڪئين ريڪائون اُپريون. "توهين سمجهو ٿا تہ آءٌ بيوقوف آهيان؟ توهين بي وقوف آهيو."

"بي وقوف گهر وڃ".

"ها هو گهر ويندو جتي بک سندس انتظار ڪري رهي هوندي".

وقت جي دز هڪ پيرو وري ڪتاب مٿي جمع ٿي ويئي. هڪ پيرو وري اُن جو پيرو ويجائجي ويو.

"اُسڪ جو چا ٿيو؟ چا هو بک وگهي مري چڪو هو يا زندهہ هو؟" اُن تي سوچڻ بيوقوفي هئي.

اتهاس ٻڌائي ٿو تہ اُسڪ ڪتاب لاءِ ڪافي رقم ڏني. هن ضرور اهو محسوس ڪيو هوندو تہ ڇوٽڪارو ڪڍڪ ۾ ناهي ۽ نہ ئي ڪڍڪ هميشہ جي لاءِ سهارو ٻڌجي سگهي ٿي.

ڪتاب بيمار ڇوڪري جي وهاڻي هيڻان ٻاهر ڪڍيو ويو. (اُن کي صديون گذري ويون آهن) اُن جاهل خاندان مان ڪنهن کي بہ ڪتاب جي متن جي خبر ناهي. اُنهن کي اهو ڪتاب هڪ ڏنل گهر مان مليو. اهو چيو ٿي ويو تہ ڪتاب بيمارين کان ڇڏائي ٿو ۽ انهن جو ڇوڪرو بيوقوف آهي.

"حاجي هي قافلو ڪيڏانهن پيو وڃي؟"

"وينس ڏانهن ۽ جي قسمت ساڻ ڏنو تہ جنيوا ڏانهن"

حاجي ڪتاب تي جهڪيو ۽ زور سان پڙهيو. قافلو ہرندڙ ۽ تپندڙ بيابان مان لنگهي رهيو هو. اُٺن تي مڇ، ڪلون ۽ قيمتي پٿر رکيل هئا.

قافلي ڊاهو ڪيو. حاجي سفر جي ٽڪاوٽ دور ڪرڻ لاءِ ڪتاب

پڙهيو.

اهڙي طرح ڪتاب قديم نسلن کان اسان وٽ آيو. صدين جي اونداهين ۾ ڏيئي جي روشني جيان ڦڙڪڻ کان پوءِ اسان وٽ آيو. اسان جاڻي نہ سگهنداسين تہ هن پنهنجي طويل سفر ۾ ڪهڙين مصيبتن کي منهن ڏنو. نہ ئي سردي نڪو اوندهہ، نہ ئي باهہ ۽ نڪوئي گرمي اُن کي تباهہ ڪري سگهي. ڇا اهو معجزو هو يا قسمت، جو هر پيري بچي ٿي ويو، زندهہ ٿي رهيو؟ اسان جي ابن ڏاڏن اُن جي حفاظت ڪئي ۽ اُن کي سڄاڻ نسل جي حوالي ڪيو جن اُن کي بري حالت ۽ ڏکئي وقت ۾ بہ سنياليو.

ڪتاب مرڪي ٿو. اهو سادو آهي، بي خوف آهي ۽ شرارتي، اُن کي سڀ خبر آهي، يا شايد هو ڏاهو آهي ۽ هن کي پنهنجي مستقبل جي خبر آهي.

اهو هڪ سج جي چمڪندڙ ڪرٽي جيان آهي جيڪو سمنڊ جي طوفاني لهرن تي راند ڪيڏي ٿو. لهرون پيليون ٿيو وڃن، ڪاربون ٿيون وڃن.

اُهي گجي ۽ گجگوڙ ڪري سج جو مقابلو ڪن ٿيون. اُتي سج جو ڪرٽو خوف محسوس نہ ڪندي مرڪي ڏي ٿو. نفرت جي پرواهہ نٿو ڪري ۽ لهرون اُن کان ڊڄن نٿيون.

هزارين ماڻهو رنگن جي راند مان لطف اندوز ٿين ٿا. هزارين ماڻهن اُنهن صفحن کي ڇهيو آهي. گنيئيرتا ۽ ادب مان ڪتاب کي چميو آهي ۽ پيار ڪيو آهي.

هزارين هٿ متي ۾ ملي ويا. هزارين اکيون موت جي گود ۾ بند ٿي ويون پر جيون سان پرپور ڪتاب اڃان زندهہ آهي.

ڪتاب جي سونهري صفحن مان ڀاڙها طوفاني صفحا جيڪي صديون زندهہ رهيا آهن، جن بقا جي جنگ لڙي آهي پاڻ ڏانهن اعتماد مان نهارين ٿا. هو پنهنجي سنياليندڙ ماڻهو سان گڏ زندهہ رهيو آهي.

استيل جي دٻي ۾ صديون خاموش دفن ٿيل آهن. سِر قديم تاريخ جي ڏاڙن ۾ گهڙي جاتي پائي ٿو ۽ اُن جي گهرائي ۾ ڏسي ٿو گل، گل، لامحدود گل...

* * *

ڳڻ منهنجا لوهه

يانڪيشن ماڏوڪر

اسڪول جو ڪو به باقاعده ٽائيم ٽيبل نه هو. سواءِ اونهاري جي گهٽو ڪري ڇُٽي هوندي هئي. ۽ هينئر اسڪول لاباري سبب بند هو. چوڪرا جڏهن به ضرورت محسوس ڪندا هئا، اسڪول ايندا هئا، اسڪول ماستر جو ڪم ملڪ ۾ مختلف روٽن تي هلندڙ بسن جيان نه هو، جيڪي سواري هجي نه هجي تہ به وقت تي هلڻ لاءِ بڌل هيون. آئون ايستائين ڪجهه نٿي ڪري سگهيس، جيسين ڪافي تعداد ۾ شاگرد گڏ نه ٿين. رسيس تائين آئون اسڪول جو ڪم ختم ڪري وٺندو هوس، ۽ اُن کان پوءِ مون لاءِ اهو مشڪل هو تہ باقي وقت، چئن پٽين ۾ پاڻ کي بند رکي ڪٽي سگهان. انهي واندڪائي واري وقت ۾ آئون اڪثر ڪري منشي گيري ڪندو هوس. خط لکڻ، دعوائون لکڻ ۽ ڳوٺ ۾ رهندڙ ماڻهن جون درخواستون لکڻ جو ڪم. انهي وقت ۾ ڪري پاڻ کي وندرائيندو هوس. هفتي جي آخري ڏينهن تي، جڏهن آڻ پنهنجي شهر ويندو هوس تہ منهنجو ڪيسو ڳوناڻن جي خطن ۽ درخواستن سان پريل هوندو هو. خطن کي ٽپال جي ڊبي ۾ وجهي، پوءِ گهر جو رخ ڪندو هوس. جڏهن سيني کي اِها خبر پئي تہ، آڻ اِهو لکپڙهه جو ڪم بنا ڪنهن معاوضي ۽ بيزاري جي ڪريان ٿو بلڪ انهي ۾ خوشي محسوس ڪريان ٿو تہ هر ڪو مسئلو جيڪو ڳوٺ ۾ ڪڙو ٿيندو هو مون تائين پهچڻ لڳو ۽ منهنجي حيثيت ڳوٺ ۾ هڪ ڪائونسلر يا صلاحڪار جيان ٿي ويئي. جڏهن به ڪا ريڊ ويجائجي ويندي هئي، يا ڪا زال پنهنجي مڙس سان جهيڙو ڪندي هئي تہ، اسڪول ماستر سان مشورو ڪيو ويندو هو. انهي ڪري جو اِهو سمجهيو ويندو هو تہ، اسڪول ماستر زياده پڙهيل هوندو آهي، تنهن ڪري هو عقل ۽ ڏاهپ ۾

بہ، سپ کان زیادہ ھوندو آھي ۽ کیس قانون جي بہ چگي چوکي ڇاڙ ھوندي آھي.

انھي شغل جي ڪري، جڏھن پڙھائڙ جو ڪم نہ ھوندو ھو تڏھن بہ مشغول رھندو ھوس. جڏھن بہ اعليٰ اختياري وارا، گھٽ حاضري جي شڪايت ڪندا ھئا تہ آءٌ جند ڇڏائڙ لاءِ، معافي ونڊي لائيندو ھوس ۽ سبب اِھو ڏيندو ھوس تہ، "ايجان اسڪول نئون نئون کليو آھي، ھينئر پوک جي منڊ آھي وغيره وغيره". اسڪول ڇا ھو! بس ھڪ قسم جو گڙ مقصد دفتر ھو. پوليس استيشن، ڪورٽ، ڳوناڻن جو اوتارو، بلدياتي ڪاتو. مطلب تہ سيني آفيسن جو ڪم ڪاران ۾ ئي ٿيندو ھو. تنھن ڪري ماستر صرف ماستر ئي نہ ھو، جنھن جو ڪم فقط ٻار پڙھائڙ ھجي. ھو ھڪ ئي وقت پوليس وارو، جج، پريو مڙس، رويني آفيسر، حتاڪ استامپ ويندر پڙ ھو. ڳوٺ جي رھواسين جا فيصلا پئنچات ۾ نبيريا ويندا ھئا. پئنچات ڏھن ڇڻن تي مشتمل ھئي، جنھن ۾ آڳ بہ شامل ھوس. پئنچات جو فيصلو ميڙ ھر ڪنھن لاءِ لازمي ھو.

شاديون ڪنيون ٿيندیون ھيون، ھڪ ئي وقت، ويھارو ڪن گھوٽ پرٽبا ھئا جنھن ڪري پت جي خرچ ۾ پڙ بچت ٿيندي ھئي. جيڪڏھن ڪنھن غريب ۾، شادي جي خرچ جي پھچ نہ ھوندي ھئي، تہ ڳوٺ وارا اُن جي مالي توڙي ٻي ضروري مدد ڪندا ھئا. ڏاڏي سائين جي جٽ لعنت جي باوجود بہ، مون پاڙ ڪي ڳوناڻن جي ڪمن ڪارين ۾ رڙل رکيو ۽ ھاڙ تہ اِھا حالت ھئي، جو ڳوٺ وارن جي مون کان سواءِ سري بہ ڪانہ ٿي.

ڳوٺ ۾ ھارين جو تعداد آڳرين تي ڳڻڙ جيترو مس ھو. ھاڙ فصل پوکڙ جي منڊ اڇي ويئي ھئي. ھر ڪو ھاري اسرويل ھر سميت ٻني تي ويندي نظر ايندو ھو.

ھڪ ڏينھن جڏھن ٻج ڇڻڙ جو ڪم زور شور سان جاري ھو، شيخو مون وٽ آيو. ھو گھڙو ڪري ڳوٺ کان ٻاھر رھندو ھو. ھن وٽ بہ ٿي ايڪڙ زمين جا ھئا، جن کي آباد ڪرڻ ئي ھن جي زندگي جو مقصد ھو. ھو جنھن وقت مون وٽ آيو اُن وقت اڃا سج اُپريو ئي مس ھو. ھن کي گوڏ

ٻڌل هئي ۽ هٿ پير مٿي ۾ پريل، ائين لڳي رهيا هئا، جڙ چمڙي جا ٺهيل هجن. هن جو منهن لٽل ۽ وار وکريل هئا. جنهن مهل شيخو مون وٽ آيو اُن وقت، مون وٽ ايوبو به وينل هو. "سائين"، هن بنا ويهڻ جي چيو. "مهرباني ڪري مون کي ڪٽان به ڏاند هٿ ڪري ڏيو. توهان کي ته خبر آهي، ته هينئر پوکي جو وقت آهي".

مون لاءِ اهو چوڻ مناسب نه هو ته، ماستر هئڻ جي ناتي ٻلا آڱ ڪيئن ڏيڳو رکي سگهيس ٿي. هن چيو "توهان فقط هڪ ڏيڳو مون کي هٿ ڪري ڏيو هڪ ڏيڳو مون وٽ پنهنجو آهي. جي ڏيڳو نه مليو ته سڄو سال لانگها ڪتڻا پوندا."

"چگو نيڪ آهي پر ٻڌاءِ ته ڪنهن وٽ ڏيڳو پاڇي آهي".

"سائين، جن وٽ پنهنجا ڏيڳا آهن اُنهن کي خود پوک ڪرڻي آهي. ٻلا ڪير پنهنجي زمين کي دير سان ڪيڙڻ چاهيندو؟ مون هر هنڌ ڪوشش ڪئي آهي پر ڪٽان به ڏيڳو نٿو ملي".

"تون ڪنهن جي لاءِ مون کان چوائڻ ٿو چاهين؟"

"سائين توهان کي جيئن سُجهي، پر منهنجي مدد ڪريو. سڀ چون ٿا ته اسڪول ماستر مشڪل وقت ۾ ڏاڍو ڪم ايندو آهي. توهان منهنجي مدد چو نٿا ڪريو؟"

ايوبو جيڪو هن وقت تائين سڄي گفتگو خاموشي سان ٻڌي رهيو هو، شيخو ڏانهن نهارينديِ چيو "شيخو تون پاڳل ته ڪونه ٿيو آهين؟ ماستر توکي ڪٽان ڏيڳو آڻي ڏي؟ ڇا هو هاري آهي يا پاڳيو؟ بيوقوفن وارو ضد نه ڪر مان ڪري هليو وڃ."

شيخو گهبرائجي ويو. شايد هن اِهو چئي وڏي غلطي ڪئي هئي.

"آڱ..... آڱ نيڪ ٿو چوان، جي ماستر منهنجي لاءِ ڪوشش ونِي ته ڏيڳو ملي سگهي ٿو."

ايوبو فيصلو ڪن انداز ۾ اُٿيو ۽ شيخو کي ٻانهن کان جهلي، رستي ڏانهن ڌڪو ڏيندي چيو "وڏو ڪو اُٺ آهين تنهنجي ليکي ماستر جي ڪيسي ۾ ڏيڳا پيا آهن".

ڏري گهٽ ڪرندي شيخو رستي تي هلڻ لڳو ۽ وڪلندو رهيو.

ايوبو پنهنجي جڳهه تي اچي وينو "سائين توهان هن چريي شيخو جي ڳالهه کي وساري ڇڏيو. هو ته آهي ئي بي وقوف اُٺ...."

پر آءُ اِها ڳالهه وساري نه سگهيس. آءٌ هنن ڳوناٽن کي لکڻ پڙهڻ سيکاري سگهيس ٿي، پر منهنجو علم سندن گهر جون پوريون کري نٿي سگهيو. ايوبو چڙو چانڊ هو، ان کري کيس پرواهه نه هئي. پر اساندا کي ته اُن جي ضرورت هئي ۽ شيخو کي ڏِڳي جي. هتي هر کنهن جون پنهنجيون ضرورتون هيون.

لاڳيتو ٻن ڏينهن جي محنت جي باوجود به، شيخو ڏِڳو هٿ کري نه سگهيو. جيتوڻيڪ هو ان لاءِ هر گهر ويو ۽ هر ماڻهو کي سوال کيائين. هو همٿ هاري پٽ تي ليٽي پيو. سندس منهن جو پنو ئي لهي ويو هو.

"هاڻي کوشش کرڻ بيڪار آهي." شيخو پنهنجي زال کي چيو. شيخو جي زال ڏگهو قد، بدن ۾ پريل سگهه ۽ مردن جيان. هوءِ شيخو جو جڙ اڌ سهارو هئي. کائنس شيخو جي پريشاني ڏٺي نه ٿي.

"تو کنهن کنهن کان پڇا کئي آهي؟" هن پنهنجي مڙس کان سوال کيو.

هو اُٺي وينو ۽ مايوسي مان منهن گوڏن ۾ هٽي ڇڏيائين. "سڄي ڳوٺ کان، پر کير به ڏيڻ لاءِ تيار ناهي."

"ته پوءِ هاڻ ڇا کرڻ گهرجي؟"

"ڇا ٿو کري سگهجي؟ بس هاڻ بکون ۽ لانگها اسان جو مقدر آهن." عورت پنهنجي مڙس کي ڏيان سان ٻڌو. هن سندس اکين ۾ چتائي نهاريو ۽ ائين لڳس جڙ ته اُهي بنا تيل جي ٻري رهيون هجن.

"اسين سياڻي کان ٻني کيڙيندا سين." عورت فيصلي واري لهجي ۾ چيو.

"اُن لاءِ ڏِڳو کٽان ايندو؟"

"هٽ تي ويندو".

"پر کٽان؟"

"اِهو تون مون تي ڇڏي ڏي."

"پر .....؟"

”بس تون صبح جو سوير ٻني تي نڪري ويجانءِ باقي سپ ٺيڪ ٿي ويندو.“

شيخو سوچن جو ڪيٽ ڪوليو. ”هُن جي زال ڪٽان ڏڳو آڻيندي.؟“ هو اسرويل اُٽيو ۽ پاجاري ڪٽي ٻني ڏي روانو ٿيو. هن سان هن جو هڪ ڏڳو ٻه ساڻ هو. ٻني تي پهچي هن ڳوٺ ڏانهن نهاريو ۽ پنهنجي زال جي اچڻ جو انتظار ڪرڻ لڳو.

تقريبن ڪلاڪ ڪن کان پوءِ هن پنهنجي زال کي اڪيلو ايندي ڏٺو. شيخو جو منهن ئي لهي ويو. ”هن اجايو هٽ ڪيو. ٻلا ڏڳو ڪٽان ملي ها؟ هاڻ ڇا ٿيندو؟“ هن جي آڏو بکون ۽ لانگها راکاس جيان وات پٽيندا وڌڻ لڳا. ”هاڻ ته در در جا ڏڪا ڪائڻا پوندا“

شيخو پنهنجي پريشاني ۾ ئي گم هو جو سندس زال اچي مٽائنس ٻيني.

”اُٽي ڪيڙي جي تيار ڪر“

”ڏڳو ڪٽي آهي؟“

”پاجاري جي هڪڙي ڇيڙي سان ڏڳو جوٽ ۽ آءٌ ٻي ڇيڙي ڪان ڇڪيندیس.“

شيخو اِهو ٻڌي ڏڪي ويو. ”نه ائين نٿو ٿي سگهي“

پر عورت فيصلو ڪري چڪي هئي.

”هي وقت واويلا ڪرڻ جو ناهي. اُٽي پاجاري جي هڪڙي پاسي ڪان مون کي ۽ ٻي پاسي کان ڏڳو جوٽ.“ هُن کان حوصلو ڇڏائجي ويو ۽ بت بڻيو بينو رهيو. هو ڪيئن پنهنجي زال کي پاجاري ۾ جهوٽي سگهيو ٿي؟ هوءِ خود اُٽي ۽ پاجاري جي هڪڙي ڇيڙي ۾ ڏڳي کي ۽ ٻي ڇيڙي ۾ پاڻ کي جوتائين. ۽ پوءِ ڳاٽ اوچو ڪري اٽل ارادي سان چيائين ”اُٽي شيخو هر هلائي“. گهبرايل شيخو پنهنجي دل مضبوط ڪئي ۽ ڏڳي کي هلڻ لاءِ هش هش ڪئي. ساڳي ريت عورت ٻه هلڻ لڳي.

زمين ۾ هر هلڻ لڳو. شيخو ٻاجهر زمين ۾ ڇٽڻ لڳو. ڪيڙي سنجهي تائين جاري رهي. ٻنهڙن جو ٻنهي زال مڙس گڏجي ماني ڪاڌي. شيخو خاموش رهيو ۽ سندس زال اوياريون لهورايون ڳالهيون ڪرڻ لڳي.

هن اوستائين ٻني کيڙي، جيستائين ٻج زمين سان پوري ريت لڳي نہ ويو. شام تائين، هنن ٻہ ايڪڙ کيڙي ورتا ۽ پوءِ هو گهر ڏانهن روانا ٿيا.

ٻي ڏينهن سڄي شهر ۾ عجيب و غريب ڳالهيون ٻڌڻ ۾ آيون. ڪنهن سندن محنت جي واکاڻ ٿي ڪئي، تہ ڪنهن حيرت ٿي ڪاڏي، تہ وري ڪنهن سندن انهي عمل تي ڏڪار ۽ نفرت ٿي ظاهر ڪئي.

انهي رات جيئن ئي آئون اسڪول کان واپس موٽي رهيو هوس، تہ گهڙي پل لاءِ شيخو جي گهر وٽ رڪيس. جهانڪڻ تي گهر جي اندر بتي جي روشني ۾ شيخو جي زال کي ليٽيل ڏٺم. شيخو پنهنجا ٻيئي هٿ پٽ تي ٽيڪائي، پنهنجي زال جي ڏکندڙ پٺن کي، پيار مان ٻيرن سان زور ڏيئي رهيو هو.

* * *

9

نئين نسل جي واپسي

اموس موسينس

آءٌ ڪال ڪوٺڙي ۾ پنهنجين سوچن ۾ گم ويٺو هوس. جيل جي لوهي شيخن جي منظر، مون کي اسپين جي ڪال ڪوٺڙين ۾ ٽيل تشدد ۽ ايذاءَ ياد ڏياريو. اهي لوهي شيخون، منهنجي لاشعور ۾ دفن ٽيل انبوريون کوٽي ٻاهر ڪڍي آيون، جيڪي هونئن ڏندن جا ڊاڪٽر ۽ هٿي جيل ۾ وري تشدد ۽ بربريت لاءِ استعمال ٿيندڙ هيون. بک مون کي بکايل چيتي جيان بي بحال ڪري ڇڏيو هو.

نيٺ دروازو کليو ۽ هڪ پوليس وارو جنهن کي ڪوٺ ۽ پتلون پاتل هئي، اندر داخل ٿيو. اهو آڏي رات جو ٽاڻو هو.

"تنهنجو نالو ڇا آهي؟" هن جي ڳالهائڻ جو انداز چڙ ڏيارينڊو هو.

"سينڊائي" مون لاپرواهي مان وراڻيو.

تنهنجو نالو ڇا آهي؟ هن سوال کي زور سان وري ائين دهرايو. ڇڙ ته هن منهنجو جواب ٻڌو ئي نه هجي.

"سينڊائي."

"مان ٿو پڇان تنهنجو نالو ڇا آهي؟" هن اجا به ڏاڍيان سوال ڪيو ۽ سوال ڪندي عجيب حرڪتون ڪرڻ لڳو.

"ماڻهو مون کي سينڊائي چوندا آهن." مون هن جي ڪن ۾ زور سان چيو. "جڏهن آءٌ ايجان ٻار هئس ته بنهه ڳالهائي ڪو نه سگهندو هوس. هڪ ڏينهن آءٌ پنهنجن دوستن ڏانهن ڊوڙندو ويس ۽ انهن کي سڏڻ چاهيم، پر جيئن ته ڳالهائي نه سگهڙ ڪري، مون کي ائين ڪرڻ لاءِ سيٽي وڄائڻي پئي. ان ڏينهن کان هر ڪو مون کي سينڊائي ڪري سڏيندو آهي."

"ڪٽي رهندو آهين؟" ائين چوندي هن پنهنجو نوٽ بڪ ڪڍيو.

"نيگو ۾."

"پاڙو؟...." هو مسلسل سوال ڪندو رهيو.

"ٻڌ دوست!" مون ڳالهائڻ جي ناڪام ڪوشش ڪئي "آءٌ ڪبوز تنظيم جو ميمبر آهيان. آءٌ هتي هڪ هفتي لاءِ آيو هوس ۽ سياٽي ان جو آخري ڏينهن آهي. جيڪڏهن تون مون کي اندر هڻي ڇڏيو تہ ياد رک ان مسئلي کي اسان جا سڃاڻ ليڈر هٿ ۾ کڻندا ۽ پوءِ جيڪو بہ نتيجو نڪتو ان لاءِ آءٌ ٻڌل ناهيان."

"ماڻ ڪري ويهہ." پوليس واري ڏند ڏيکاريندي چيو ۽ پاڻ کي محفوظ رکڻ لاءِ هن احتياطن سامهون وارو دروازو کولي ڇڏيو. جيڪو آفيس ۾ کليو ٿي. هن وري ڳالهائڻ شروع ڪيو.

"تون نيگو ۾ ڪهڙو ڏندو ڪندو آهين؟"

"آءٌ هوا کي بريڪ لڳائڻ جي ڪوشش ڪندو آهيان."

هڪ وڏو ٿهڪ منهنجي ڪنن تائين پهتو. سڀ پوليس وارا منهنجين ڳالهين ٻڌڻ لاءِ دروازي وٽ اچي پيڙا ٿيا هئا.

"آءٌ يقين سان چوان ٿو تہ هي چريو آهي." هڪ پوليس واري ٽيڪا ٽپڻي ڪئي.

"هون! مهاندو تہ ڏسو هليو آهي هوا کي روڪڻ." ٻئي پوليس واري وڏو ٿهڪ ڏنو.

"جيڪڏهن اسان هن کي گرفتار نہ ڪريو ها تہ هيستائين سڄو يروشلم مٿي تي کڻي ڇڏي ها."

پوليس آفيسر سوالن مٿان سوال ڪندو ويو ۽ آءٌ ڪٽمڻن مٿان ڪٽمڻا ڪائيندو رهيس. اوچتو هن کي سڌ ٿيو. ڏاڙيلن جو هڪ ٽولو پڪڑجي آيو هو. هنن هڪ دڪان کي لٽڻ جي ڪوشش ڪئي هئي، جنهن لاءِ هنن ننڍ ڏياريندڙ پائوڊر استعمال ڪيو هو ۽ اتفاقن هو ان جي نشي ۾ گهيرجي سمهي پيا هئا ۽ پکڙجي پيا هئا.

پوليس آفيسر مون کي اڪيلو ڇڏي هليو ويو. آءٌ خيالن ۾ گم ٿي ويس. موڪل جو وقت اچي ويو هو. تقريبن تمام موڪلون ختم ٿي چڪيون هيون ۽ باقي هڪ ڏينهن وڃي بچيو هو. موڪلن ۾ اسان شهر جي وچان فخر مان مارچ ڪندا لنگهندا هئاسين. اسان جا ڪپڙا ميرا، ڏاڙهيون

وڏيون ۽ وارن ۾ چيڙهه ۽ گهنديون پئجي ويون هيون. اسان جي ڇاتي ۽ ڪلهن تي پٽا ٻڌل هوندا هئا. مائرون پنهنجن پٽن ڪي اسان ڏي ڏسندي، ٻڌائيندين هيون. "هي نيگو جا نوجوان آهن." ڇوڪريون اسان جي وڏيل ڏاڙهي جي پس منظر تي سوچيندي اسان جي ساراهه ڪنديون هيون ۽ ننڍڙا ٻارڙا اسان جي پويان ڊوڙندي هوڪرا ڪندا هئا، "چڙيا گهر جي مخلوق! چڙيا گهر ۾ ويجو."

انهن ڏينهن ۾ اسان جي ڳوٺ ۾ نيگو هڪ باعزت جماعت ليکي ويندي هئي. نيگو اسان جي ڪوششن جو نچوڙ هئي ۽ اسان جو آئيندو بہ. اها قوم جي مترڪي لاءِ سنداڻ مثل هئي. (مون اها تشبيهه پنهنجي ڇاڇي ڪان ٻڌي هئي، جيڪو لوهارڪو ڏنڊو ڪندو هو). ڇوطرف نوجوانن جا گيت ٻڌڻ ۾ اينديا هئا، جن ۾ واعدا هوندا هئا "اسان توکي ناهيندا سين! اسان جا ايجايل نيگو! اسين تنهنجو پاڻ بنائيندا سين!" هر ديوار تي وڏا وڏا پوسٽر نظر اينديا هئا، جيڪي پڪوڙيل مڪن جيان لڳندا هئا. پوسٽرن ۾ نوجوانن کي اپيل ڪيل هوندي هئي. "نوجوانو! بيابان ۽ رڻ پٽ اوهان جو انتظار ڪري رهيا آهن."

اسان لڳاتار ڇهن مهينن کان ڪم ڪري رهيا هئاسين. ان ۾ اسان ڪافي وڻ پوکيا، اسان هوا کي بريڪ هڻڻ لاءِ اپاءُ ورتا (هنن کي ان ڳالهه تي کل ڇوٿي آئي؟). منهنجو موڪل جو وقت هاڻ پورو ٿيڻ تي اچي ويو هو. هاڻ آءٌ پنهنجن يارن ۽ دوستن سان ملي سگهندس. هو مون کي ڏسي خوشي مان نہ ڏاپندا تيستائين پاڪر مان نہ ڪيڏندا. جيستائين آءٌ هنن کي نيگو جي ٺهندڙ تقدير جو سڃو احوال ٻڌائي دنگ نہ ڪندس. هو يقينن مون کان گهاريل وقت بابت خبرون چارون ونندا، ڇنڇر جي شام جو هو هميشہ جيان پناتي هوٽل ۾ گڏ ٿي ماضي کي ياد ڪندا هوندا ۽ ڪوئي چوندو هوندو. ڇا تو ان جماعت بابت ٻڌو آهي، جنهن ۾ پاڻ واري يار سينڊائي اهم ڪارنامو انجام ڏنا آهن؟ ۽ شايد ڪو صحافي نيگو لاءِ پاڻي جي منصوبي بابت سوال پڇي سگهيو ٿي.

پنجن ڪلاڪن جي ٽڪائيندڙ سفر کان پوءِ، آءٌ بہ جيئن ئي بس مان لهي شهر ۾ داخل ٿيس، تہ منهنجي نظر هڪ پوسٽر تي پئي جنهن تي جوشيلي عبارت ۾ لکيل هو "نوجوان ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين لاءِ پوسٽ ڪاتي

۾ نوڪري جو نادر موقعو سڃا پگھار ۾ ترقيءَ جي ضمانت.“

آڻ حيرت ڪائيندي گھٽي مان هلڻ لڳس. مون کي ڪارن ۾ ماڻھن جي انبوھ منجھائي ڇڏيو ھو ۾ مون محسوس ڪيو تہ جڻ آڻ ھڪ خالي واھہ ۾ ان جي ڪنارن کي جھليندو ھلي رھيو ھجان ۾ منھنجي پويان. جڻ ڪا ٻوڙ ڪاھي پيئي ھجي.

اوچتو ئي اوچتو آڻ پنھنجي پراڻي دوست ڊيوڊ سان ويجي ٽڪريس. جيڪو مون سان گڏ مارچ ڪري رھيو ھو. ھن جي ھٿ ۾ ھڪ وڏو بينر ھو.

”ھيلو ڊيوڊ!“ مون رڙ ڪئي.

”ڪھڙا حال اٿئي؟“ ھن اھڙي نموني موت ڏني جڻ آڻ ڪائنس قرض گھرندو ھجان. ھن مون کي مٿي کان پيرن تائين چتائي نھاريندي چيو ”اڃڪلھہ ڪٿي پيو ڪم ڪرين؟“

”نيگو ۾.“ مون فخر مان جواب ڏنو.

”ڪھڙي ڪاتي ۾؟“ ھن پنھنجي سوال تي زور ڏنو.

”ڪھڙي ڪاتي ۾؟“ مون ھن جي سوال ۾ طنز محسوس ڪئي. آڻ نيگو جي ڪبوز تنظيم سان واسطو رکان ٿو.

”تنھنجي نموني مان بہ ائين لڳي ٿو. نيڪ آھي.“ ائين چوندي ھو پنٽي مڙيو ۾ پنھنجو رستو وٺي روانو ٿي ويو.

پورن ڇھن منٽن تائين آڻ بت بنيو ان جڳھہ کي ڏسندو رھيس. جتان ڊيوڊ منھنجي اکين کان اوجھل ٿي ويو ھو. ۾ جڏھن ستون منٽ شروع ٿيو تہ مون ھڪ اونھون ساھہ کنيو ۾ گھر ڏانھن ھلڻ لڳس. ٻي ڏينھن مھنجيون اکيون. ماحول ۾ آيل تبديلي سان مانوس تي ويون ھيون. مون پتين تي عجيب ۾ غريب پوسٽر لڳل ڏٺا. ھڪ پٽ جي لڳل پوسٽر جي عبارت ڪجھہ ھيئن ھئي: ”نئين سماج جا اڏيندڙ نوجوانو! رياست جي واڳاري ۾ ترقي لاءِ قانوني جوڙجڪ ۾ معاشي پروگرام ۾ شامل ٿيو.“

ٿورو ان کان پري سياسي پارٽين طرفان پوسٽر لڳل ھو. ايڏا ٿورڙو اڳتي واري پوسٽر ۾ مختلف انداز ۾ نوجوانن کي سڏ ڏنل ھو. ”ھن کان اڳ توھان ميدانن تي فتح جا جھنڊا کوڙيا. ھاڻ سمنڊ جي شيوا لاءِ پاڻ اڀيو. شاندار ترقي ۾ مستقبل جون راھون کليل.“

آءٌ هڪ هاءِ اسڪول جي استاد وٽ ويس. مون کي هن لاءِ دل ۾ تمام گهڻي عزت هئي هن منهنجي زندگي تي تمام گهرو اثر ڇڏيو هو ۽ مون بابت سڀ ڪجهه ڄاڻندو هو. ٻئي ڇانهن جي ڪوپ ڇاڙهڻ کان پوءِ، اسان انهن شاگردن کي ياد ڪرڻ شروع ڪيو جيڪي منهنجا هم ڪلاسي هئا. آءٌ سوال ڪندو رهيس ۽ هو جواب ڏيندو رهيو.

"شملڪ هاٽي ڪٿي آهي؟"

"هينئر، پائليٽ آهي."

"شمن جي خبر ڏيو!"

"اڳتي پڙهڻ لاءِ پرڏيهه ويو آهي."

"جوشيا؟"

"وزارت ۾ ڪم ٻئي ڪري."

"سڀ لڳي ويا پر،...." ائين چوندي استاد هڪ ٺڏو شوڪارو پريو. "نيڪ آهي سينڊائي، تون ته شاگردن ۾ به هڪڙي سوڪڙي آهين. مون کي اميد آهي ته تون به ڪٿي نه ڪٿي لڳي ويندين. پر تون ته نيگو ۾ هليو ويئن، مون کي توتي رحم ٿو اچي."

آءٌ گيلا سان ملڻ ويس، جيڪا هڪ ورڪر قسم جي ڇوڪري هئي ۽ هوندي به ڏاڍي سهڻي هئي. هوءَ جڏهن ٻارهن سالن جي ٿي ته فيصلو ڪري ورتائين ته آءٌ ئي هن لاءِ هڪ مثالي ۽ لائق مڙس ٿي سگهيس ٿي. پر هاڻ جڏهن وقت آيو هو ته هوءَ مون کي قائل ڪرڻ جي ڪوشش ٻئي ڪري ته گذريل ڳالهين کي وساري ڇڏيان. آءٌ ان کان پوءِ دربدر ٿيندو رهيس ۽ ديوارن، هوٽلن ۽ ڇوڪرين تي لڳل پوسٽرن کان بيزار ٿي چڪو هوس. مون کي لڳو ته جڻ آءٌ متي ۾ ليٽڻيون پائيندو هجان.

"گيلا ياد ڪر! اٽڪل ڇهه مهينا اڳ مون کان موڪلائڻ وقت تو چا چيو هو؟"

هوءَ منهنجي ڪلهي تي اهلي پيئي. هن جي مرڪ ۾ ڪيڪن ۽ چاڪليٽن جي خوشبوءِ پريل هئي.

"سينڊائي اڇڪلهه چا ڪري رهيو آهين؟ هيترو وقت ڪيڏانهن گم ٿي ويون هئين؟"

"آءٌ شهر ۾ ڪو نه هوس." مون انتهائي غور ۽ خوض ڪرڻ کان پوءِ

وراٹيو تہ جيئن هو غلط فهمي جو شڪار نہ ٿي وڃي.

"تون چا پيو ڪرين؟" هن پنهنجو سوال وري دهرايو.

"آءٌ پائليٽ ناهيان."

"ڪيڏي نہ افسوس جي ڳالهہ آهي!" هن ٽڏو شوڪارو پريو.

"هينئر ڪٿي پيو ڪم ڪرين؟"

"آءٌ گورنمينٽ آفيسر ناهيان".

"تنهنجو پگهارو ڪيترو آهي؟" هوءَ ايجا بہ مون کي ڏڙڪائي رهي هئي.

"مون وٽ پنهنجي ڪار ناهي." مون ڳالهہ کي موڙڻو پر گيلا کي بيوقوف بنائي نہ سگهيس. هن مون کي قميص جي بٽڻ کان ڇڪيو ۽ اکيون اکين ۾ ملائي پڇيو. "تنهنجي آمدني گهٽي آهي؟"

آءٌ نااميدي مان ٿهڪ ڏيڻ لڳس "ٽي پائونڊ".

"هڪ ڏينهن ۾ ٽي پائونڊ؟"

"ان ۾ حيرت جي ڪهڙي ڳالهہ آهي؟"

گيلا پائونڊن کي آڱرين تي ڳڻڻ شروع ڪيو.

"هڪ ڏينهن ۾ نہ" آءٌ ڪلندو رهيس، "هفتي ۾ ٽي پائونڊ".

"هڪ هفتي ۾؟" هن حيرت کائيندي چيو. "ائين ڪيئن ٿي سگهي ٿو؟"

"ها ٽي سگهي ٿو." مون سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي. "هڪ هفتي ۾ ٽي پائونڊ ۽ اهو هڪ هفتو بہ ڇهن مهينن جي برابر." آءٌ ڳالهائيندو رهيس ۽ ائين ڪندي دل جو بوجهہ هلڪو ٿيندي محسوس ٿيم. "آءٌ نيگو ۾ ڪبوز تنظيم جو ميمبر آهيان، تنهنجو ان باري ۾ ڇا خيال آهي؟"

هن جواب ڏيڻ جي تڪليف گوارا نہ ڪئي، اتلو منهن ڦيرائي سامهون واري ڪمري ۾ ماءٌ کي مخاطب ٿيندي چيو. "امان منهنجي ڊريس واپس الماڙي ۾ رکي ڇڏ، شام جو تفريح تي ڪونہ ويندیس. جو مون کي مٽي ۾ سخت سور آهي."

۽ اهڙي ريت آءٌ هن انڌاري رات ۾ داخل ٿيس. آءٌ شهر جي گهٽين ۾ دربدر پٽڪندو رهيس. ۽ منهنجي ماءٌ جو ڪڙو آواز منهنجي ڪنن ۾ ٻرندو رهيو. "ٺيڪ آهي تون ڪبوز تنظيم جو ميمبر آهين، پر اها نيگو ۾

چو آهي؟".

منهنجي موڪل ختم ٿيڻ تي هئي ۽ هاڻ پهاڻن، ڪيتن ۽ شاداب وڻن ڏي موٽڻ جو وقت اچي ويو هو. منهنجا سڀ دوست ۽ يار، مون کي پنهنجين نوڪرين ۽ مشغولين سبب وساري چڪا هئا. سڄو شهر هل هنگامي ۾ گم ٿي چڪو هو ۽ ڪنهن کي به اهي نوجوان ياد نه هئا، جيڪي بيابانن ۽ رڻ پٽن ۾ وڻ لڳائي رهيا هئا ۽ اجڙيل ڪيت ۾ هر هلائي رهيا هئا. اسان هن شهر جا وڻ هئاسين. جن جي ڇانو ۾ هو جيون گهاريندا. اسان کي شهر واسين جو اونو هو، ان جي باوجود به هو اسان کي وساري چڪا هئا. آڳ ويران گهٽي مان هلڻ لڳس. اهو آڏي رات جو ٽاڻو هو. مون پنهنجي موڪل بابت سوچيو جيڪا سگريٽ جي دونهين جيان ختم ٿي ويئي هئي. مون کي ياد آيو ته ڪو وقت اڳي هنن اڳيان وڏي ڪيئن نه اسان جو آڏرياڻ ٿي ڪيو. هر گهر ۽ هر دل مان بيابانن کي زندگي اربڻ جا آواز ايريا ٿي. آڳ ان نتيجي تي پهتس ته نيڻ ڪا ته تبديلي آئي هئي. هوائن ۾ نوان گيت مليل هئا ۽ پراٽي دور جي جنگين ۽ دانهن ڪوڪن جا آواز هاڻ ماضي ۾ دفن ٿي ويا هئا.

اوچتو منهنجا خيال ڏامر سان پريل ڏهي سان ٽڪرايا، جيڪو روڊ تي مرمت لاءِ پيل هو. مون ان کي پنهنجي مزاج سان پيٽيو ۽ پنهنجي مزاج سان ٺهڪندڙ پاتم. مون کي لڳو ته، مان به ڏامر جي ڏهي جيان ڪارو هئس. اوچتو ئي اوچتو مون کي پنهنجو ننڍپڻ ياد آيو. ٻاراٽي عمر ۾ اسان هر آڏي رات جو سڄي شهر کي پوسٽرن ۽ اشتهارن سان پري ڇڏيندا هئاسين. مون ۾ ان وقت اتساهه ۽ جوش ڇڙيون هڻندو نظر ايندو هو. منهنجي دل ۾ طوفان جيان ڪجهه اٿندو هو. مون فيصلو ڪيو ته نااميدي ۽ روج راڙي کي ڏهڻ جي حوالي ڪري ڇڏجي. بي آرامي مان مون ڪائيون ڏهي هينان رکي باهه لڳائي ۽ پوءِ گهر ڏانهن رخ رکيم. جلدي ۾ ڪپڙا بدلائي، سائيڪل تي باهر نڪري پيس. ڏامر ڏهي ۾ ٺهڪي رهيو هو، مون وڏو برش ڪٽي ڏامر ۾ ٻوڙيو ۽ وڏن اکرن ۾ لکڻ شروع ڪيم. "نوجوانو! بيابان اڄا به اڃايل آهن. ويران بيابانن کي ايجان به اوهان جي سگهه ۽ پورهيئي جي ضرورت آهي."

مون سان ڪم ڪندڙ ساڻين، منهنجي جذبي کي ساراهيو. مون کي لڳو ته مان جڻ ته جديد پينٽر هجان ۽ سواءِ ان ڪم جي مون کي ٻي

ڪنهن ڳالهه سان دلچسپي نه هجي ۽ اهڙي ريت جوش ۽ جذبي سان اڳتي وڌندو رهيس.

مون دوائن جي ڪارخانن ۾ شيشن تي لکيو "مرض جو واحد علاج، فقط بيابانن کي آباد ڪرڻ سان ئي ٿي سگهي ٿو."

مون ڏامر جو پرپور استعمال ڪيو. آڳ ننهن کان وٺي چوٽي تائين، سائيڪل تي هڪ گهر کان ٻي گهر، هڪ پاڙي کان ٻي پاڙي تائين ويس ٿي ۽ پتيون چٽيم ٿي. منهنجي هڪ هٿ ۾ برش ۽ ٻي هٿ ۾ ڏامر جو ڊٻو هو ۽ مون دل ئي دل ۾ پڪو پهه ڪري ورتو هو ته راتو رات سڄي يروشلم کي اپيلن ۽ پيغامن سان ڀري ڇڏيندس.

۽ هاڻ آڳ پارليامينٽ جي عمارت وٽ پهچي چڪو هوس. مون برش ڏٻي ۾ هوڙيو ۽ لکيو "پارليامينٽ جا ميمبرو! توهان جا پٽ ڪٽي آهن؟"

"گهبراءِ نه اسين هتي آهيون." پوئتان آواز آيو. ٻن پوليس وارن مون کي ٽنگن کان پکڙيو. "تون هتي ڇا پيو ڪرين؟ ڪٽان آيو هين؟"

"هٽ ڪيو." مون کين چيو. "آڳ نيگو مان آيو آهيان."

"نيگو مان؟" هڪڙو پوليس وارو بلڪل پوزيشن وٺي بيهي رهيو. "هي ضرور تخريبڪار هوندو." هن سيٽي وڄائي ۽ ٻيا پوليس وارا ٻه سيٽي تي ڊوڙندا آيا.

"اسان هڪ تخريبڪار کي جهليو آهي." "پوليس واري فخر مان چيو.

"تخريبڪار آهي اڳوٽو." ٻيءِ پوليس واري ڪاوڙ مان چيو." هي ته ڪو چريو ٿو ڏسجي."

"هن نيگو بابت سيني ديوارن کي نعرن سان ٽڪيو آهي."

"هن ته پراڻيون اخبارون پڙهي انهن ۾ آيل اشتهارن، نعرن ۽ اپيلن سان پتيون ڪاريون ڪيون آهن." پوليس واري ٽيڪا ٽپڻي ڪئي.

"ڪهڙا نعرا؟" هڪ ٻئي ٻيٽل پوليس واري زور مان ڳالهايو. "وري ٻه نعرا؟ هنن توکي امن ۾ خلل وجهڻ لاءِ گهڻا پئسا ڏنا آهن؟".

ان وقت سڀ پوليس وارا وحشين جيان ٿهڪ ڏيڻ لڳا، مون کي گارگند ڪرڻ لڳا. مون پنهنجو برش ڪنيو ۽ ائين ڪڙڪيدار آواز ۾

ڳالهائڻ شروع ڪيو. جيئن اسان جي مڪياڻي اڪثر ميٽنگن ۾ ڳالهائيندي هئي.

"ڪامريڊ خاموش!"

منهنجي ڳالهه جو ڏاڍو سنو اثر ٿيو. هو هڪدم خاموش ٿي ويا ۽ پوءِ سس پس ڪرڻ لڳا. "خاموشي ڇو؟"

"دوستو!" مون موقعي جو فائدو وٺي تقرير ڪرڻ شروع ڪئي. "نيگو جي سرزمين ويران ۽ غير آباد آهي. اسان کي پنهنجي ڌرتي کي آباد ۽ شاداب ڪرڻ گهرجي. بيابانن کي گلن جو جوپن ڏيڻو آهي. ساٿيو! اسان جو نوجوان نسل ڪٿي آهي؟"

"ڪٿي مان تنهنجي مراد؟" هڪڙي پوليس واري سوال ڪيو.

"نوجوان نسل پوليس ۾ آهي." پوليس واري بيزاري مان اخبار ڏي ڏنو ۽ ان جي سرخي پڙهي "نوجوان رت مان ٺهيل پوليس فورس، جرئتمند ۽ باصلاحيت ٿئي ٿو. اڄ ئي پرتي ٿيو. سنو پگهار، روشن مستقبل."

هاڻ مون کي محسوس ٿيو ته، منهنجون رڳون ٻاهر نڪري رهيون هيون ۽ پوءِ مون پاڻ کي جيل ۾ بند پاتو.

ايجان آڻ پنهنجن خيالن ۾ ئي گم هوس جو هڪ پوليس آفيسر، ٿهڪ ڏيندو اندر داخل ٿيو. پهرين مون سمجهيو ته، شايد هو ڏاڙيلن جي ٽولي جي پڪڙجڻ تي خوش ٿي رهيو آهي.

"ٻڌ نوجوان ڇوڪرا!؟" هن مون کي مخاطب ٿيندي چيو. "ماٺهن اڳيون ڳالهيون سيئي وساري ڇڏيون آهن. پر تون خوشقسمت آهين جو آڻ تنهنجي خيالن کي سمجهي سگهان ٿو. ڪنهن وقت ۾ آڻ ٻه ڪبوز تنظيم جو ميمبر هوس. پر هاڻ اهو وقت ناهي رهيو. مون کي پڪ آهي ته تون منهنجي ڳالهين کي سمجهين پيو."

"ان جو مطلب ته تون مون کي وڇڙ لاءِ چوين ٿو؟"

"ها". ائين چئي هو واپس آفيس ۾ هليو ويو.

"وڏا!" هن وڏي منشي کي حڪم ڏنو "سيني پوليس وارن کي گڏ ڪر ۽ ها صبح تائين سڄي شهر جي ديوارن تان نعرا مٽيل هئن گهرجن." ان کان پوءِ هو وري مون ڏانهن آيو ۽ مون کي جتائڻ لڳو.

"تون ٿورڙو سوچ! تنهنجي ننڍڙي بيوقوفي جي ڪري پوليس ڪاتي

کي ڪيڏي نہ مصيبت ڏسڻي پئي.“ هن صلاح ڏيندي چيو. ”اسان وانگي تون بہ ڪيل واعدن کي وساري ڇڏ.“

مون زور سان ڳالهايو ”توکي دل ۾ ضرور شرم محسوس ٿيندو هوندو. تون مفت خور بنجي چڪو آهين. ٻڌاءِ تون هتي ڇا ڪري رهيو آهين. توکي ته هن وقت نيگو ۾ هئڻ گهربو هو؟“

”ڇا ڳالهه آهي؟“ پوليس آفيسر پڇيو. ”ڇا سرڪار نيگو ۾ بہ پوليس استيشن کولي آهي؟“.

”ها ائين ئي ٿيو آهي.“

”نيڪ آهي، ته پوءِ خاموشي سان روانو ٿي.“ پوليس آفيسر تنبيهہ ڪندي چيو. ”پنهنجي حال تي ضرور سوچجانءِ جنهن حالت ۾ تون گهارين ٿو. گهٽ ۾ گهٽ مون کي ان تي رحم ٿو اچي.“

”وقت جا پوڄاريو!“ مون ڏاڍيان رڙڪئي. ”توهين منهنجي لکيل نعرن کي ڌاهڻ جي جرئت ڪري نٿا سگهو. نيگو جي شهرين کي، اصل حقيقت کان ضرور واقف رکڻ گهرجي. نيگو اڄان بہ انهيءَ حال ۾ آهي. نيگو کي هينئر بہ نوجوان نسل جي ضرورت آهي.“

”مون کي افسوس آهي.“ پوليس آفيسر چيو ”پر تنهنجي انهيءَعمل سان فقط ديوارون گنديون ٿين ٿيون ٻيو ڪجهہ بہ نہ.“

”آءٌ توهان کي اخبارن ۾ وائڪو ڪندس.“ ائين چوندي مون کان روئڻ نڪري ويو. ”پل ته سيني کي خبر پوي ته هتي نوجوانن کي ڇاجي تربيت ملي رهي آهي.“

”توتي ڪير اعتبار ڪندو؟“

”نيگو جا رهواسي مون تي ضرور اعتبار ڪندا. آءٌ پنهنجي پوري قوت سان رڙيون ڪري حقيقتن کي انهن تائين پهچائيندس.“

”مڃيوسين ته تون زور سان رڙيون ڪري، انهن کي حقيقين کان واقف ڪرڻ چاهيندين، پر اسين توکي انهن تائين پهچڻ چوٽا ڏيون؟“.

* * *

تنهنجي دنيا سپ رنگ سانول

زواگئي

ڪوهسن جي زال مارڪيٽ ۾ سبزيون وڪٽندي هئي. هوءِ روزانہ صبح جو سويل ڀاڄي جي ٽوڪري ڪٽي پنهنجي ڳوٺ کان تقريبن هڪ ميل پري شهر ڏي ويندي هئي. جڏهن ڏنڏو تيز هوندو هو تہ هوءِ جلدي واپس موٽي ايندي هئي. نہ تہ هن جو سج لٿي کان پوءِ موٽڻ ٿيندو هو. جڏهن بہ هوءِ پنهنجي ڳوٺ جي ويجهو آبشار مٿان اڏيل ڪاٺ جي پل تان گذرندي هئي، تہ هن جي دماغ ۾ پنهنجي مڙس ۽ اولاد بابت خيال ايندا هئا.

ڳاڙهن وارن ۽ ٿورڙا ڏند نڪتل ڏگهي قد واري ماپا لاءِ ڪير بہ اهو نٿي چئي سگهيو تہ هوءِ ڪا ڪوجهي هئي. هن جو مڙس ڪوهسن واندو هو ۽ سجو ڏينهن گهر ۾ وينو هوندو هو ۽ پيو ڪائيندو هو. اهو بہ سئو سيڪڙو صحيح نہ هو تہ هو ڪجهہ بہ نہ ڪندو هو. هو گهر ۾ روزانو چانور پچائيندو هو ۽ ٻارن جي سنيال پڻ ڪندو هو.

ڪوهسن نون سالن جي عمر تائين ڀڏمت جي خانقاهہ ۾ رهي سکيا ورتي هئي. هو سست هئڻ جي باوجود بہ سڀني سياڻ جو مالڪ هو. تهڪ هن جي زندگي جو حصو هئا. هو جواني کان وٺي خيراتي ڪاڄن ۽ شادي جي تقريبن ۾ شرڪت جو ڪوڏيو هو. هو پنهنجي زال جيان قدآورنہ هو. ننڍي ڇاتي، مٿي تي گهاٽا وار ۽ چهري تي سنهيون مَڇيون، هو ڪڙي پير هلندو هو.

جڏهن هنن شادي ڪئي ۽ ڪين هڪ پٽ جائو تہ ماپا دڪان کوليو ۽ ڪوهسن جون ضرورتون پوريون ڪرڻ ۾ بہ هٿ ونڊائڻ لڳي. جڏهن هنن کي ٻيو پٽ جائو تہ ماپا فقط دڪان هلائڻ لڳي. ڏي جي ڄمڻ کان پوءِ ماپا اڪثر ٽڪل ٽٽل نظر ايندي هئي. هڪ ڀيري جڏهن هن کي

ڏنڊي ۾ گھاتو ڀيو تہ هن جي حالت رحم جوڳي ٿي ويئي. پريشانين جي باوجود به هن ڪنهن سان شڪايت نہ ڪئي.

هن کي تڏهن ڏاڍي خوشي ٿي ۽ همٿ وڌي جڏهن ڪيس سندس ساهيڙي ٻڌايو تہ "ڳوٺ ۾ تازو ٽيندڙ شادي ۾ تنهنجي مڙس ڏاڍي من موهيندڙ انداز ۾ دعا گهري هئي. توکي اها ضرور ٻڌڻ گهربي هئي. تنهنجو مڙس واقعي ذهين ۽ وڏو ڄاڻو آهي." هن جو حوصلو تڏهن بہ ڏاڍو وڌندو هو جڏهن هن جو چوڏهن سالن جو ڇوڪرو جيڪو ڪڏهن ڪڏهن ڪاٽ جي پل وٽ ڪيس ملندو هو ۽ سندس مٽي تان پاڃي جي ٽوڪري لاهيندو هو. اهڙن موقعن تي هن جي دل ۾ پنهنجي مڙس لاءِ نيڪ جذبا ڪر ڪٽي اُپرندا هئا ۽ هوءِ دل ئي دل ۾ سندس شڪريو ادا ڪندي هئي.

هڪ ڀيري هوءَ ۽ سندس ٻارڙا گهر جي ٻاهر ٽلهي تي پاڻ ۾ ڳالهائي رهيا هئا تہ هڪ تاڙي جو شراب پيتل موالي رستي تان گذريو ۽ هنن ڏي بري نظر سان نهاريو. ٻارڙا ڊپ مان وڻي اندر ڀڳا. ڪوهسن جلد ئي گهر مان هٿيار کڻي ٻاهر آيو. موالي جي جيئن ئي هن تي نظر پيئي تيئن ئي پويان هٿيو ۽ مڙندي هن جي منڊڪائيندڙ ٽنگ کي ڏسندو ويو. "جيڪڏهن منهنجو مڙس نہ هجي ها تہ شايد اسان وڏي مصيبت ۾ ڦاسي وجون ها" ماپا سوچيو.

ماپا جي عمر هن وقت ستٽيهہ سال هئي. ڪوهسن هن ڪان ڇهہ سال وڏو هو.

ڪوهسن هن وقت تائين صحيح معنيٰ ۾ ڪو بہ ڪم نہ ڪيو هو. جڏهن ماڻهو هن کي ان جو چوندا هئا تہ هو پنهنجي ڪڙتي جو پاند پکڙي کل ئي کل ۾ چوندو هو "آءٌ واندي ۽ آرام واري زندگي گذارڻ جي اهل آهيان. جنهن انداز سان آءٌ زندگي گهاريان پيو اُن جو ڪارڻ منهنجا اڳئيين جنم ۾ ڪيل نيڪ ڪم آهن انهي ڪري اوهين سڙو نہ." جيتوٽيڪ بظاهر هن ائين چيو ٿي پر هو اندر ئي اندر ۾ ڏاڍو دکي ٿيو ٿي. پر هو پنهنجو درد حاضر جوابي تي فخر ڪرڻ ۾ جلد ئي وساري ڇڏيندو هو. هن جي ورندي تي ماڻهو هن ڏي گهوري ڏسندا هئا يا کاڏي تي هٿ رکي چٽرواري انداز ۾ منهن ڦيري ڇڏيندا هئا. پنهنجن پاڙيسرين جي اهڙي حرڪت تي هو جوش ۾ اچي ويندو هو ۽ هڪ

پيري جوش ۾ اچي هن پنهنجي سئوٽ کان اوڏر وڃي ڪاڻ جو ڪاروبار شروع ڪيو جنهن ۾ هن تمام گهڻو نقصان کاڏو. ٻئي پيري هن کيتي ٻاڙي جو سوچيو. هو بارش جا ارڪاڻ محسوس ڪندي ٻني ۾ هر هلائڻ ويو ۽ جڏهن هو واپس گهر موٽيو تہ هن جي پيرن مان رت ٽمي رهيو هو. هن جي زخم ڇٽڻ ۾ پندرهن ڏينهن لڳا.

جڏهن هو ٽيڪ ٽيو تہ هو ٽيتاليهہ سال جو ٿي چڪو هو. هن جي پيرن تي پهتل زخم تہ ڇڻي چڪي هئا پر دل تي پهتل زخم پرجي نہ سگهيا.

ماپا معمول جيان مارڪيٽ ويندي رهي. سندن وڏو پٽ خانقاهہ جي اسڪول ۾ پڙهڻ ويندو هو. هن جا ٻيا ٻہ ٻار گهر جي اڳڻ ۾ موجود آمري جي وٽ هيٺان پيا کيڏيندا هئا. جيئن ئي ڪوهسن سبز چائي جي پيالي پيئڻ ويٺو هن ڏٺو تہ هڪ وادو جيڪو ڇهن ٻارن جو پيءُ هو پنهنجي اوزارن سميت پاڙي واري جي گهر مان ٻاهر نڪتو. ساڳئي وقت هڪ ٻئي گهر مان هڪ ماڻهو نڪتو جيڪو آبشار پار ڪري ٻئي ڪناري تي ڪائيون ڪرڻ لاءِ ويجي رهيو هو. نہ فقط ايترو پر هن جي نظر هڪ پوڙهي تي ٻہ پيئي جيڪو ڪاڻ جي ٽيڙي ٽڪري کي ڪات سان چلي لڻ ٺاهي رهيو هو.

پهرئين پل ۾ هڪڙي پيالي مٽان چانهہ جي ٻي پيالي پيئندي ۽ ٻارڻن کي کيڏيندي ڏسي هو خوشي ۽ سکون جي جذبن سان ٽمٽمار ٿي ويو پر ٻي پل ۾ جڏهن هن پنهنجن پاڙيسرين کي ڪم ۾ رڌل ڏٺو تہ هن جون خوشيون چڪنا چور ٿي ويون ۽ هن کي ياد آيو تہ هن کي ايان چانورن جي ديڳڙي چلهہ تي رکڻي هئي. هن کي اوچتو ئي پنهنجي پاڙيسرين جا طعنا ۽ ميهڻا ياد پيا ۽ ساڳئي وقت هن جي اکين اڳيان پنهنجي ماضي جي گهاريل زندگي ڦرڻ لڳي. هن جو خانقاهہ جي اسڪول ڇڏڻ کان پوءِ جون ٻاراٽيون حرڪتون، ماپا سان شادي، ڪاروبار ۾ ناڪامي، پيرن جا زخم، هن کي اُنتي ڏاڍو ڏک ۽ شرم محسوس ٿيو. هن جي ذهن ۾ زندگي جي انهي انداز کي تبديل ڪرڻ جي خواهش ڪر ڪٽي اُڀري. هن سوچيو تہ هن لاءِ اهو بهتر ٿيندو تہ هو راهب ٿي وڃي ۽ پوءِ هن کي ڪڏهن بہ چانور چاڙهڻا نہ پوندا، ۽ هڪ ڏينهن ان لائق ٿي ويندو تہ هو

خدا جي درٻار ۾ ڪنڊ مٿي ڪٽي سگھي ۽ جيئن هن جي زال ۽ ٻارن کي هن جي ثواب جي عيوض بخشش ملي سگھي. هن کي اهو سوچيندي ڪامل يقين ٿيڻ لڳو ته جمڙ ڪان وٺي هيلتائين هن کي پلئه پيل دکن جو ڇوٽڪارو هن جي هٿ ۾ هو. ۽ پوءِ هڪ ڏينهن اهڙو به اينڊو جڏهن هو ديوتا جو درجو ماڻي وٺندو. هو لڳاتار سوچيندو رهيو. پر هن کي وري ياد آيو ته هن کي لازمي طور تي چانور چاڑهڻا پوندا، ٻي حالت ۾ هن کي بک ڪاٽي پوندي ۽ هن جا ٻار رڙٻون ڪري آسمان مٿي تي ڪٽي ڇڏيندا. هو اُٺيو ۽ بورچيخاني ۾ ويو.

اُن وقت ماپا مارڪيٽ ۾ سبزين مٽان پاڻي ڇڻڪاري رهي هئي جيئن اُهي وزني ٽين ۽ هوءِ انهن مان وڏيڪ پئسا ڪمائي سگھي. هن کي ذهن ۾ خيال آيو ته هو اُن واڌو ڪمائي مان پنهنجي مڙس لاءِ سنا چروٽ خريد ڪندي.

ڪوهسن جي چانورن پچائڻ ۾ ڪافي مهارت هئي. هن ٻارڻن کي سڏيو ۽ کين تازا رڌل چانور ۽ گذريل ڏينهن جي بچيل ڪڙي ڏني. جڏهن ٻارڙا ماني کائي واپس راند جي ميدان ڏي ويا ته، ٽلهي تي ويهي پيرن کي لوڏيندو وري سوچن ۾ گم ٿي ويو. جڏهن هو راهب ٿي ويندو ته هو روزانه صبح جو ڪستو ڪٽي ماپا جي گهر تي ايندو ۽ اهڙي ريت ماپا ۽ ٻارن کي ڏسڻ جو موقعو حاصل ڪندو. پر ماپا ته اڻ پڙهيل هئي ۽ مذهبي قانونن کان بي خبر هئي. جڏهن هوءِ مرندي ته يقينن هن کي دوزخ ۾ اُڇليو ويندو. ايئن سوچيندي هن کي مٽس ڏاڍو رحم آيو. هن چاهيو ته هوءِ خدائي قانونن کان واقف ڪاري حاصل ڪري جيئن هن جو ڇوٽڪارو ممڪن ٿئي.

ٻارڻن جي جهيڙي هن کي واپس حقيقي دنيا ۾ آندو. ننڍي پيٽ پنهنجي ياءُ جي چهري تي رانيوٽا هنيا. نتيجي ۾ هن کيس وارن کان پٽيو ۽ هاڻ هو ٻيئي روئي رهيا هئا.

ڪوهسن ٻارڻن کي سڏيو ۽ کين الڳ الڳ ڪنڌن ۾ ويهاريو. هن ٻيهر ڪوشش ڪئي ته هو واپس پنهنجن خيالن ۾ گم ٿي وڃي پر هو سوچن جي زنجير کي اُتان کان جتان ٽٽي هئي، جوڙي نه سگھيو. هن ٻارڻن تي نظر وڌي ۽ ڏٺو ته هن جا ننڍڙا مٽا ننڊ جي جهوٽن سبب لڙکي رهيا

هئا. هن کي خود بہ اوباسي ايندي محسوس ٿي.

"خيال ڪريو ڪري نہ پئو." هن ننڍا ڪڙن ٻارن کي تنبيهہ ڪئي ۽ ائين چوندي هن کي پاڻ ننڍ جا گهيرٽ اڇڻ شروع ٿي ويا.

جنهن پل هن جيون اکيون بند ٿيون، ٻارڙا پنهنجيون اکيون کولي اُٿي ڪڙا ٿيا. هنن بنا ڳالهائڻ جي دل ئي دل ۾ طئ ڪيو تہ جيئن ئي هو گهري ننڍ سمهي پوندو اُهي واپس راند ڪرڻ ويندا.

ڪوهسن ماپا جي آواز تي سجاڳ ٿي پيو جيڪا آمري جي وڻ تي بينل پنهنجي پٽ کي سڏي رهي هئي.

"اتان جلدي لهي اچ متان ڪري نہ پوين. تنهنجي پيٽ ڪٽي آهي؟"

"آبشار ڏانهن" ٻارڙي جواب ڏنو.

"ڪوهسن!" ماپا رڙ ڪئي. "پنهنجن ٻارڙن کي اڪيلو ڪيئن ٿو ڇڏين؟ هڪ سنو پيءُ ٿي ڪري ائين ڪيئن ٿو ڪرين؟؟"

ننڍڙي چوڪري جنهن جا هٿ گپ سان پريل هئا اندر داخل ٿي ۽ ننڍڙو ٻارڙو وڻ تان هيٺ لهي آيو.

ڪوهسن ٽيڏي اک سان ٻارڙن ڏي ڏٺو. اُهي ماءُ جي پويان لڪي ويا.

"هي وٺ تنهنجي لاءِ چروٽ آندا اٿم" ايئين چوندي ماپا هن ڏي چروٽ اُڇليا ۽ ٻارڙن کي ڪنڌ ڪان جهلي بورچيخاني ونی ويئي. ڪوهسن جي نظرن هنن جو پيڇو ڪيو. ماپا پنهنجي ڏي جا گپهاٽا هٿ ڏوتا ۽ ٻارڙن کي مٽرن جون ڦليون ڏنيون. پوءِ ماپا پٽ تي ويهي پنهنجون ٽنگون ڊگهيريون ۽ وار چوڙي اُنهن کي ورائي سٽرن تائين آندو.

"منهنجي ڦٽن تي زور ڏي." هن پنهنجي پٽ کي چيو. هن وات ۾ مٽر چٻاڙيندي ائين ڪيو. منين جي زور ۽ مٽي ۽ جسم تي وکريل وارن سبب ماپا شيطان جيان نظر اچڻ لڳي.

ڪوهسن هن ڏانهن ڏنو ۽ ڪراهت مان هڪ اونهو ساهہ پريو. "مون کي هاڻ ضرور گيڙو چوغو پائڻ گهرجي." هن سوچيو.

ائين ئي سال گذري ويو ۽ هو ان سموري عرصي دوران زال کي اهو

ٻڌائڻ جي همٿ ساري نہ سگھيو.

.....

هاڻ هن کي ايئن ڪندي ٽيون مهينو شروع ٿيو هو. جيتوڻيڪ ڪوهسن چئي ڇڏيو هو تہ هو هڪ مهيني کان مٿي گيڙو چوغو نہ پائيندو. ماپا جي ماسي جيڪا ٻارن کي ڏسڻ آئي هئي. هاڻ اُن کي ڳوٺ ۾ پنهنجن جي سڪ ڇڪي رهي هئي.

"پلا ڪڏهن برهم چاري عام زندگي ۾ موٽي سگھي ٿو؟" هن هڪ ڏينهن راهب کان پڇيو.

راهب جواب نہ ڏنو. اُن جي بدران هن راهب جي زندگي جي ساراهہ ۾ مقدس ڪتابن مان حوالا ڏنا. مقدس ڪتابن جي حوالن جي ماسي جي ڪن تي جوُنءِ بہ نہ سري. هن کي فقط غصو ئي آيو ڇاڪاڻ جو هن سمجهيو ٿي تہ ساڻس هتي سنو سلوڪ نہ ٿي رهيو هو. جڏهن راهب ويو هليو تہ هن ماپا کي پاڻ ڏي سڏيو.

"ماپا آءٌ واپس ويڙ ڇاهيان ٿي. پنهنجي راهب کي چئو تہ چوغو لاهي ڇڏي. آءٌ توهان جي گهر ۾ گهٽو وقت نوڪرياڻي جي حيثيت ۾ رهي نٿي سگهان." هن ڏمڪي واري انداز م چيو.

ماپا پڙ ڇاهيو ٿي تہ هن جو مڙس عام زندگي ۾ موٽي اچي. هن هڪ يا بہ ڀيرا اُن طرف اشارو بہ ڪيو. پر موٽ ۾ هن کي مقدس ڪتابن مان حوالا ٻڌڻا پيا. هاڻ اُهو وقت ويجهو هو جڏهن راهب ٽن مهينن لاءِ ايڪانت ۾ ويهڻا هئا. جڏهن هن کي ڪجهہ سمجهہ ۾ نہ آيو تہ هوءِ ڇا ڪري، هن پنهنجي ساهيڙي سان مشورو ڪيو. ڪجهہ وقت ڳالهين ڪرڻ کان پوءِ اُهي ٻيئي ٽهڪن ۾ ٻڏي ويون.

صبح جو سج جي روشني سونهري رنگ وکيري رهي هئي. ڪبوتر آمري جي وٽن ۾ ڪوڪو ڪري رهيا هئا. ماپا اڄ مارڪيٽ کو نہ وئي هئي. اُن جي بدران هو گهر تي سانجهڙ ڪري رهي هئي. سانجهڙ مان واندي ٽيڙ کان پوءِ اُٽي وهنجي ءِ پنهنجي پوري جسم کي پائوڊر هٽي خوشبوءِ ڪئي ءِ منهن تي هلڪو پائوڊر هنيو. هن پنهنجو چڑوچڑ ٽيل سامان گڏ ڪيو ءِ اُن کي پري ۾ رکي ڳنڍ ڏني. هن پنهنجي مٿي جي وارن

کي جھڳٽو ڪري اُن ۾ ڪبوتر جو ڪنپ لڳايو. ٻرن کي پينسل سان گھرو ڪيو ۽ پان جي پتن کي چپاڙي چپن کي ڳاڙھو ڪيو. ھن رنگين گلن جي ڏزائن وارو ڪڙتو پاتو ۽ مٿان اڇي رنگ جو نئون جئڪيٽ پاتو. ھن ٻارڙن کي ب صاف ستڙا ڪپڙا پاتا ۽ گھر جون سڀ شيون بند ڪيون. ھڪ ڏڳي گاڏي ٻاھر ميدان ۾ انھن جي انتظار ۾ بيني رھي.

ٽيڪ ڏھين وڳي راھب خانقاھ جي اسڪول ۾ تعليم پرائيندڙ پنھنجي پٽ سان ظاھر ٿيو. جيئن ئي ھو پھتو، ھن دل ئي دل ۾ انديشو ظاھر ڪيو تہ ھو ڪيس راھب جي زندگي ڇڏڻ جو ضرور چوندا. ھو گھر ۾ داخل ٿيو ۽ گھر جو سڀ سامان بند ٽيل ڏٺائين. ھو تڏي تي ٽي وينو جيڪو ماسي ھن لاءِ گھر ۾ عبات جي جاءِ تي وڇايو ھو ۽ بنا ڪنھن مقصد جي نظرون ھيڏانھن ھوڏانھن گھمائي ماپا جي ڳولا ڪئي جيڪا اجائي ويئي.

ڪجھ وقت کان پوءِ ماپا کاڏي جي ٽالھي سميت ظاھر ٿي. اُداس اکين ۽ ڏيمي چال سان ھوءِ ھن جي ويجھو آئي ۽ ڪيس کاڏي جي صلاح ڪئي. راھب ھن تي تڪڙي نظر گھمائي. ھن ڏٺو تہ ھوءِ ڪيئن نہ نئين لباس ۾ ڄڃي رھي ھئي. ھن وري مٽس ٻيو پيرو نظر وڏي. ھو ھن جي نئين انداز سبب وقتي طور پريشان ٿي ويو. پر ھن جي خيالن ھن کي رڪ جيان بنائي ڇڏيو ھو. ھن سوچيو تہ ماپا ضرور ھن کي واپس عام گھريلو زندگي ۾ موٽي اچڻ لاءِ گذارش ڪندي، پر ھو رڪ جھڙي ارادي سان ھن کي انڪار ڪري ڇڏيندو.

ماني کان پوءِ ماپا ماني جا برتن کنيا ۽ ادب مان ڪجھ فاصلي تي بيھ رھي. جيئن ئي راھب خطبو ڏيڻ لاءِ چپ چورڻ جي ڪوشش ڪئي، ماپا ماسي سان ڳالھايو.

"ماسي ڇا ايجان گاڏي وارو ڪونہ پھتو آھي؟"

راھب پنھنجو خطبو شروع ڪري نہ سگھيو ۽ ٻاھر انتظار ۾ بينل گاڏي ڏانھن نھاريو.

"ماپا ھي ڇا ٿي رھيو آھي؟"

"آءٌ سڀ ڪجھ برھمچاري جي مرضي مطابق ڪرڻ چاھيان ٿي"

ماپا راھب کي بنا ڪنڌ مٽي ڪندي مخاطب ٿيندي چيو "ماسي پنھنجي

ڳوٺ موٽڻ چاهي ٿي. جي ڪڏهن هو هلي ويئي ته آڻڻ هڪ ئي وقت دڪان ۽ گهر کي سنياليِ نه سگهنديس. اهو ئي سبب آهي جو آڻڻ برهمچاري جي اجازت سان ٻن ٻارن سميت ماسي سان ڳوٺ وڃڻ چاهيان ٿي، وڏو پٽ برهمچاري جي سنيال لاءِ ڇڏيو ويجان".

هوءِ پنهنجي وڏي پٽ ڏانهن مڙي. "پٽ برهمچاريءَ سان گڏ رهجانءِ!" هن چيو ۽ ائين چوندي پنهنجي چهري تان ڪرندڙ لڙڪ اُگهيا.

راهب خاموشي سان سوچن ۾ غرق ٿي ويو.

"هڪ برهمچاري جيڪڏهن هن جي خواهش هجي ته هو پوري عمر راهب جي زندگي گذاري سگهي ٿو. هن جي نماڻي عورت ڪهڙي به طرح زندگي سان سمجهوتو ڪري زندگي گذاري وٺي ٿي. هڪ برهمچاري جي دنيا ۽ هن جي دنيا به الڳ الڳ دنيائون آهن. ٻنهي جي وچ ۾ تمام گهڻي وٿي آهي. تنهن ڪري اُنهن جي وچ ۾ فقط هڪڙي راهب ۽ عام محبت ڪندڙ جو رشتو ٿي سگهي ٿو. جيئن ته هن کي ايجان به ٻه ٻار آهن. جيڪڏهن هن جي خيال ۾ ڪير ڪٽي به ڪهڙي به زندگي گذاري سگهي ٿو ته هو ان صورتحال کي قبول ڪري وٺي ٿي. اهو ئي سبب آهي جو هوءِ چاهي ٿي ته هاڻي ئي هر شئي جي چٽائي ڪري ڇڏجي، جيئن اڳتي هلي مونجهارو نه پيدا ٿئي."

راهب کان حيرت مان رڙ نڪري ويئي. ماپا پنهنجون اکيون آهستي آهستي مٿي کنيون. راهب جا هٿ پنهنجي چوغي تي ڦريا. هن ماپا ڏانهن نهاريو.

ماپا ڳالهه کي جاري رکيو. "اهو سڀ ڪجهه ٻنهي جي فائدي وٽان آهي. برهمچاري آزادي سان خدائي قانونن تي هلي سگهي ٿو ۽ هن جي نماڻي چاهيندڙ ان لائق هوندي ته هوءِ ڪجهه ماڻي سگهي."

"تنهنجي ماسي جي ڳوٺ ۾ ڪافي تاڙي جي شرب جا موالي آهن." راهب چيو. "آڻڻ عام زندگي ۾ موٽڻ چاهيان ٿو".

۽ ماپا هڪ پيرو وري ڪوهسن جي زال بنجي ويئي.

* * *

اباڻا ڪڪ

سمرسيٽ ماهام

ڪيٽ سمر سيٽ شائر جبلن جي وچ ۾ واقع هو. هڪ پراڻي طرز جو پٿريلو گهر، واڙي، گودام ۽ ٻين گهرن جي وچ ۾ گهيريل هو. دروازي مٿان وڻن اکرن ۾ اُن جي تعمير ٽيڻ جو سال 1673ع لکيل هو. خاڪي رنگ جو هي گهر جنهن موسمن جا ڪئين لاها ۽ چاڙها ڏٺا هئا، زمين جي اُن حصي جيان ڏيکائي ڏنو ٿي، جنهن جي مٿان درختن جو سايو پوندو هجي. روڊ کان خوبصورت باغ تائين ايلم وڻن جي ڏگهي قطار هئي. جن نياز مندي مان سلام ڪري پراڻي گهر جو فخر مان ڀڳاڻ اوچو ڪيو ٿي. هتي جيڪي ماڻهو رهندا هئا اُهي ان گهر جيان سگهارا، مضبوط ۽ بلند مرتبو رکندا هئا. اُنهن سيني لاءِ قابلِ فخر اها ڳالهه هئي ته جڏهن کان اهو گهر ٺهيو هو تہ هو پيڙهي کان وٺي پٽ ۽ اُن جي پوين نسلن تائين هن ئي گهر ۾ جاوا هئا ۽ هتي ئي دفن ٿيا هئا. گذريل ٽن سئو سالن کان اُهي آسپاس جي زمين سنياڻي رهيا هئا. جارج ميڊوز هاڻ پنجاهه سالن جو ٿي چڪو هو ۽ هن جي زال کائنس عمر ۾ هڪ يا ٻه سال ننڍي هئي. هو ڦوهه جواني کان وٺي پنهنجن پيرن تي بيٺل ۽ سوسائٽي ۾ اعليٰ حيثيت جا مالڪ هئا. اُنهن کي پنج خوبصورت ۽ سگهارا ٻار هئا، جن ۾ ٻہ پٽ ۽ ٽي نياڻيون هيون. اُنهن کي نئين سري سان زندگي جي شروعات ڪرڻ ۽ ڪجهه ٻيو بنجڻ جو شوق نہ هو. چاڪاڻ جو اُهي پنهنجي ڪرت ۽ حيثيت مان نہ فقط مطمئن هئا پر اُن تي هنن کي فخر ٻہ هو. مون اهڙو يڪمشت ۽ قرب محبت سان ڀريل گهر ڪڏهن ٻہ نہ ڏنو هو. اُهي محنتي، طبيعتن خوش مزاج ۽ ڏاڍا مهربان هئا. اُنهن جي زندگي وڏيرن جيان گذرندي هئي، يا ائين ڪٽي چئجي تہ اُنهن جي گذرندڙ زندگي هڪ مڪمل زندگي هئي، جنهن اُن کي ايڏي ڪامل

سونهن بخشي ڇڏي هئي، جيڪا بيٽوون جي موسيقي يا ٽٽيان جي مصوري ۾ آهي. اُهي هن زندگي مان ڏاڍا خوش هئا ۽ اُهي خوش گذارڻ جي اهل به هئا. گهر جو مالڪ جارج ميڊوز ڪونه هو ۽ نه ئي هن جي فيملي اُن جي دعويٰ ڪندي هئي. پر گهر جي مالڪڻ هن جي ماءُ هئي جيڪا عمر ۾ ڪائنس ٻيٽي هئي. هوءِ ستر سالن جي ڊگهي قد جي معزز عورت هئي ۽ هن جا وار پورا ٿي چڪا هئا. جيتوٽيڪ هن جي چهري ۾ ڪافي گهنج پئجي وبا هئا پر ان جي باوجود به اڪين ۾ چمڪ ۽ ذهانت اڃان به قائم هئي. هن جا لفظ گهر ۾ ڪيت تي قانون جي حيثيت رکندا هئا. هوءِ طبيعتن خوش مزاج ۽ چرچائي هئي. جيتوٽيڪ هن جا اصول تمام سخت هئا پر هن جي لفظن ۾ الاهي نرمي هوندي هئي. ماڻهو هن جي پوڳن ۽ چرچن تي ڪلي ڏيندا هئا ۽ اڪثر هنڏن تي دهرائي مزو وٺندا هئا. هوءِ سٹي واپاري مزاج جي عورت هئي. هوءِ صبح جو سويل اُٽندي هئي ۽ پنهنجي ڪاروباري ذميوارين کي لڳي ويندي هئي. هوءِ هڪ مثالي عورت هئي. هن جي طبيعت ۾ حد کان زياده مزاح ۽ ٺٹولي شامل هئي.

هڪ ڏينهن مسز جارج مون کي پنهنجي گهر ڏانهن ايندي رستي تي روڪيو. هوءِ بڙبڙ ڪري رهي هئي (هن جي سس فقط مسز ميڊوز جي نالي سان سڃاتي ويندي هئي. جارج جي زال مسز جارج جي نالي سان سڃاتي ويندي هئي).

"تنهنجي خيال ۾ هتي ڪير اچي رهيو آهي؟" هن مون کان پڇيو.

"چاچا جارج ميڊوز، توکي خبر آهي، جيڪو چين ۾ هو."

"مون چو سمجهي ورتو هو ته هو مري چڪو هو."

"اسان سيني سمجهيو ٿي ته هو مري چڪو هو."

مون چاچا جارج ميڊوز جو ذڪر ڪافي پيرا ٻڌو هو ۽ اُن مان مون کي هميشہ ايترو مزو ايندو هو جيترو پراٹي راڳ مان، هن حقيقي زندگي کي حيرت سان ڇهيو ٿي. چاچا جارج ميڊوز ۽ هن جو ننڍو پاءُ ٽام، ٻيئي مسز ميڊوز جي عشق ۾ تڏهن مبتلا ٿي پيا جڏهن هوءِ اڄ کان چاليهہ سال اڳ سرسبز ۽ شاداب وٽن جيان ڦوهہ جواني ۾ هئي. ۽ جڏهن هن ٽام سان

شادي ڪري ورتي تہ جارج سمنڊ جي سفر ڏي روانو ٿي ويو.

هنن اڪثر ماڻهن واتان ٻڌو هو تہ هو چين جي سامونڊي ڪناري تي رهي ٿو. گذريل ويهن سالن کان هو لڳاتار هنن کي سوڪڙيون موڪلينڈو رهندو هو ۽ اُن کان پوءِ هن جو ڪو بہ پتو نہ پيو تہ هو ڪيڏانهن هليو ويو هو. جڏهن تہ ميڊوز مري ويو تہ هن جي بيواهہ هن کي خط لکي آگاهہ ڪرڻ چاهيو پر هن کي ڪو بہ جواب موصول نہ ٿيو ۽ نيٺ هو ان نتيجي تي پهتا تہ هو پڪ سان مري چڪو هو. پر گذريل ٽن يا چئن ڏينهن کان پورٽس مائوٿ جي خلاصي جي گهرواري کان هڪ خط پهتو. جنهن ۾ ڄاڻايل هو تہ جارج ميڊوز گذريل ڏهن سالن کان سنڈن جي سور سبب بيوس ۽ لاچار ٿي چڪو هو ۽ هاڻ هو محسوس ڪري رهيو هو تہ هو گهڻو وقت زندهہ رهي نہ سگهندو ۽ انهي ڪري هن چاهيو ٿي تہ هو هڪ ڀيرو اُن گهر کي ڏسي جنهن ۾ هو ڄائو هو. هن جو وڏو ڀائيٽو البرٽ ميڊوز پورٽس مائوٿ هن کي وٺي اچڻ لاءِ ويل هو ۽ ٻنهي هن جو گهر پهچڻو هو.

"ڪيترو نہ عجيب ٿو لڳي." مسز جارج چيو. "هو گذريل پنجاهہ کان زياده سالن تائين هتي نہ رهيو آهي. ايتريقدر جو هن ڪڏهن منهنجي جارج کي بہ نہ ڏٺو آهي جيڪو ايندڙ سالگرهہ تي ايڪونجاهہ سالن جو ٿي ويندو.

"۽ مسز ميڊوز هن بابت ڇا ٿي سوچي؟" مون پڇيو

"ها، توکي تہ خبر آهي تہ هوءِ ڇا آهي؟ هوءِ هتي ويهي ٽي۽ پنهنجي منهن مسڪرائيندي رهي ٿي. هوءِ ٻڌائي ٿي تہ "جڏهن هو هتان روانو ٿيو هو تہ ڏاڍو خوبصورت ڏسڻ ۾ ايندو هو. پر هو ايترو مستقل مزاج نہ هو جيترو هن جو پاءُ هو" اهو ئي سبب هو جو هن منهنجي جارج جي پيءُ کي چونڊيو "۽ هاڻ شايد هو سنجيده ٿي چڪو آهي هن چيو ٿي."

مسز جارج مون کي هن جي سنيال ۽ خيال رکڻ جي پارت ڪئي. هڪ ڳوٺاڻي سادي عورت جيڪا لنڊن جي ويجهو واقع ڳوٺ کان ڪڏهن بہ ٻاهر نہ وئي هئي. هن سوچيو ڇاڪاڻ تہ هو ٻيئي چين ۾ رهيا هئا، تنهن ڪري لازمي طور اسان ۾ کي هڪ جهڙيون ڳالهيون هونديون. بيشڪ مون تسليم ڪيو. جڏهن آءٌ پهتس تہ سڀ گهر جا ياتي گڏ ٿي چڪا هئا.

اُهي پراٽي شاهي بورچيخاني جي پٽريلي فرش تي وينا هئا. مسز ميڊوز معمول جيان باهه جي پرسان ڪرسي تي ويٺي هئي ۽ ڏاڍي حشاش بشاش نظر اچي رهي هئي ۽ مون کي اهو ڏسي ڏاڍي خوشي محسوس ٿي. هن خوبصورت ريشمي لباس پاتو هو. هن جو پٽ ۽ زال پنهنجن ٻارن سان ميز تي گڏ ويٺل هئا. باهه جي ٻئي پاسي ڪرسي تي هڪ پوڙهو ماڻهو ويٺو هو. هو تمام ايرو نظر آيو ٿي ۽ هن جي چمڙي ائين لڙي آئي هئي جڙ هن جو ڪو پراٽو سوٽ جيڪو هن جي ماپ کان وڏو هجي. هن جي چهري ۾ گهنج پئجي چڪا هئا ۽ هن جا سپ ڏند پڄي چڪا هئا.

مون هن سال هٿ ملايو.

"ٺيڪ آهين مسٽر ميڊوز. مون کي اهو ڏسي ڏاڍي خوشي ٿي ته توهان هتي آساني سان پهچي ويا".

"ڪيپٽن!" هن درستي ڪندي چيو.

"هو هتي پاڻ هلي پهتو آهي". هن جي وڏي پائٽي البرٽ مون کي ٻڌايو. "جڏهن هو دروازي جي ويجهو پهتو ته هن مون کي اهو چئي ڪار روڪڻ جو چيو ته "هو پنڌ هلڻ چاهي ٿو".

"۽ ڏيان سان ٻڌ. آڳ گذريل ٻن سالن کان بستري تي پيو هوس. انهن مون کي هيٺ لاٿو ۽ ڪار ۾ وڌو. مون سوچيو ته هاڻ آڳ وري ڪڏهن به هلي نه سگهندس. پر مون جڏهن هتي ايلمر جا وڻ ڏٺا ته مون ۾ بابا جي انهن پوکيل وٽن اُتساهه جاڳايو ۽ مون محسوس ڪيو ته آڳ هلي سگهان ٿو. آڳ هتان ٻاونجاهه سال اڳي پنڌ هلي ويو هوس ۽ هاڻ ايڏي عرصي کان پوءِ واپس پيدل هلي آيو آهيان."

"اناڙي! آڳ ان کي احمقانه حرڪت سمجهان ٿي." مسز ميڊوز چيو.

"ائين ڪندي مون کي سٺو لڳو. مون پاڻ کي گذريل ڏهن سالن جي پيٽ ۾ هاڻي وڌيڪ بهتر، مضبوط ۽ سنجيده محسوس ڪيو. ايملي آڳ اڃان به توکي ڏسڻ جي خواهش رکان ٿو."

جيتريقدر مون کي خبر هئي ته مسز ميڊوز کي ڪو به سندس اصلي نالي سان ڪو نه سڏيندو هو. انهي ڪري مون کي برو لڳو ۽ ڏک به

ٿيو. ۽ پوءِ مون کي ائين لڳو ته جن پوڙهو ماڻهو هن سان ضرورت کان زياده حد تائين فري هو. هن ڏانهس حرفتي مرڪ اکين ۾ سمائي نهاريو. هن سان ڳالهائيندي کلڻ مهل ڏند نه هئڻ سبب هن جي وات مان هوا نڪري ٿي ويئي. هو ٻئي عجيب ڏيکائي، ڏيئي رهيا هئا ۽ ٻنهي جون حرڪتون عجيب لڳيون ٿي. اهي ٻئي جن اڌ صدي کان زياده عرصي تائين هڪ ٻئي کي نه ڏٺو هو. هن وقت چا سوچيندا هوندا. هو هن کي گهٽو اڳ پيار ڪندو هو ۽ هوءِ به هن کي ساڳين جذبن سان پائنيندي هئي. اهو سوچيندي ته هو جڏهن اهو دور ياد ڪندا هوندا ته هو هڪ ٻئي لاءِ ڪهڙا جذبا رکندا هئا، ۽ هڪ ٻئي سان ڪهڙو حال ونڊيندا هئا، مون کي ڏاڍي حيرت ٿي، ۽ هاڻ هن کي به ڪيڏو نه عجيب لڳندو هوندو ته هو ڪافي وقت اڳي اُن پوڙهي عورت ۽ ٻين گهرياتين لاءِ گهر ٻار ڇڏي جلاوطنيءَ واري زندگي گذاري هئي.

"ڪيٽن ميڊوز! چا توهان شادي ڪئي يا نه؟" مون پڇيو.

"نه مون ناهي ڪئي." هن ڏڪندڙ آواز ۾ مرڪندي چيو. "آءٌ اُن لاءِ ڪافي حد تائين عورتن کي ذميوار سمجهان ٿو."

"تون اهو ئي چوڻ چاهين ٿو." مسز ميڊوز تيز ڳالهائيندي چيو "جيڪڏهن حقيقت جي خبر هجي ها ته مون کي اهو ڄاڻي حيرت نه ٿئي ها ته تن ڏينهن ۾ تنهنجو اڌ ڏزن ڪارين زالن سان تعلق هو."

"ايملي!" چين ۾ اهي ڪاريون نه آهن. تون چڱي ريت ڄاڻين ٿي. اُهي پيليون هيون.

"شايد ان ڪري تون خود به پيلو ٿي ويو آهين. جڏهن مون توکي ڏٺو ته مون پنهنجو پاڻ کي چيو ته هن کي سائي ڪيئن ٿي آهي".

"آءٌ چوان ٿو ته مون ڪڏهن به شادي ڪو نه ڪئي. پر تون ايملي! مون وٽ ڪير به ڪونهي."

هن اهو سپ ڪجهه غصي يا جوش مان ڪو نه چيو. پر اهڙي حقيقت بيان ڪئي جيڪا هڪ ماڻهو واقعي بيان ڪري سگهيو ٿي. "مون توکي چيو ته آءٌ ويهه ميل پنڌ ڪري سگهان ٿو ۽ اُهو مون ڪيو." هن جي ڳالهائڻ ۾ خود تسڪيني ۽ اعتماد سمايل هو.

”نيڪ آهي جيڪڏهن تون چوين ٿو ته توکي اُن جو افسوس ضرور ٿيو هوندو.“ هن وراٽيو.

مون پوڙهي ماڻهو سان چين بابت ٿورو ڳالهايو.

”چين ۾ اهڙو ڪو به بندرگاهه ڪونهي جنهن جي باري ۾ آءٌ بهتر نه ڄاڻندو هجان جهڙو تون پنهنجي ڪوٺ جي ڪيسي متعلق ڄاڻندو هوندين. جتي به بحري جهاز وڃي سگهي ٿو آءٌ ويو آهيان. جيڪڏهن آءٌ توکي هتي ڇهن مهينن لاءِ ويهاري ويهان ته به آءٌ توکي هڪڙي ڏينهن ۾ ڏنل اڌ شين بابت به تفصيلي ٻڌائي نه سگهندس.“

”جارج! نيڪ آهي هڪڙو ڪم تون ڪو نه ڪري سگهيو آهين جيئن مون کي نظر اچي ٿو“ مسز ميدوز چيو. هن جي اکين ۾ ٿلهولي نمايان هئي پر اُن ۾ نامهربان مرڪ ڪو نه هئي. ”۽ تنهنجي اها ئي قسمت ناهڻ جي عمر هئي.“

”آءٌ اُنهن مان ناهيان جن پئسا بچايا، پئسو ڪمايو ۽ خرچ ڪيو. اهو منهنجي زندگي جو مول مقصد هو. پر هڪ ڳالهه جيڪا آءٌ پنهنجي لاءِ چوان ٿو ته جيڪڏهن مون کي زندگي ۾ وري وڃڻ جو موقعو مليو ته آءٌ ان کي ڪو نه وڃائيندس ۽ اُهو ڏکهي عرصي لاءِ نه هوندو جيئن آءٌ چوان ٿو.“

”نه بيشڪ“ مون چيو.

مون هن ڏي عزت ۽ ساراهه ۾ري نظرن سان نهاريو. هو بنا ڏندن، جي ڪمزور پوڙهو هو. پر هن ڪامياب زندگي ماڻي هئي ۽ اُن مان مزو ورتو هو. جڏهن مون ڪائنس موڪلايو ته هن چيو ته ”هو سياڻي ساڻس ضرور ملڻ اچي. جيڪڏهن آءٌ چين ۾ دلچسپي رکان ٿو ته هو ڪيس اُهي سڀ قصا ٻڌائيندو جيڪي هو ٻڌڻ چاهي ٿو.“

ٻي ڏينهن مون سوچيو ته آءٌ وڃان ۽ پچان ته ڇا پوڙهو ماڻهو مون سان ملڻ پسند ڪري ٿو. آءٌ ايلم درختن جي وڃان رستي تان هلندو جڏهن باغ ۾ پهتس ته مون مسز ميدوز کي گل چونڊيندي ڏٺو. مون هن کي صبح جو سلام ڪيو ۽ هن اُن جي سلام واري وراٽي ڏني. هن جو سجو هٿ سفيد گلن سان ڀريل هو. مون گهر ڏي نظر ڪئي ۽ ڏٺم ته پردا هٽيل هئا. مون کي اهو ڏسي حيرت ٿي ته مسز ميدوز کي اُس وٽن لڳي هئي.

"ڪافي وقت اوندھ ۾ گھارڻ لاءِ ملندو جڏھن تون دفن ڪيو ويندين" ھوءِ سدائين چوندي ھئي.

"ڪئپٽن ميڊوز ڪيئن آھي" مون ھن کان پڇيو.

"ھو عجيب و غريب ماڻھو ھو." ھن جواب ڏنو "جڏھن لڙي ھن وٺ صبح جي چانھ ڪڍي ويئي تہ ھن ڏٺو تہ ھو مري چڪو ھو."

"ھو مري ويو؟"

"ھا. ھو ستو ۽ وري ڪو نہ اُٺيو. آءٌ ھي گل ھن جي ڪمري ۾ رکڻ لاءِ پٽي رھي آھيان. ٺيڪ آھي مون کي خوشي آھي تہ ھن پنھنجي پراڻي اصلي گھر ۾ وفات ڪئي. ھن سندن لاءِ گھٽو ڪجھ ڪري ڏيکاريو.

اُنھن کي ڪيس بستري تي ليٽائڻ لاءِ تمام گھٽي تڪليف ڪرڻي پئي. ھن اُنھن سان سيني واقعن بابت ڳالھايو. جيڪي ھن جي ڏٺھي زندگي ۾ ٿي چڪا ھئا. ھو واپس پراڻي گھر ۾ موٽڻ تي ڏاڍو خوش ھو. ھن کي اُن تي فخر ھو تہ ھو بنا ڪنھن سھاري جي واپس پيدل ھلي آيو ھو ۽ ھن ٻٽاڪ ٿي ھنئي تہ ھو وڌيڪ ويھن سالن تائين جيئندو. پر قسمت مھربان ٿي چڪي ھئي ۽ موت صحيح جڳھ تي فل اسٽاپ لڳائي ڇڏيو ھو.

مسز ميڊوز کي سفيد گلن جي خوشبوءِ محسوس ٿي رھي ھئي جيڪي ھن جي ھٿن ۾ رکيل ھئا.

"ھا مون کي خوشي ٿي محسوس ٿئي تہ ھو واپس وٺي آيو." ھن ڳالھايو "تام ميڊوز سان شادي ڪرڻ کان پوءِ جارج ويو ھليو. حقيقت اھا آھي تہ مون کي ڪڏھن بہ يقين نہ آيو تہ ڪو مون صحيح ماڻھو سان شادي ڪئي ھئي."

* * *

للي جي نندڙي دنيا

هوانگ هئي

هي ڪهاڻي مون کي منهنجي دوست ٻڌائي.

"للي هل ته ٻاهر هلون." هن اهي لفظ جڏهن تيرهون پيرو ورجايا ته هن منهن ۾ گهنڊ پائي مون ڏي نهاريو ۽ پوءِ مرڪي منهنجي ڪن ۾ آهستي چيو "نه آءٌ نٿي هلي سگهان."

مون هن جا هٿ پنهنجن هٿن ۾ جهليا. هن جي هٿن جو ڇهاءُ محسوس ڪندي منهنجي دل جي ڌڙڪن وڌي ويئي. مون کي هن جي جواب تي ڏاڍي ڪاوڙ آئي.

"للي يا تون مون کي پسند نٿي ڪرين يا ته مون کي فقط ٽارچر ڏيڻ لاءِ ائين ٿي ڪرين؟"

"آخر تون ائين ڇو ٿو سوچين؟"

آءٌ ماکي جي شيشي ۾ هڪ مڪ وانگر آهيان مون کي خبر آهي ته آءٌ ٻڌي رهيو آهيان ۽ منهنجو بچڻ ناممڪن آهي پر پوءِ بہ هٿوراڻيون هڻي رهيو آهيان".

"پر." هن گهراهٽ مان چيو. "جيڪڏهن آءٌ توسان هلڻ تي راضي ٿيان ته ڇا تون مون کي رات جو ٻارهين وڳي کان اڳ ڇڏڻ جو واعدو ڪندين؟"

"يقينن."

"ته پوءِ ٺيڪ آهي."

مون دنيا ۾ پاڻ کي سڀ کان اوچو محسوس ڪيو. اسان والٽز جي ڌن تي ڊانس ختم ڪري ٻاهر آياسين.

منهنجي هن سان پهرين ملاقات هڪ مهينو اڳ ٿي هئي. آءٌ

پھرين ئي نظر ۾ هن جي عشق ۾ ننهن کان چوتي تائين ڦاسي پيس. هن ويجهڙائي ۾ شراب خاني ۾ نوڪري ورتي هئي. هن جو چهرو ائين باسيو ٿي ڇڙ ته ميري گدلي تلاءُ ۾ ڪو ڪنول ٽڙي رهيو هجي. هن نئين نڪور دوشيزه جي سادگي اڇيان ڪلب جون باقي ڇوڪريون معمولي نظر آيون ٿي.

هن جي بيضوي چهري، سنهڙن پرن، جن ۾ سدائين آڪڙ پريل هوندي هئي ۽ شفاف اکين کي ڏسي مون کي "لال حويلي جي خواب" واري هيروئن ياد پوندي هئي. شوخ ۽ چنچل حسينا، شيشي کان بہ وڌيڪ نازڪ، جنهن کي سدائين پوڇڙ تي دل گهرندي هئي. هوءِ نہ فقط شوخ ۽ نازڪ هئي بلڪ هن جي اُپريل ڇاتي ۽ من کي پائيندڙ ادائن جي ڪري سيڪس سمبل طور پڻ مشهور هئي.

جن جو روزانہ مئڪدي ۾ اچڻ ٿيندو هو اُنهن کي خبر هئي تہ پئسي سان سڀ ڪجهہ حاصل ٿي سگهيو ٿي، پر للي لاءِ اُنهن جي راءِ مختلف هئي. هن تنهائي ۾ گذارڻ پسند ڪيو ٿي ۽ ڪنهن سان بہ ويڙهڻ کان انڪار ڪيو ٿي. اهو ئي سبب هو جو هن آڏي رات جو گهر وڃڻ تي زور ڏنو. شايد انهن ئي سببن ڪري هوءِ مئخاني ۾ ايڏو مشهور ٿي نہ سگهي هئي. ميخاني ۾ روز حاضري پريندڙن هن تي "پنهنجي حسن کان بي نياز" جو لقب رکي ڇڏيو هو جنهن جو مطلب هو هيئن ڪيندا هئا تہ هوءِ هڪ املهہ ماڻڪ هئي. پر هن کي اها خبر نہ هئي تہ ماڻهن ۾ ڪيئن اُن کي پڌرو ڪجي.

شروع شروع ۾ مون دوستن جي انهن راين تي اعتبار نہ ڪيو. پر پوءِ سندس روين مان مون بہ اهو ئي اندازو ڪيو ۽ دوستن جي راءِ تي يقين ڪرڻو پيو. پر اهو سڀ ڪجهہ جاڻندي بہ مون هن تي بي انتها دولت لٽائي ۽ هن جو مون سان گڏ هلڻ جي عرض تي سدائين جواب نہ ۾ هوندو هو ۽ مون کي اهو ناڪار ۾ جواب هڪ نہ بلڪ هزارنهن پيرا اڳ ملي چڪو هو.

"مون کي افسوس آهي. پر آءٌ چا ڪريان. آءٌ هڪ اهڙي بيڪار عزيز سان گڏ رهان ٿي جيڪو رات جي هارهين وڳي کان پوءِ در نٽو ڪولي"

مون کي هن وڌيڪ ٻڌايو تہ گهر ۾ ڪنهن کي بہ خبر ناهي تہ ڪا

هوءِ شراب خاني ۾ ڪم ٿي ڪري. هن اها پڻ دعويٰ ڪئي ته هليتائين هن جو ڪو بہ بواءِ فرينڊ نہ هو. شايد تنهن ڪري هن ڪنهن کي بہ گهر وٺي هلڻ کان انڪار ڪيو ٿي. پر مون سوچيو ته مون کي صبر ڪرڻ گهرجي ۽ صبر سان ئي هڪ ڏينهن آڱُ هن کي ماڻي ونندس.

آڱُ صحيح هوس. آخر هن منهنجي جي دعوت تي مون سان گڏ ٻاهر هلڻ قبولي ورتو.

اهو پهريون موقعو هو ۽ مون کي فخر هو تہ شراب خاني مان نڪرڻ وقت منهنجي ٻانهن هن جي چيلهہ ۾ هئي. هوءِ منهنجي گاڏي ۾ ٿي ويني ۽ اسان سمنڊ جي اُلهندي ڪناري کان ٿيندا نائٽ ڪلب ڏانهن هلڻ لڳاسين.

اسان رستي هلندي چنو بہ ڪندا هلياسين ۽ مشروب واپرائيندي ڳالهيون بہ ڪندا هلياسين. ڳالهين دوران رکي رکي اسان جا ٿهڪ بہ فضا ۾ گونجيا ٿي.

مون ڪوشش ڪئي تہ هوءِ ڪجهہ زياده پيئي پر هن وڌيڪ وٺڻ کان انڪار ڪيو.

مون ڪوشش ڪئي تہ هوءِ مون سان هوٽل ۾ ترسي پر هن ايئن جتايو تہ هوءِ سندس ڳالهہ نہ پيئي ٻڌي يا ايئن محسوس ڪرائڻ لڳي تہ هوءِ سندس ڳالهہ نہ پيئي سمجهي سگهي تہ هو ڇا چوڻ ٿو چاهي.

مون فيصلو ڪيو تہ ڪيس هائوڪار ڪرائڻ لاءِ هاڻ سنئون سڌو طريقو اختيار ڪجي. مون ٿي سئو رپين جو چيڪ صحيح ڪري هن جي ٿيلهي ۾ وڌو. هوءِ مرڪي ۽ ڪو بہ انڪار نہ ڪيائين پر هن منهنجو شڪريو بہ بجا نہ آندو.

۽ نيٺ رات جا ٻارهن وڳا. هن چيو "هاڻ مون کي ضرور وڃڻ گهرجي."

"للي" مون ڪيس فقيراڻي انداز ۾ عرض ڪيو. "تون شايد بنا دل واري حسينا آهين. آخر تون مون کي ٿورڙو سمجهڻ جي ڪوشش چو نٿي ڪرين؟"

"خود غرض وحشي!"

هن مون ۾ گهوري نهاريو ۽ پنهنجو ٽيلهو ڪنيائين.

"نہ" مون هن جو هٿ جهليندي چيو "للي آڻ خود غرض ناهيان. پر جڏهن تون نہ هوندي آهين تہ زندگي بي معنيٰ لڳندي آهي".

هن مرڪي ڏنو. شايد هوءِ منهنجي خلوص کان متاثر ٿيڻ لڳي هئي. پر جلد ئي هن پنهنجون نظرون مون تان هٽائي ورتيون. مون ڪوشش ڪئي تہ آڻ ساٽس اکيون ملايان پر هوءِ سمنڊ ۾ نهارڻ لڳي هئي.

"توکي ايجان بہ صبر ڪرڻ گهرجي."

"چا تون مون وٽ نہ ٽڪندينئين؟"

"نہ آڻ نٽي ٽڪي سگهان"

جيڪڏهن منهنجي ڪار اوچتو خراب ٿي پوي تہ پوءِ؟"

"تہ پوءِ آڻ ٽيڪسي تي هلي ويندیس"

"جيڪڏهن منهنجي ڪار اهڙي هنڌ جواب ڏيئي ڇڏي جتي ٽيڪسي بہ ميسر نہ هجي تہ پوءِ؟"

"ائين ٿي نٽو سگهي." هوءِ ڏاڍي رُکي محسوس ٿي. هن پنهنجو هٿ ڇڏائيندي، چيو "گهٽو زور ڪرڻ بيڪار آهي. توکي تہ خبر آهي."

مون محسوس ڪيو تہ واقعي گهٽو زور ڪرڻ بيڪار هو. تنهن ڪري آڻ هن کي ڪار ڏي وئي ويس.

رات ڪافي گذري چڪي هئي. نيرو آسمان ڪوريئڙي جي ڇار وانگي تارن سان اُٽيل هو. سمنڊ جو اُلهندو ڪنارو رات جي اونداهي ۽ خاموشي ۾ ٻڏي چڪو هو. آڻ ٻڙ خاموش هوس ۽ اندر جي آڳ ۾ جلندي گاڏي هلائي رهيو هوس، ۽ ٽيڏي اک سان هن ڏي نهاري بہ رهيو هوس.

هوءِ تمام اُتاولي لڳي ٿي ۽ هر هر پنهنجي گهڙي ڏي ڏٺائين ٿي ۽ ٽڏا ساهہ پريائين ٿي. آڻ ڇاڻي واڻي گاڏي آهستي هلائي رهيو هوس. هن کان نيٺ رهيو نہ ٿيو ۽ هن خاموشي کي ٽوڙيندي چيو:

"وري چا ڳالهہ آهي؟ تون گاڏي تيز چو نٽو هلائين؟"

"گاڏي جي انجڻ صحيح ڪم نٽي ڪري"

"اهو نسورو ڪوڙ آهي. ٿوري دير اڳ تہ انجڻ صحيح هئي هاڻي چا ٿي ويس؟"

”دلربا للي! پر آءٌ پاڻ کي ٺيڪ محسوس نٿو ڪريان. تو منهنجي تمام گهڻي دل آزاري ڪئي آهي“

”اوهه شرارتي ہارڙا! هاڻي ان ڳالهه کي وساري ڇڏ. چپ ڪري گاڏي صحيح نمونو هلائي. جلدي ڪر“

”نه بلڪل نه، آءٌ اڃان به گاڏي آهستي هلائيندس جي تون مون کي خرچي نه ڏيندينئين.“

”خرچي!؟“ هوءِ عجب ۾ پئجي وئي.

”ها خرچي ۾ فقط هڪ چمي.“

هوءِ گهبرائجي وئي ۽ نا اُميدي مان هيڏي هوڏي نهارڻ لڳي. روڊ جي ٻنهي پاسي کان بجلي جي کنين ۾ ہرندڙ بلبن جي روشني ۽ سمنڊ مان اُٺندڙ چولين جي شور کي ڇڏي باقي چوطرف اوندهه ۽ خاموشي ڇانيل هئي. هوءِ مون ڏانهن ڏسڻ لڳل دل سان مڙي هن جي اکين ۾ لڙڪ ڀرجي آيا هئا. مون پنهنجي غرور جي سوپ تي مرڪي ڏنو. هن ٽڏو ساهه کنيو ۽ پنهنجو ڪنڊ سمنڊ ڏي لاڙي اکيون پوري ڇڏيون.

”ڇا آءٌ.....؟“ هن کي چيڙائيندي مون کي ڏاڍو مزو اچي رهيو هو.

”ٺيڪ آهي.“ هن انتهائي ڏورانپي واري انداز ۾ هائوڪار ڪئي.

”پر ان ۾ هن جي مرضي به شامل هئي!؟“ مون سوچيو

مون روڊ جي پاسي کان گاڏي بيهاري ۽ جيئن بکايل بگهڙ پنهنجي شڪار تي ڪرندو آهي. تيئن مون به پنهنجا ٻيئي هٿ سندس چيل ۾ وجهي هن کي چمڻ شروع ڪيو. هڪ، ٻه..... ڪجهه سيڪنڊن کانپوءِ جلد ئي هن مون کي پري ڌڪيندي ڇڏائي ورتو.

”وڌيڪ نه ايترو ڪافي آهي“.

آءٌ ڪنين جي جهڪي روشني ۾ سندس چهرو ڏسي سگهيس ٿي. هن جي چهري تي شرم سان گڏ سخت غصو به ڇانيل هو. هن جي چهري تي اُپرندڙ عجيب ريکائن منهنجي چاهه کي اڃان به وڌايو. اوچتو حسد جو عنصر مون تي ڇائنجي ويو ”ڇا واقعي ڪوئي هن جو گهر تي انتظار ڪري رهيو هو؟“.

مون اندر ئي اندر ۾ مرڪي ڏنو ۽ گاڏي استارٽ ڪئي. هاڻ آءٌ

ست ميل في ڪلاڪ جي رفتار سان گاڏي هلائي رهيو هوس.

"تون ڪٿي رهين ٿي؟"

پهرين ته هوءِ گهبرائجي ويئي ۽ پوءِ پنهنجو پاڻ کي سنبالينديچيائين "گيلينگ گهر نمبر 10..."

مون گهٽي ۾ گاڏي بيهاري. هوءِ تڪڙي لٿي ۽ خدا حافظ چئي تيزي سان رواني ٿي ويئي. هن مُڙي پوئتي نهاريو جي زحمت به نه ڪئي.

مون گاڏي استارٽ ڪئي ۽ ٿورڙو اڳيان هلي گاڏي بيهاريم ۽ هيٺ لهي هن جو پيڇو ڪيم.

هوءِ پاسي واري گهٽي ۾ مڙي هڪ بانس جي لڪڙن مان ٺهيل گهر ۾ هلي ويئي.

جڏهن آءٌ گهر وٽ پهتس ته دربند ٿي چڪو هو. گهر ۾ بجلي نه هئي. پر دري مان لالٽين جي جهڪي روشني ۾ اندر جو ماحول چٽو نظر اچي رهيو هو. هڪ ننڍڙو ٻارڙو زور سان روئي رهيو هو. هن جي رئي مان لڳو ٿي ته هو ڪافي وقت کان روئي رهيو هو.

آءٌ دري جي پاسي کان ٿي بيٺس.

منهنجي ڪنن تي "آواز" پهتو. اهو للي جو آواز هو.

"او ننڍڙا پيارا! توکي ڏاڍي بک لڳي آهي؟"

"مون هن لاءِ کير گرم ڪري ڇڏيو آهي."

اهو هڪ مرد جو آواز هو. "پر تو ايڏي دير ڇو ڪئي؟"

"آءٌ چا ٿي ڪري سگهيس؟ للي ٽڏو ساهه ڪنيو "هڪ بيشرم پوڪ مون کي نه پيو ڇڏي."

مون کي هاڻي ڳالهه سمجهه ۾ اچي رهي هئي. هن سان نه فقط هڪ مرد گڏ رهيل هو پر هن کي هڪ ٻار به هو. آءٌ بيوقوف هوس جو هن تي ايڏو مهربان هئس ۽ هن مون کي فقط هڪ چمي لاءِ به ايڏو تڙپايو ٿي.

مون زور سان لت هڻي دروازو کوليو. جيڪو ايئن ئي ٻيڪڙيل هو. ۽ چيو "هاءِ" للي!"

جهڪي روشني ۾ مون ڏٺو ته للي جو چهرو هيڏو ٿي ويو ۽ هن جا چپ درد وچان لرزي رهيا هئا. هن جي ڪ ٿي ٻارڙو هو. منهنجي اندر ۾

انتقام جي باهه ۾ڙڪي اُٿي.

"تہ هي آهي تنهنجي رشتيدار جو گهر!؟ مون تنهنجي لاءِ هيترو ڪجهه ڪيو تڏهن بہ تون مون کي بيشرم پوڪ ٿي ڪوئين؟"

"توکي شرم اچڻ گهرجي. هيءَ منهنجي زال آهي. آخر تون چا ٿو چاهين؟" هڪ ماڻهو ڪمري جي ڪنڊ مان زور سان رڙڪندي چيو "باهر نڪري وڃ. آءٌ چوان ٿو هتان هليو وڃ."

آءٌ وڙهڻ لاءِ تيار ٿي ويس.

پر جڏهن هو باهر آيو تہ مون ڏٺو تہ هو لنگڙو هو ۽ تمام تڪليف مان منڊڪائي اچي رهيو هو. آءٌ هاڻ هن جو چهرو چٽو ۽ صاف ڏسي سگهيس ٿي. سنهڙو گهري رنگ جو چهرو. جنهن ۾ اکيون اندر کپيل هيون. هن جا ٻرون گهاتا ۽ وار وکريل هئا. هن جي اها حالت ڏسي مون کي ڏاڍي تڪليف پهتي.

هن نفرت وچان ٿهڪ ڏنو. "تہ تون آهين منهنجي باس جو پيارو لاڏلو."


هن جو آواز فضا ۾ رائين گونجي اُٿيو جيئن ڪنهن جهنگل ۾ آڌي رات جو گدڙ اوناڙيندا آهن.

"اوهہ! تہ تون آهين!"

مون کي ڏري گهٽ ڏڪڻي وئي ويئي. آءٌ تيزي سان پٻجندو ڪار ڏي وڌيس ۽ جلدي جلدي ڪار اسٽارٽ ڪيم. جڏهن مون کي پڪ ٿي تہ آءٌ هاڻ اُنهن کان ڪافي پري نڪري آيو آهيان. تہ گاڏي ٻيهاري پگهر اگهيم.

چا هو سچ پچ يانگ چنگ ڪنگ هو؟ فقط پنج مهينا اڳ هو منهنجي پيءُ جي مل ۾ انجنيئر جي حيثيت ۾ پرتي ٿيو هو ۽ ڪم ڪندي هن جي تنگ مل ۾ اچي ڪتجي ويئي هئي. هو منهنجي پيءُ سان علاج ۽ معاوضي واسطي ڪيترائي ڀيرا ملڻ آيو. پر نتيجي ۾ هن کي مل مان خارج ڪيو ويو ۽ جڏهن بي رحم زندگي هن کي فٽ پاٽ تي اُڇلي ڇڏيو. تڏهن لل هن جي ننڍڙي دنيا ۾ هن جي زال بڻي...

* * *



پون سنڌي، بنيادي طور تي سنڌي زبان جو شاعر آهي ، پر سندس پهريون ڪتاب ترجمو ڪيل ڪهاڻين جو مجموعو "گوري گهاگهر ۽ گوندر" 1985 ۾ شايع ٿيو ۽ ٽيهارو ورهين جي وڇوڙي، کان پوءِ وري به اهو ساڳيو ڪتاب 2015 ۾ شايع ٿيو آهي ، جنهن مان سندس پرڏيهي ڪهاڻين ڏانهن لاڙي ۽ پڙهندڙن جي دلچسپيءَ جو ڏس ملي ٿو.

مون کي پون جي پهرين پيري ڇپيل ڪتاب ۾ ڪهاڻين جي ڪيل چونڊ وٺي هئي ته ڪتاب جي عنوان به پاڻ ڏانهن چڪيو هو . سندس چونڊيل ڪهاڻيون اسان جي سماج سان لهڪندڙ ۽ حالتن سان ميل کائيندڙ آهن، جن پنهنجين اصلوڪين بولين ۾ ضرور پنهنجي نمايان جڳهه ناهي هوندي ۽ اسان کي به ائين لڳو جڏ اسان جي پنهنجي بولي، جي ڪهاڻين مان ئي ڪنيون ويون هجن . اها ترجمي نگار جي وڏي ڪاميابي آهي .موجوده دور ۾ جتي سڀ ترجمي نگارن جي ڪوٽ آهي، اتي پون سنڌي جهڙن ليکڪن جو انهيءَ ميدان ۾ وڌيڪ ڪر ڪرڻ نه فقط هڪ نهايت سٺو اضافوآهي، پر نوان ٽرينڊ ۽ پرڏيهي ادب متعارف ڪرائڻ لاءِ نئين تهيءَ ۾ پڻ ٽساهه پيدا ٿيندو.

پون سنڌيءَ جو موجوده ڪتاب به ، پرڏيهي ڪهاڻين جو مجموعو آهي جيڪو سندس اعليٰ چونڊ ، ڪامياب ترجمي ۽ دلچسپ موضوعن تي مشتمل آهي ۽ پڙهندڙن جي دلين ۾ پنهنجي جڳهه ضرور ناهيندو. ان سان گڏو گڏ ڪائنس اها به اميد رکي سگهجي ٿي ته سندس شاعريءَ جو مجموعو، جيڪو هڪ عرصي کان ڇپائيءَ جي اِنتظار ۾ آهي ، پڙهندڙن کي جلد ملندو .

ولي رام ولپ

پڑهندڙ نَسُل . پ ن

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين " اُداس نسلين" نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪ "لُڙهندڙ نَسُل" نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ جڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڑا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندَڙُ، پاڙي، ڪاڦُ، پاڇوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَڳهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سيني وِچان "**پڑهندڙ**" نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، بين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنيe-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڑهندڙ نسل کي وَڏَڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاريِ تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڑهندڙ نسل (پَـنَ) کا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو کو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيکڏهن کو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري تو تہ پَکَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَـنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيکڏهن کو اهڙي ڪوشش ڪري تو تہ پَکَ ڄاڻو تہ اُهو بِہ ڪُوڙو آهي.

جَهڙيءَ طَرَح وٽن جا پَنَ ساوا، ڳاڙهـا، نيـرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڑهندڙ نَسُل وارا پَـنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾ پَـنَ کا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَـنَ جا سڀ ڪَـم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَـنَ پاڻ هِڪَـٻِئي جي مدد ڪَـرڻ جـي اُصـولَ هيـٺ ڏي وَڻُ ڪنـدا ۽ غيرتجـارتي non-commercial رهنـدا. پَـنَـن پـاران ڪتـابن کـي ڊِجيٽـائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان کو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيکڏهن کو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ پلي ڪمائي، رُڳو پَـنَـن سان اُن جو کو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پڑهندڙ نَسُل ـ پ ن The Reading Generation

پَنَن کي ڪُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليگڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٽائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڇاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

شيخ اَياز علمَ، ڇاڻ، سمجهَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہ ڇٽ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهَ هُيا جي سُرخ ڪُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛

گيتَ بہ ڇٽ گوريلا آهن.....

... ...

هي بيتُ اَتي، هي بَم- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڙُ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏُ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڄاڻائي کي پاڻُ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ "هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو" ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڑھڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۾ سماجي حالتن تان نظر کڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۾ حڪومتي پاليسيون policies اٽڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، چالاءِ ۽ ڪينئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽنر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻَ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ياڪي پائي چيو تہ "منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ".
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)